ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95)   اڱارو 08 سيپٽمبر 2026ع 25 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه   شمارو (24)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

صوبن جي معاملي تي سيني کي فيصلو ميڙڻو پوندو، مخالفت نه ٿيڻ گهرجي، افغانستان ۾ به 34، 35 صوبا آهن: خواجه آصف

صوبن يا انتظامي يونٽن جي جوڙجڪ قومي مسئلو آهي، ان جي ڪٿي به مخالفت نه ٿيڻ گهرجي، اها سٺي ڳالهه آهي ته اسلام آباد ۾ هڪ آزاد ادارو قائم ڪيو وڃي، جنهن کي اسيمبلي به چئي سگهجي ٿو

صوبائي حڪومت يا ڪيپيٽل جي حڪومت به چئي سگهجي ٿي، اهڙو نظام دنيا جي ڪيترين راڄڌانين ۾ موجود آهي، وزيراعظم ان حوالي سان ڪا ڳالهه ٻولهه ڪئي هجي، ان بابت مون کي خبر ناهي

جيڪڏهن وفاق ۾ اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي ٿو ته صوبن لاءِ به ان تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ نه هجڻ گهرجي، افغانستان ۾ اڳ ڪجهه صوبا هئا هاڻي اتي 34، 35 صوبا آهن

پيپلز پارٽي بابت ڪا اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي، ”صوبي“ جو لفظ شايد ماڻهن کي منجهائي ٿو، تنهن ڪري ”انتظامي يونٽ“ وارو لفظ استعمال ڪرڻ بهتر هوندو

ڪنهن به پارٽي جي سياسي مفادن جو تحفظ نه ڪيو وڃي، پاڪستاني عوام کي اهڙو سروس ڊليوري نظام ڏيڻ گهرجي، جنهن تحت ڪين سڀ کان هيٺين سطح تي سهولتون ۽ خدمتون فراهم ٿي سگهن: وزير دفاع

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) دفاع واري وفاقي وزير خواجا آصف چيو آهي ته صوبن يا انتظامي يونٽن جي جوڙجڪ قومي مسئلو آهي، ان جي ڪٿي به مخالفت نه ٿيڻ گهرجي. پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته انتظامي يونٽن بابت هن وقت وڪس کا چاڻ ناهي. هن چيو ته اها سٺي ڳالهه آهي ته اسلام آباد ۾ هڪ آزاد ادارو قائم ڪيو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

خيراتي يا مصنوعي مئنڊيٽ تي ويٺل ماڻهو قوم جا فيصلا نٿا ڪري سگهن: شرجيل ميمڻ

اڙهين ترميم جي نتيجي ۾ صوبن صحت، تعليم، توانائي ۽ ٻين شعبن ۾ نمايان ترقي ڪئي

ٿر مان ساڍا ٽي هزار ميگاواٽ کان وڌيڪ بجلي پيدا ٿي رهي آهي، جيڪا سڄي پاڪستان لاءِ آهي

سنڌ سالن کان ملڪ کي گيس جي وڏي پيداوار ڏئي رهيو آهي، پر بدلي ۾ جائز حصي جي گيس به نٿي ملي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اڙهين ترميم جي نتيجي ۾ صوبن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اسيمبلي ۾ ڳالهائي رهيو آهي

سينيٽ جي سيٽ جي چونڊ ملتوي ڪرڻ خلاف پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل، اليڪشن ڪميشن کي نوٽيس جاري

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي سياسي جماعتن کي تعليم کاتي جي مسئلن سان نه ڳنڍيو وڃي: سردار شاهه

ٻوڏن سبب هزارين اسڪول متاثر ٿيا، لڳ ڀڳ 6 هزار اسڪولن جي بحالي مڪمل ڪئي آهي

صوبي ۾ 97 هزار استاد ميرٽ ۽ شفافيت سان ڀرتي ڪيا، اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ 24 ارب رپيا ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

شهيدن جون قربانيون قوم جي آزادي ۽ خودمختياري جو بنياد آهن: مراد علي شاهه

سلام ڪراچي فيسٽيول شهر جي ثقافت، تنوع ۽ شهري فخر کي اجاگر ڪيو آهي

اسان ڪراچي جي هر حصي تائين ترقي ۽ بنيادي سهولتون پهچائڻ لاءِ پرعزم آهيون

هٿياربند فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏينهن پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ شهيدن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو سندن قربانين کي ملڪ جي امن استحڪام ۽ ترقي جو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير سردار شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪراچي ۾ مختلف حادثن ۽ واقعن دوران ٻن عورتن سميت 5 ڄڻا فوت

پاڪ ڪالوني ۾ ڦر دوران مزاحمت تي فائرنگ، نوجوان مارجي ويو، هڪ زخمي

اورنگي ۽ ناظم آباد ۾ ٻن ڄڻن جا لاش هٿ، مختلف واقعن جي جاچ جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار ڊمپر نينگر حياتي کسي ورتي، وارثن جو احتجاج

دوست سان گڏ سامان وٺڻ لاءِ نڪتل حمزه حادثي ۾ فوت، لاش اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي زمان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد ڪرسچن فيملي لاز بل پيش ڪري ڇڏيو

بل سنڌ ۾ رهندڙ مسيحي برادري جي شادي جي قانون کي جديد بهتر بنائڻ لاءِ قانوني ڍانچو فراهم

ڪرسچن فيملي لاز بل ۾ مسيحي جوڙي جي شادي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ عمر 18 سال تجويز ڪئي وئي

بل پاس ٿيڻ کان پوءِ مسيحي خاندانن ۾ برابري جي روايت کي هٿي ملندي ۽ امتيازي سلوڪ جو خاتمو ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مناريٽي ڪاڪس جي سب ڪميٽي جا ميمبر اينٿوني نويد، ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ۽ مهيش ڪمار هاسيجا ڪرسچن فيملي لاز بل 2026 پيش ڪري رهيا آهن

وڏي وزير سان ڪي پي جي گورنر جي ملاقات، صوبن وچ ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

ملاقات ۾ ملڪ جي گڏيل سياسي، معاشي ۽ قومي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ٻنهي اڳواڻن پاران قومي ٻڌي، جمهوري قدرن ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جو عزم

وفاق تڏهن ئي مضبوط ٿيندو جڏهن صوبا مضبوط ٿيندا، سهڪار وقت جي اهم ضرورت آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان گورنر خيبرپختونخوا فيصل ڪريم ڪنڊي وزيراعليٰ هائوس ڪراچي ۾ ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شهيد پوليس اهلڪار جي جنازي نماز ادا، خراج تحسين پيش

ڪورنگي ۾ شهيد ٿيل اويس تنولي جي جنازي نماز ۾ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سنڌ پوليس پنهنجي شهيدن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نٿي سگهي: جاويد عالم اوڍو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪورنگي ۾ دوران ڊيوٽي شهيد ٿيل سنڌ پوليس جي ڪانسٽيبل اويس تنولي جي نماز جنازه

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي عدالت پاران منشيات اسمگلنگ ڪيس ۾ 9 ڄڻن کي عمر قيد جي سزا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسدادِ منشيات

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

نوان صوبا ڪنهن به حالت ۾ نه ٺهندا پر محسن نقوي جي نوڪري ضرور ويندي: سعيد غني

پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي نئين صوبي جي قيام خلاف آهن، ان ڪري ئي اهي اسيمبلي ڇڏي ڀڄي ويا

پاڪستان کي ٻين ملڪن کان خطرو نه هجڻ وارو پنجاب جي وڏي وزير جو بيان انتهائي غيرذميواراڻو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته جيڪڏهن محسن نقوي اهو چئي ٿو ته صوبا ٺهندا يا سندس نوڪري ويندي ته منهنجي خيال ۾ سندس

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: ايم پي اي سردار سهيل انور خان سيال شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهائي رهيو آهي

قوم نيوي اهلڪارن جي قربانين کي سدائين ياد رکندي: وقتي صدر

پاڪستان امن پسند ملڪ، علائقائي امن، استحڪام ۽ تعاون لاءِ پرعزم آهي

پاڪ فوج جي جوانن جون پيشيوارانه خدمتون پوري قوم لاءِ فخر جوڳيون آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني پاڪستان نيوي ڊي جي موقعي تي پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير جو سي ڊي اي فيسليٽيشن سينٽر جو دورو، شهرين کان مسئلا پڇيا

وفاقي وزير سينٽر سڀني ڪائونٽرن جو دورو ڪيو ۽ بزرگ شهرين جي مسئلن کي حل جي هدايت ڪئي

گهرو وزير محسن نقوي عمارت جي رنگ روغن سان گڏوگڏ نوان ڪائونٽرز ٺاهڻ جو پڻ حڪم ڏنو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سي ڊي اي جي فيسليٽيشن سينٽر جو اوچتو دورو ڪيو. وفاقي وزير فيسليٽيشن سينٽر ۾ موجود شهرين کان سڌي ريت مسئلا پڇيا. گهرو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آمريڪا: ايمازون ڪمپني جي ڪارگو جهاز حادثي ۾ پنج ڄڻا فوت، 5 زخمي

حادثو فلوريڊا رياست جي ميامي شهر ۾ ان وقت پيش آيو، گاڏي وڻ سان ٽڪرائجي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ۾ ايمازون ڪمپني جي ڪارگو جهاز حادثي ۾ پنج ڄڻا فوت ۽ پنج زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب حادثو فلوريڊا رياست جي ميامي شهر ۾ ان وقت پيش آيو جڏهن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪ فضائيه جي بهادر شاهينن ملڪ جو دفاع ناقابل تسخير بڻايو آهي: اويس قادر شاهه

فضائي معرڪن ۾ پيشه ورانه برتري شاندار قيادت ۽ منصوبابندي جو نتيجو آهي

دشمن ڪيترو به طاقتور هجي، پاڪستاني عزم کي شڪست نٿو ڏئي سگهي: اسپيڪر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جو يوم فضائيه جي موقعي تي پاڪ فضائيه جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ کي اجازت نه ملڻ سبب جلسو ملتوي ڪيو ويو

ايم نائن موٽر وي، سهراب ڳوٺ، ايم اي جناح روڊ سميت سمورين روڊن تان رڪاوٽون هٽايون ويون

پيپلز پارٽي جو جلسو به هجي ها ته به انتظاميا پاران ڪنٽينر لڳايا وڃن ها: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ کي شاهراهه قائدين ڪراچي تي جلسي جي اجازت نه ملي جنهن بعد جلسو منسوخ ڪيو ويو. رات دير سان ايم نائن موٽر وي، سهراب ڳوٺ، ايم اي جناح روڊ، شاهراهه قائدين ۽ راشد منهاس روڊ سميت سمورين روڊن تان رڪاوٽون هٽايون ويون. جنهن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ بجلي بحران ۽ لوڊشيڊنگ تي ڳڻتي، پاور ڪمپنين جا سربراهه طلب ڪيا وڃن: اسپيڪر

مخالف ڌر پاران سنڌ ۾ ايڇ آءِ وي ۽ ايڊز جي پکڙجڻ بابت پيش ڪيل قرارداد رد ڪئي وئي

اجلاس دوران ايم ڪيو ايم جي رڪن عامر صديقي ايڇ آءِ وي ۽ ايڊز جي وڌندڙ پکڙجڻ بابت قرارداد پيش ڪئي

قرارداد ۾ ڪيل مطالبن تي اڳ ئي ڪم ٿي چڪو آهي ۽ انڊومينٽ فنڊ پڻ قائم ڪيو ويو آهي: سعيد غني

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سومر ڏينهن اسپيڪر

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ايئر فورس سڄي ملڪ جي سمورين پي اي ايف بيسز تي 7 سيپٽمبر شهيدن جي ڏهاڙي طور ملهايو

اي اين ايف پاران ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون، 8 ڪارروائين ۾ 8 جوابدار گرفتار

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون ۾ 8 ڪارروائين دوران

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي اسپنسر آءِ اسپتال ۾ مريضن جو مفت علاج ٿئي ٿو: مرتضيٰ وهاب

سٽي ميئر پاران اسپتال جي مختلف وارڊن، اسٽور روم ۽ ٻين شعبن جو معائنو ڪيو ويو

ڪي ايم سي جي اسپتالن کي جديد سهولتن سان وڌيڪ فعال بڻائڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايس ڪي اڪيڊمي ۾ يوم دفاع پاڪستان جي پروقار تقريب منعقد

شاگردن ٽيبلوز ۽ تقريرن ذريعي پاڪ فوج جي شهيدن ۽ قومي هيروز کي خراج عقيدت پيش ڪيو

پاڪستاني هٿياربند فوجن دشمن جا ارادا ناڪام بڻائي وطن جو ڪاميابيءَ سان دفاع ڪيو: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس ڪي اڪيڊمي ۾ يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فيڪٽري ۾ باهه لڳڻ جو وڏي وزير نوٽيس ورتو، ڪمشنر ۽ انتظاميا کان رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لانڍي ۾ ڪپڙي جي فيڪٽري ۾ باهه سنڌ جي وڏي وزير

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: شهيد ٿيل پوليس اهلڪار جي جنازي نماز ۾ آءِ جي سنڌ ۽ آفيسر شريڪ آهن

سنڌ جي تعليم واري وزير پاران کاتي بابت غلط ڊيٽا شيئر ڪرڻ تي سينيئر صحافي کان معافي وٺڻ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي تعليم واري وزير سردار شاهه سنڌ جي تعليم کاتي بابت غلط ڊيٽا شيئر ڪرڻ تي هڪ سينيئر صحافي کان معافي وٺڻ جو مطالبو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي خانگي ڪمپني ۾ اوچتو باهه ، ساهه ٻوسائجڻ سبب 3 ڄڻا بيهوش

بيهوش ٿيل ٻن مردن ۽ هڪ عورت کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو

باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ فائرفائٽنگ آپريشن شروع، سبب ۽ نقصان جي جاچ جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لانڍي ۾ ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون ويجهو هڪ ڪمپني ۾ اوچتو باهه ڀڙڪي پئي جنهن

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي شاهه لطيف ٽائون ۾ پوليس مقابلو، مبينا ڦورو مارجي ويو

شهري کان موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿيندڙ جوابدار پوليس سان مقابلي ۾ زخمي ٿيو

جوابدار اسپتال ۾ فوت ٿي ويو، پستول، 4 موبائل فون ۽ موٽر سائيڪل هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي جي پوليس گشت دوران شهري کان موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿيندڙ مبينا ڦوري

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

يوم دفاع پاڪ فضائيه جي شاهينن جي جوش کي آسمان جي اوچائين ۾ ڪاميابين سان همڪنار ڪيو: وزيراعظم

پاڪ فضائيه جي ڏينهن جي يادگار تي پاڪ فضائيه جي سڀني آفيسرن ۽ جوانن کي پيشيوارانه تاريخ دوران شاندار ڪارڪردگي تي دلي خراج تحسين

قوم کي فخر آهي ته پاڪ فضائيه هڪ ڀيرو ٻيهر تعداد ۾ گهٽ هجڻ جي باوجود دشمن جو مقابلو ڪرڻ جي پنهنجي شاندار روايت کي برقرار رکيو

يقين آهي ته پاڪ فضائيه سدائين وانگر هر ممڪن چئلينج کي منهن ڏيندي ملڪ جي خودمختياري ۽ فضائي سرحدن جي دفاع لاءِ مڪمل طور تي تيار رهندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته سيپٽمبر 1965ع

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ايران سان جنگ نار ملڪن جون ڪمزوريون وائکيون، رڳو آمريڪا تي ڀاڙي نٿو سگهجي، بچاءُ لاءِ ڀاڱيوار ٿيڻو پوندو: قطر

ابوظهبي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قطر جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف پاران سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج جسٽس (ر) خليل الرحمان رمدي جي عيادت

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سبينا قريشي ۽ JICA پاڪستان جي سينئر نمائندي مسٽر سوگوارا تاڪايوڪي سنڌو درياءَ تي ٻوڏ کان بچاءُ ۽ بند جي بهتري جي منصوبي لاءِ گرانٽ معاهدي تي صحيحون ڪندي

سنڌ ۾ ٻوڏ کان بچاءُ جي بنيادي ڍانچي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ جاپان سان معاهدو ٿي ويو

اقتصادي معاملن واري وزارت طرفان پاڪستان ۽ جاپان وچ ۾ ٿيل معاهدي تحت صحيحون ڪيون ويون

منصوبي سان ٻوڏ جي خطرن ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ٿيندو

لاڙڪاڻي ۾ سنڌو درياهه ڪاٻي ڪناري تي واقع اولڊ آباد بند کي بهتر ۽ مضبوط بڻايو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ جاپان وچ ۾ ٻوڏ کان تحفظ جي منصوبي لاءِ معاهدي تي صحيحون ٿيون. اقتصادي معاملن واري وزارت طرفان سومر ڏينهن جاري بيان مطابق جاپان سنڌ ۾ ٻوڏ کان تحفظ جي منصوبي لاءِ 2.58 ارب جاپاني

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ويتنام ۾ هوٽل ۾ باهه لڳڻ سبب 2 ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

هنوئي (اي پي پي) ويتنام جي شهر هوچي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

غزه: اسرائيلي حملن ۾ 2 ٻارن سميت 4 ماڻهو شهيد

غزه جي اولهه علائقي ۾ هڪ گاڏي کي فضائي حملي ۾ نشانو بڻايو

غزه (اي پي پي) غزه ۾ اسرائيلي حملن ۾ 2 ٻارن سميت 4 ماڻهو شهيد ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق غزه جي سڀ کان وڏي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪستان والاريل ڪشمير جي حيثيت بابت ڀارت جي بي بنياد دعوائن کي واضح رد ڪري ڇڏيو: پرڏيهي ترجمان

ڀارت جا هڪطرفا قدم ۽ مسلسل غيرقانوني قبضو جموں ۽ ڪشمير جي عالمي سطح تي مڃيل تڪراري حيثيت تبديل نٿا ڪري سگهن

سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي موجود قديم ترين حل طلب ۽ عالمي سطح تي مڃيل تڪرارن مان هڪ آهي

ڀارت جي نام نهاد سرڪاري نقشن ۽ هٺ لوڪي خودمختياري جي دعوائن جو تڪراري علائقي جي حيثيت تي ڪو اثر نه ٿو پوي

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان سفير سجاد حيدر خان چيو آهي ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ صاف هوا نيرو آسمان بابت عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس ۾ ڪيترن ئي ايس ايس پيز ۽ ايس پيز جون بدليون ۽ مقرريون

فاروق احمد بجاراڻي شهيد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيدآباد جو ڪمانڊنٽ مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس کاتي ۾ آفيسرن جي بدلين ۽ مقررين جو سلسلو جاري آهي. آءِ جي سنڌ جاويد احمد اوڍو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ ورهائڻ جي منصوبي خلاف جدوجهد ۾ منهنجو رت به شامل هوندو: سهيل آفريدي

سنڌ جي عوام جي جذبن جو احترام ڪريون ٿا، صوبي کي ورهائڻ قبول ناهي

ملڪ ۾ آئيني ۽ قانوني بجاءِ اهڙو نظام آهي جنهن سڀني ادارن کي غير مؤثر ڪري ڇڏيو آهي

27 سيپٽمبر تي ساٿ ڏيو، ڪراچي بند ڪريو، هڪ هفتي اندر حڪمران گوڏا کوڙيندا: پي ٽي آءِ اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪي پي ڪي جي وڏي وزير ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ سهيل آفريدي چيو آهي ته ملڪ ۾ ٻين صوبن بابت

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني سان نوائي وقت جي پبلشر ۽ ايڊيٽر رميزه مجيد نظامي دي نيشن جي ايڊيٽر سلمان مسعود ۽ ٻيا ملاقات ڪندي

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

لبنان: اسرائيلي حملن ۾ ٻن ٻارن سميت 11 ڄڻا شهيد

بيروت (اي پي پي) ڏکڻ لبنان جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2


STS™ SIBA Testing Services
SIBA TESTING SERVICES
MERIT | TRANSPARENCY | TECHNOLOGY
MDCAT TEST 2026
20TH SEPTEMBER, 2026
BUILDING POSSIBILITIES SHAPING FUTURE
SIBA Testing Services will conduct the Medical & Dental Colleges Admission Test (MDCAT) on Sunday, 20th September, 2026.
TEST CENTERS
ISLAMABAD
Pakistan National Council of Arts (PNCA), Sector F-5/1, Islamabad
KARACHI
1. NED University of Engineering & Technology Karachi
2. Dow University of Health Sciences, Ojha Campus, Karachi
HYDERABAD
Public School, Unit No. 03, Latifabad, Hyderabad
JAMSHORO
Liaquat University of Medical & Health Sciences, Jamshoro
MIRPURKHAS
Mir Sher Muhammad Talpur Public School, Mirpurkhas
LARKANA
Police Training School Ground, Larkana
SHAHEED BENAZIRABAD
Quaid-e-Awam University of Engineering, Science & Technology (QUEST), Shaheed Benazirabad
SUKKUR
IBA-Public School, Gate # 03, Old Airport Road, Kheerthar Canal, Near Bashirabad,
- Total Test Duration: 3 Hours (180 Minutes).
- Please be punctual regarding the Reporting time.
- Dedicated waiting areas are available for parents at all test centers.
- No candidate shall be allowed to leave the examination hall before the completion of the total test time.
- The required stationery and clean drinking water shall be provided by STS to all the candidates.
SIBA TESTING SERVICES
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur, Sindh | 071-5644200 | http://www.iba-suk.edu.pk/sts/announcements

بقايا 1 روزاني عبرت

اهلڪارن کي خراج تحسين پيش ڪندي ملڪي سامونڊي سرحدن، سامونڊي سلامتي ۽ قومي مفادن جي تحفظ ۾ انهن جي ڪردار کي ساراهيو آهي پنهنجي پيغام ۾ وقتي صدر چيو ته پاڪستان نيوي ڏي پاڪ بحريه جي جرئت، قربانين ۽ پيشيوراڻي صلاحيتن کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن آهي هن چيو ته 1965ع جي جنگ دوران پاڪ بحريه غيرمعمولي بهادري ۽ حڪمت عملي جو مظاهرو ڪندي ملڪ جي سامونڊي حدن جي دفاع جي عزم جو ثبوت ڏنو سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب سيد يوسف رضا گيلاني آپريشن سومنات کي پاڪ بحريه جي حڪمت عملي، جرئت ۽ پيشيوراڻي مهارت جو هڪ نمايان مثال قرار ڏيندي چيو ته ان آپريشن دشمن جي دفاعي صلاحيتن کي نمايان نقصان پهچايو ۽ اهو ملڪي دفاعي تاريخ جو هڪ فخرجوڳو باب آهي هن چيو ته گذريل سالن دوران پاڪ بحريه هڪ جديد ۽ گهڻ رخي قوت جي طور تي ترقي ڪري چڪي آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

وزير فيسليٽيشن سينٽر ۾ ايجنٽس جي موجودگي جو سخت نوٽيس وٺندي ايجنٽس خلاف ڀرپور ايڪشن جو حڪم ڏنو ۽ چيو ته فيسليٽيشن سينٽر ۾ ڪو ايجنٽ نظر نه اچڻ گهرجي. وفاقي وزير سينئر سٽيزن ڪائونٽر جو به دورو ڪيو ۽ بزرگ شهرين جي مسئلن کي فوري حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. گهرو وزير ڪائونٽرز تي ڊگهين قطارن، رش ۽ انتظار تي ناراضگي جو اظهار ڪيو ۽ هدايت ڪئي ته فيسليٽيشن سينٽر ايندڙ شهرين کي بهترين انداز ۾ مينيج ڪيو وڃي. گهرو وزير عمارت جي رنگ روغن سان گڏوگڏ نوان ڪائونٽرز ٺاهڻ جو پڻ حڪم ڏنو

بقايا 3 روزاني عبرت

ايمازون جو مال بردار جهاز رن تي لهي رهيو هو جڏهن ته هو پنهنجي جاءِ تي نه رڪجي سگهيو ۽ اڳتي نڪري گاڏين سان ٽڪرائجي ويو جنهن جي نتيجي ۾ باهه لڳي وئي ميامي جي فائر ڊپارٽمينٽ جي اڳواڻ ٻڌايو ته 5 زخمين مان 3 کي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو آهي انهن جي حالت ڳنڀير جوڳي ٻڌائي پئي وڃي. هن چيو ته جهاز ڪجهه گاڏين سان ٽڪرائجي ويو انهن مان ڪجهه ماڻهون گاڏين اندر ڦاسي پيا. هن چيو ته مشڪل آپريشن ڪانپوءِ ٻنهي پائليٽن کي ٻاهر ڪڍيو ويو رپورٽ موجب جهاز پورٽوريڪو کان ٻنپهرن جي وقت ميامي پهتو هو جنهن جي فوري بعد باهه وسائڻ واريون گاڏيون رن وي طرف وينديون ڏٺيون ويون اختيارين موجب حادثي جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو ۽ هوابازي بابت وفاقي اداري جي جاچ ڪانپوءِ ان بابت رپورٽ جاري ڪئي ويندي

بقايا 4 روزاني عبرت

وڃي، جنهن کي اسيمبلي به چئي سگهجي ٿي صوبائي حڪومت يا ڪيبينٽ جي حڪومت به چئي سگهجي ٿي، اهڙو نظام دنيا جي ڪيترن راڄڌانين ۾ موجود آهي. خواجا آصف چيو ته پارٽي جي حيثيت سان ان معاملي تي ڪنهن ڳالهه ٻولهه جو ڪيس پتو ناهي جڏهن ته وزيراعظم ان حوالي سان ڪا ڳالهائي ڪئي هجي، ان بابت به ڪيس خبر ناهي بچاءَ واري وزير چيو ته جيڪڏهن وفاق ۾ اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي ٿو ته صوبن لاءِ به ان تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ نه هجڻ گهرجي هن چيو ته افغانستان ۾ اڳ ڪجهه صوبا هئا، هاڻي اتي 34، 35 صوبا آهن جڏهن ته اشرف غني سان ملاقات دوران هن ٻڌايو هو ته ان سان عوامي خدمت ۾ بهتري آئي آهي. خواجا آصف چيو ته هي هڪ قومي مسئلو آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

صحت، تعليم توانائي ۽ ٻين شعبن ۾ نمايان ترقي ڪئي افسوس جي ڳالهه هيءَ آهي ته اڄ وفاقي حڪومت جا ڪجهه وزير ارڙهين ترميم جي خلاف ڳالهائي رهيا آهن. انهن کي پهريان ان ترميم جي فائدن ۽ ان جي نتيجي ۾ صوبن جي ڪارڪردگي کي ڏسڻ گهرجي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڳالهائيندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته توهان جناح اسپتال جو مثال وٺي ڏسو ارڙهين ترميم کان پهريان ان جي صورتحال ڇا هئي ۽ اڄ ڇا آهي؟ اين آءِ سي وي ڊي پاڪستان جي بهترين طبي ادارن ۾ شمار ٿئي ٿو سڄي ملڪ مان هزارين ماڻهو مفت علاج لاءِ اچن ٿا هي انهيءَ نظام ۽ صوبائي اختيارن جو نتيجو آهي هن چيو ته جيڪڏهن ٿر ڪول جو مثال ورتو وڃي ته اڄ ٿر مان ساڍا ٽي هزار ميگاواٽ کان وڌيڪ بجلي پيدا ٿي رهي آهي هيءَ بجلي صرف سنڌ يا ڪنهن هڪ شهر لاءِ ناهي بلڪ سڄي پاڪستان لاءِ آهي ۽ نيشنل گرڊ ۾ شامل ٿي رهي آهي، سنڌ جي وسيلن مان پيدا ٿيندڙ هيءَ توانائي سڄي ملڪ کي فائدو پهچائي رهي آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته صحت، تعليم ۽ انفراسٽرڪچر جي شعبن ۾ سنڌ ارڙهين ترميم کان پوءِ نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي سکر جهڙن شهرن ۾ يونيورسٽيون ۽ جديد طبي سهولتون قائم ٿيون آهن سنڌ جو هيلٿ ڊپارٽمينٽ اڄ پنهنجن پيرن تي بيٺل آهي ۽ صوبو پنهنجن وسيلن ذريعي عوام کي سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي هن چيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ وفاقي وزيرن جا صوبن ۽ ارڙهين ترميم بابت اهڙا بيان سامهون آيا آهن جيڪي انتهائي افسوسناڪ آهن مصطفيٰ ڪمال، احسن اقبال، خواجه آصف يا ڪنهن ٻئي وفاقي وزير کي ارڙهين ترميم يا صوبن جي اختيارن تي ڪو اعتراض آهي ته پارليامينٽ ۾ اچي ڳالهائين اسيمبليءَ ۾ اسان جا نمائندا موجود آهن جيڪي توهان جي هر ڳالهه جو آئيني قانوني ۽ انگن اکرن سان جواب ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿا، توهان ميڊيا آڏو يا عوامي ميڙاڪن ۾ ويهي بيان ڏئي سگهو ٿا، پر جيڪڏهن واقعي دليل ۽ موقف آهي ته اسيمبليءَ ۾ اچي ڳالهائين بدقسمتيءَ سان اڄ اهڙا ماڻهو ارڙهين ترميم تي ليڪچر ڏئي رهيا آهن جيڪي فارم 47 جي پيداوار آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته منهنجي انهن تمام وفاقي وزيرن کي گذارش آهي ته پهريان عوام ۾ وڃن، عوام کان ووٽ وٺي چونڊجي اچن پوءِ قوم جي فيصلن تي ڳالهائين. خيراتي يا مصنوعي مئنڊيٽ تي ويٺل ماڻهو قوم جا فيصلا نٿا ڪري سگهن. قوم جا فيصلا اهي ماڻهو ڪندا جن کي قوم پنهنجي ووٽ سان چونڊيو آهي. توهان ماڻهو پهريان عوام ۾ وڃو ووٽ وٺي اچو توهان ماڻهو خيراتي مئنڊيٽ وٺي هتي ويٺا آهيو توهان ماڻهو ويهي قوم جا فيصلا نه ڪندؤ. قوم جا فيصلا چونڊيل نمائندا ئي ڪندا. هن چيو ته سوئي گيس جي ڳالهه ڪريون ته سنڌ سالن کان ملڪ کي گيس جي وڏي پيداوار ڏئي رهيو آهي، پر بدلي ۾ سنڌ کي ان جي جائز حصي جي گيس به نٿي ملي بجليءَ جي ڳالهه ڪريون ته ٿرپارڪر مان صرف ڪوئلي ذريعي ساڍا ٽي هزار ميگاواٽ کان وڌيڪ بجلي پيدا ٿي رهي آهي ان کان علاوه ونڊ پاور ڪلين انرجي ۽ ٻيا توانائيءَ جا منصوبا به سنڌ ۾ قائم آهن اسان انرجي پارڪ ٺاهيا آهن ونڊ پاور جا منصوبا لڳايا آهن. پر ان جي باوجود توانائيءَ جي بحران جو سڀ کان وڏو بار سنڌ جا عوام برداشت ڪري رهيا آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان کي بار بار چيو ويندو آهي ته پنجاب جون موٽرويز ڏسو اتي سٺا روڊ رستا آهن مان پڇان ٿو پنجاب جون موٽرويز پنجاب حڪومت ٺاهيون آهن؟ نه اهي وفاقي حڪومت جا منصوبا آهن ۽ وفاق وٽ جيڪي وسيلا آهن، انهن ۾ سنڌ مان حاصل ٿيندڙ ٽيڪس جو هڪ وڏو حصو شامل آهي جڏهن سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس ڏيندڙ صوبي مان ريوينيو ورتو وڃي ٿو ته وفاق جي به اها ذميواري بڻجي ٿي ته ان صوبي جي بنيادي ڍانچي تي به انهيءَ سنجيدگيءَ سان سيڙپڪاري ڪري، هن چيو ته سڄي سنڌ ۾ اڄ تائين هڪ مڪمل موٽروي جو اهو نيٽ ورڪ ناهيو ويو جيڪو پنجاب ۾ موجود آهي پنجاب ۾ موٽرويز ٺهن ٿيون ته ان جو ڪريڊٽ صوبائي حڪومتن يا سياسي پارٽين کي ڏنو ويندو آهي جيتوڻيڪ اهي وفاقي حڪومت جا منصوبا ۽ وفاقي وسيلن سان تعمير ٿين ٿا. سنڌ به ان وفاق جو حصو آهي ته پوءِ سنڌ سان گڏ هي امتيازي سلوڪ/ چو؟ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گيس جي سڀ کان وڌيڪ پيداوار سنڌ مان ٿئي ٿي پر سنڌ جي عوام کي پنهنجي ضرورت موجب گيس نٿي ملي بجلي سنڌ ۾ پيدا ٿئي ٿي ٿر مان بجلي قومي گرڊ ۾ وڃي ٿي پر لوڊشيڊنگ به سنڌ جا عوام ئي ڀوڳي رهيا آهن هن چيو ته اسان جون نشستون گهڻو ڪري ٻهراڙي واري سنڌ ۾ آهن اتي صورتحال اها آهي ته ڪجهه علائقن مان ٽرانسفارمر ئي ٻاهر ڪڍي ويا آهن حيسڪو ۽ سيپڪو وارا چون ٿا ته ڪجهه ماڻهن بجليءَ جا بل ادا ناهن ڪيا، جيڪڏهن ڪجهه ماڻهن بل ادا ناهن ڪيا ته انهن ڪجهه ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪريو انهن جا ڪنيڪشن ڪٽيو انهن کان بقاياجات وصول ڪريو سڄي ڳوٺ يا سڄي علائقي کي سزا ڏيڻ ڪهڙو انصاف آهي؟ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته توهان اجتماعي سزا نٿا ڏئي سگهو هي بنيادي انساني ۽ آئيني اصولن جي خلاف آهي. مون اڄ کان تقريباً اٺ سال پهريان انهيءَ معاملي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي هئي، جنهن جو اسپيڪر صاحب به اڄ ايوان ۾ ذڪر ڪيو پر افسوس جو اڄ تائين اها پٽيشن التوا ۾ آهي ۽ ڪو ان کي هٿ لائڻ لاءِ تيار ناهي هن چيو ته هي صرف هڪ انتظامي مسئلو ناهي، هي اجتماعي سزا جو معاملو آهي هي پاڪستان جي آئين جي بنيادي اصولن جي خلاف آهي واپڊا، حيسڪو ۽ سيپڪو کي پنهنجي نااهليءَ جو بار عوام تي وجهڻ بدران پنهنجو موثر ۽ منصفاڻو نظام ٺاهڻو پوندو ڪجهه ماڻهن جي بل نه ڏيڻ جي سزا پوري علائقي کي نٿي ڏئي سگهجي، وفاقي ادارن کي پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻي پوندي ۽ سنڌ جي عوام سان امتيازي سلوڪ ختم ڪرڻو پوندو

بقايا 6 روزاني عبرت

سينيٽ جي خالي سيٽ تي چونڊون ملتوي ڪرڻ خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ عرفان سليم طرفان داخل درخواست تي پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تائين جواب طلب ڪري ورتو درخواست جي ٻڌڻي پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس وقار احمد ۽ جسٽس فرح جمشيد تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ڪئي ٻڌڻي دوران درخواستگذار عرفان سليم جي وڪيل علي گوهر دراني ايڊووڪيٽ عدالت کي ٻڌايو ته دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت طرفان مراد سعيد کي سزا ٻڌائڻ بعد اليڪشن ڪميشن ان جي سينيٽ جي سيٽ خالي قرار ڏني هئي وڪيل موجب اليڪشن ڪميشن 23 اپريل تي خيبرپختونخوا جي خالي ٿيل سيٽ تي چونڊن جو شيڊول جاري ڪيو آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه سنڌ جي وحدت، صوبائي خودمختياري ۽ تعليم کاتي بابت ٿيندڙ تنقيد جو جواب ڏيندي چيو آهي ته سنڌ جي سياسي جذبن ۽ تعليم جي شعبي کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي نه ڏسڻ گهرجي، اسان ڪنهن سان وڙهڻ لاءِ نه ويٺا آهيون پر سنڌ جي عوام جي جذبن کي مجروح نه ڪيو وڃي سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم نمبر 1 ۾ صوبائي وزير جام خان شورو ۽ سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد سان گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي صوبائي وزير تعليم چيو ته ٻه ڏينهن اڳ هڪ نامور صحافي تعليم کاتي جي ڊيٽا کي هڪ سياسي بيان سان ڳنڍيو جڏهن ته ٻنهي معاملن جو پسمنظر ۽ تناظر مختلف هو هن چيو ته تعليم کاتي بابت جيڪا ڊيٽا پيش ڪئي وئي اها درست نه هئي تنهن هوندي به عوامي ردعمل ڪانپوءِ ان جي درستگي پڻ ڪئي وئي سيد سردار علي شاهه چيو ته ميڊم فريال ٽالپر جي سنڌ جي وحدت بابت ڳالهه ٻولهه هڪ سياسي ۽ جذباتي معاملي جي تناظر ۾ هئي جنهن ۾ سنڌ جون مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن جي گڏيل آواز جي نمائندگي ڪئي وئي هئي هن چيو ته ان ڳالهه کي تعليم کاتي جي غلط ڊيٽا سان ڳنڍڻ ڪنهن پروفيشنل صحافي کي نٿو سونهين هن چيو ته هو حامد مير پاران ڊيٽا جي درستگي ڪرڻ واري عمل کي ساراهين ٿا، تنهن هوندي به اميد هئي ته سنڌ جي عوام جا جذبات مجروح ٿيڻ تي هو باقاعده معذرت پڻ ڪري ها. سندس چوڻ هو ته ڊيٽا جي غلطي جي درستگي ڪرڻ واري عمل کي ساراهيان ٿو صوبائي وزير تعليم چيو ته تعليم کاتو انتهائي اهم شعبو آهي ۽ ان جي مسئلن کي صرف سنڌ يا ڪنهن هڪ صوبي تائين محدود ڪري نه ڏسڻ گهرجي پاڪستان جو تعليمي نظام 1947ع کان مختلف پيچيدگين جو شڪار رهيو آهي ۽ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جو مسئلو پڻ سڄي ملڪ جو گڏيل مسئلو آهي هن چيو ته جيڪڏهن سنڌ ۾ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي انگن اکرن تي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ ٻين صوبن جا انگ اکر پڻ سامهون رکڻ گهرجن هن چيو ته صرف سنڌ کي تعليمي مسئلن جو ذميوار قرار ڏيڻ درست ناهي سيد سردار علي شاهه چيو ته 2020ع ۽ 2022ع جي ٻوڏ دوران سنڌ جا هزارين اسڪول مڪمل يا جزوي طور متاثر ٿيا ۽ ڪيترائي اسڪول تدريسي عمل جاري رکڻ جي قابل نه رهيا. سندس چوڻ هو ته ان وڏي نقصان باوجود سنڌ ۾ تدريسي عمل بند نه ٿيو ايستائين جو ڪجهه هنڌن تي ٻار اڄ به مختلف مشڪلاتن باوجود تعليم حاصل ڪري رهيا آهن هن چيو ته سنڌ حڪومت هڪ ٽي مرحلي ۾ 97 هزار استاد ڀرتي ڪيا، جن ۾ سنڌ جي نوجوانن خاص طور عورت اميدوارن کي ميرٽ ۽ شفافيت ذريعي موقعا فراهم ڪيا ويا. سندس چوڻ موجب ايتري وڏي انگ ۾ نوجوانن جو روزگار حاصل ڪرڻ پڻ هڪ اهم ڪاميابي آهي حامد مير جهڙن ماڻهن کي اهڙن عملن کي پڻ اجاگر ڪرڻ گهرجي صوبائي وزير تعليم چيو ته سنڌ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٽيچنگ لائسنس متعارف ڪرايو جنهن تي عملدرآمد پڻ شروع ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان جو ٻيو مرحلو پڻ اچڻ وارو آهي هن چيو ته سنڌ جا کنيل قدمن کي ٻيا صوبا پڻ اختيار ڪري رهيا آهن ۽ کين ان ڳالهه تي خوشي آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان پنجاب، خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان سميت سڀني سندن لاءِ هڪجهڙا اهم آهن

بقايا 8 روزاني عبرت

بنياد قرار ڏنو جڏهن ته هڪ صاف ستري سرسبز محفوظ ۽ وڌيڪ شموليت وارو ڪراچي ٺاهڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم جو اعادو ڪيو فريئر هال ۾ 15 ڏينهن واري سلام ڪراچي فيسٽيول جي پڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته وطن جي دفاع ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ بهادر مرد ۽ عورتون ايندڙ نسلن لاءِ هميشه مشعل راهه رهنديون هن چيو ته پاڪستان جا اهي بهادر پٽ ۽ ڌيئرون جن اسان جي وطن جي دفاع لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون اهي اسان جا قومي هيرو آهن سندن قربانين اسان جي آزادي جو تحفظ ڪيو اسان جي خودمختياري جي حفاظت ڪئي ۽ بحاليءَ قوم اسان جي عزم کي مضبوط ڪيو يوم دفاع جي مناسبت سان منعقد ٿيندڙ هيءَ تقريب هڪ شهرگيري فيسٽيول جي پڄاڻي جي علامت هئي جنهن ثقافتي، ادبي، راندين ۽ تفريحي سرگرمين جي هڪ سلسلي ذريعي ڪراچي جي ثقافت، تنوع، ورثي ۽ برادري جي جذبي جو جشن ملهايو مراد علي شاهه چيو ته ملڪ ۾ اڄ جيڪو امن ۽ استحڪام حاصل آهي اهو پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن جي شجاعت، لگن ۽ پيشيوراڻي مهارت جو نتيجو آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان جي شهيدن جون قربانيون رڳو تاريخ جا باب ناهن اهي ايندڙ نسلن لاءِ انسپريشن جو هڪ زنده ذريعو آهن اسان سندن شجاعت کي سلام پيش ڪريون ٿا ۽ انهن خاندانن کي عزت ڏيون ٿا جن پاڪستان جي خاطر اڻ مٽ نقصان برداشت ڪيو آهي سلام ڪراچي جو حوالو ڏيندي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هن فيسٽيول شهر جي متحرڪ سجاڳي کي ڪاميابي سان اجاگر ڪيو آهي ۽ شهرين ۽ سندن شهر جي وچ ۾ مضبوط لاڳاپي کي ظاهر ڪيو آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻن عورتن سميت 5 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته هڪ ڄڻو پڻ زخمي ٿي پيو تفصيل موجب پاڪ ڪالوني ٿاڻي جي حد گٽر باغيچا بروهي محلو پاڪ ڪالوني ۾ ڦرجي دوران مزاحمت ڪرڻ تي ڦورن جي فائرنگ ۾ 25 کان 30 سالن جو عبدالرحمان پٽ محمد آزاد قتل ٿي ويو آهي، جڏهن ته 25 سالن جو نوجوان عتيق ولد محمد اسحاق زخمي ٿي پيو آهي، واقعي ملزم فرار ٿي ويا. اطلاع ملندي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي مقتول جو لاش ۽ زخمي کي سول اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب واقعي بابت شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي ٻئي پاسي اقبال مارڪيٽ ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون سيڪٽر ساڍا يارهن جي علائقي طوري بنگش پوليس چوڪي ويجهو گهر اندر پراسرار نموني پنهنجي پاڻ کي گولي لڳائي 40 سالن جي شخص نبيل جان پٽ عبدالواحد خودڪشي ڪري ڇڏي آهي لاش کي قانوني ڪارروائي جي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس موجب واقعي بابت شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي ناظم آباد نمبر 2 ملتي چوڪ نازيا اپارٽمينٽ ۾ 36 سالن جي عورت آمنا ڌي نويد جو لاش مليو ايڌي ايمبولينس جي ذريعي عورت جو لاش عباسي شهيد اسپتال قانوني ڪارروائي جي لاءِ منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

ٽائون ۾ تيز رفتار ڊمپر جي ٽڪر ۾ 12 ورهين جي حمزه جي فوت ٿيڻ واري واقعي تي وارثن سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو آهي وارثن جو چوڻ آهي ته حمزه پنهنجي دوست سان گڏ ڪاٺ پيٽي جو سامان وٺڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو هو ان دوران ڪورنگي ۾ تيز رفتار ڊمپر کيس چيڀاٽي ڇڏيو وارث موجب واقعي بابت سندس پاڻ فون ڪري اطلاع ڏنو ته ڪورنگي ۾ ڊمپر هڪ ٻار کي چيڀاٽي ڇڏيو آهي، جنهن ڪانپوءِ جناح اسپتال پهچي لاش جي سڃاڻپ پنهنجي پاڻيلي حمزه طور ڪئي حمزه جي وارثن مطالبو ڪيو آهي ته حادثي جي ذميوارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. پوليس موجب واقعي جو ڪيس ٿاڻي زمان ٽائون ۾ داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته حادثي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

جنهن ۾ ملڪ جي گڏيل سياسي، معاشي ۽ قومي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سيد مراد علي شاهه فيصل ڪريم ڪنڊي جو وزيراعليٰ هائوس پهچڻ تي ڀليڪار ڪيو ۽ هيءَ ملاقات انتهائي خوشگوار ماحول ۾ ٿي جنهن ۾ اهم قومي ۽ صوبائي معاملن تي گڏيل مشاورت ڪئي وئي ٻنهي اڳواڻن سنڌ ۽ خيبرپختونخوا وچ ۾ گڏيل سهڪار لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ صوبن وچ ۾ تجربن جي ڏي وٺ کي هٿي ڏيڻ تي زور ڀريو ملاقات دوران وزيراعليٰ سنڌ بين الصوبائي هم آهنگي کي قومي ترقيءَ لاءِ بنيادي اهميت جو حامل قرار ڏيندي چيو ته وفاق تڏهن ئي مضبوط ٿيندو جڏهن صوبا مضبوط ٿيندا. ان ڪري صوبن وچ ۾ سهڪار وقت جي اهم ضرورت آهي سندس چوڻ هو ته اسان کي اختلافن کان وڌيڪ گڏيل مسئلن جي حل تي ڌيان ڏيڻو پوندو ۽ وفاق، توڙي صوبن وچ ۾ بهتر رابطاڪاري ۽ سهڪار کي وڌائڻو پوندو هن وڌيڪ چيو ته سياسي استحڪام ۽ جمهوري عمل جو تسلسل ملڪي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ۽ عوام جي مسئلن جو حل پاڪستان پيپلز پارٽي جي پهرين ترجيح آهي ان موقعي تي سمورن اڪائين کي گڏجي ملڪي چيلينجن جو مقابلو ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو جڏهن ته گورنر خيبرپختونخوا فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته سنڌ ۽ خيبرپختونخوا سميت سمورا صوبا پاڪستان جي ترقيءَ ۾ برابر جا ڀاڱيوال آهن ۽ ٻنهي اڳواڻن قومي ٻڌي، جمهوري قدرن ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو

بقايا 12 روزاني عبرت

8 جوابدارن کي گرفتار ڪري 21 ڪروڙ 21 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جي 364.6 ڪلو گرام منشيات هٿ ڪري ورتي اي اين ايف ترجمان مطابق پشاور ايئرپورٽ تي جده ويندڙ مسافر جي بيگ مان 330 گرام آئس، 270 گرام هيروئن هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو سنگجاني ٽول پلازه ويجهو رڪشا مان 52.8 ڪلو گرام چرس، 5.4 ڪلو گرام آفيم هٿ ڪري 2 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو ڪوٽ لکپت لاهور ويجهو موٽر سائيڪل سوار 2 جوابدارن کان 6 ڪلو گرام آفيم هٿ ڪئي وئي اهڙي طرح حيدرآباد ۾ مل ويجهو مسافر جي قبضي مان 3.6 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري ورتي جڏهن ته منڊي موڙ اسلام آباد ويجهو گاڏي مان 1.2 ڪلو گرام چرس، 1 ڪلو گرام آئس هٿ ڪري 2 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ويسٽرن بائي پاس ڪوئيٽا ويجهو 150 ڪلو گرام هيروئن، جڏهن ته شاڪس جمرود ڊسٽرڪٽ خيبر ويجهو گاڏي مان 144 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري ورتي ساڳئي طرح ڪوٽ لکپت لاهور ۾ هڪ ٻئي ڪارروائي ۾ ڪوريئر آفيس ۾ انوکر ۾ لڪايل 8.4 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري ورتي ڪارروائين جو منشيات جي روڪٿام ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري جاچ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

پوليس هيڊڪوارٽر گارڊن ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فاروق اعوان، ڊي آءِ جي سائوٿ، ڊي آءِ جي ايسٽ، ايس ايس پيز ايسٽ، ڪورنگي ۽ سٽي، ايس پي هيڊڪوارٽرز سميت شهيد جي وارثن، عزيزن ۽ مٽن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شهيد ڪانسٽيبل اويس تنولي ڇنڇر ڏينهن ڏوهاري عنصرن سان مقابلي دوران سخت زخمي ٿيو هو جنهن کي فوري طور تي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي شهيد ٿي ويو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو شهيد ڪانسٽيبل اويس تنولي جي بهادري، فرض شناسي ۽ قرباني کي خراج عقيدت پيش ڪندي سندس وارثن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو آءِ جي سنڌ چيو ته ڪانسٽيبل اويس تنولي فرض جي ادائيگي دوران پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي سنڌ پوليس جي عظيم روايت کي زنده رکيو آهي ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائين ۾ سنڌ پوليس جا جوان پوري بهادري، همت ۽ عزم سان پنهنجا فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن جاويد عالم اوڍو چيو ته امن امان جي قيام ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ سنڌ پوليس طرفان هر ممڪن قدم جاري رکيا ويندا هن چيو ته سنڌ پوليس پنهنجي شهيدن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نٿي سگهي شهيدن جا خاندان سنڌ پوليس جي ذميواري آهن ۽ اهي سنڌ پوليس فيملي جو اهم حصو آهن

بقايا 14 روزاني عبرت

لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب اسپتال ۾ اکين جي علاج لاءِ فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو ۽ مختلف وارڊن جو معائنو ڪيو هن اسپنسر آءِ اسپتال ۾ علاج لاءِ آيل مريضن سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ انهن کان علاج معالجي ۽ اسپتال ۾ فراهم ڪيل سهولتن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ميئر ڪراچي انتظار گاهه ۾ ويٺل مريضن کان پڇيو ته ڇا انهن کان علاج جي ڪا فيس وصول ڪئي وئي آهي؟ مريضن ٻڌايو ته سندن علاج مڪمل طور تي مفت ڪيو پيو وڃي ۽ انهن کان ڪنهن به قسم جي فيس وصول نه ڪئي وئي آهي مريضن اسپتال ۾ فراهم ڪيل طبي سهولتن تي پڻ اطمينان جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته اسپنسر آءِ اسپتال ڪراچي جي شهرين لاءِ هڪ اهم طبي ادارو آهي، جتي اکين جي علاج جون جديد سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن شهرين کي معياري ۽ جديد طبي سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي ۽ ان مقصد تحت ڪي ايم سي جي اسپتالن کي جديد طرز تي استوار ڪيو پيو وڃي هن چيو ته شهرين کي سندن گهرن جي ڀرسان ئي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن اسپنسر آءِ اسپتال ۾ مريضن کي بهتر ماحول ۽ معياري علاج جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. اسپنسر آءِ اسپتال جي استعداد ڪار ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو ويندو جيئن وڌيڪ کان وڌيڪ شهرين کي اکين جي علاج جون بهتر سهولتون فراهم ٿي سگهن ميئر ڪراچي چيو ته ڪي ايم سي جي انتظام هيٺ اسپتالن جي بهتري لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن ۽ شهرين کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ واري عمل کي وڌيڪ مؤثر بڻايو پيو وڃي ميئر ڪراچي اسپتال جي مختلف شعبن جي دوري دوران صفائي سٿرائي، مريضن لاءِ موجود سهولتن، دوائن ۽ ٻين انتظامن جو پڻ جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته مريضن کي علاج دوران ڪنهن به قسم جي تڪليف کي منهن نه ڏيڻو پوي، هن چيو ته سرڪاري اسپتالن ۾ ايندڙ شهرين کي بهتر ماحول، بروقت طبي معائنو ۽ معياري علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي هن وڌيڪ چيو ته ڪي ايم سي جي انتظام هيٺ طبي ادارن ۾ بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ سان گڏ جديد طبي اوزارن ۽ علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ تي پڻ ڌيان ڏنو پيو وڃي اسپنسر آءِ اسپتال سميت ڪي ايم سي جي سمورن اسپتالن کي شهرين جي ضرورتن مطابق وڌيڪ فعال ۽ مؤثر بڻايو ويندو جيئن ڪراچي جي عوام کي سرڪاري سطح تي معياري ۽ مفت طبي سهولتن جي فراهمي جو سلسلو وڌيڪ بهتر نموني جاري رکي سگهجي

بقايا 15 روزاني عبرت

جي نتيجي ۾ دونهين ۾ ساهه ٻوساٽجڻ سبب ٻن مردن ۽ هڪ عورت سميت 3 ڄڻا متاثر ٿي پيا ذريعن موجب ڪمپني ۾ اوچتو باهه لڳڻ بعد وڏي مقدار ۾ دونهون پکڙجي ويو جنهن سبب اتي موجود ماڻهن کي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف پيش آئي واقعي جي اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون ۽ ايمبولينسون فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ويون ريسڪيو اهلڪارن دونهين کان متاثر ٿيل ٻن مردن ۽ هڪ عورت کي طبي امداد فراهم ڪئي جڏهن ته عورت جي حالت ڳنڀير هجڻ سبب کيس ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ٻين متاثرن کي پڻ ضروري طبي امداد ڏني وئي هوڏانهن باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ ريسڪيو ٽيمن پاران امدادي ۽ فائر فائٽنگ ڪارروايون جاري آهن باهه لڳڻ جو ڪارڻ ۽ نقصان بابت فوري طور تي حتمي تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 16 روزاني عبرت

جو پيڇو ڪندي مقابلو ڪيو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران جوابدار گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس موجب پوليس موبائل معمول موجب علائقي ۾ گشت ڪري رهي هئي ته ان دوران شهري ملڪ وقاص ولد محمد اڪرم پوليس موبائل کي اطلاع ڏنو ته هڪ هٿياربند شخص موٽر سائيڪل تي سوار ٿي کانئس موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويو آهي شهري پوليس کي وڌيڪ ٻڌايو ته ڇاٽايل جوابدار مبينا طور ٻين شهرين کان به موبائل فون ڦر ڪرڻ جون وارداتون ڪري چڪو آهي اطلاع ملندي ئي شاهه لطيف ٽائون پوليس فوري ڪارروائي ڪندي جوابدار جو پيڇو شروع ڪيو پوليس موجب جوابدار کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هن پوليس پارٽي کي ڏسي فائرنگ شروع ڪري ڏني، جنهن تي پوليس اهلڪارن به جوابي فائرنگ ڪئي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران نامعلوم جوابدار گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طور ايمبولينس ذريعي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس موجب مارجي ويل مبينا ڦورو جي قبضي مان هڪ عدد 30 بور پستول، ڦريل ڇاٽايل 4 موبائل فون ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ، اڳوڻي ڏوهاري رڪارڊ ۽ ٻين وارداتن ۾ سندس مبينا ملوث هجڻ بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

شهيدن کي ڀيٽا سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر پاران پاڪ فضائيه جي اهلڪارن جي شاندار ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو، پاڪ فضائيه فضائي معرڪن ۾ پيشيوراڻي برتري حاصل ڪئي سيد اويس قادر شاهه چيو ته پاڪ فضائيه معرڪہ حق ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪيو سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر هي ڪاميابي پاڪ فضائيه جي شاندار ڪارڪردگي بهادر قيادت ۽ بهترين منصوبابندي جو نتيجو آهي، سيد اويس قادر شاهه چيو ته پاڪ فضائيه تعداد ۾ گهٽ هجڻ باوجود مقابلو ڪرڻ جي روايت برقرار رکي سيد اويس قادر شاهه چيو ته دشمن ڀلي ڪيترو به طاقتور هجي اسان جي عزم کي هارائي نٿو سگهي، سيد اويس قادر شاهه پاڪ فضائيه جي شاهينن بي مثال بهادري جو مظاهرو ڪيو سيد اويس قادر شاهه پاڪ فضائيه ملڪ جي خودمختياري ۽ فضائي حدن جي دفاع لاءِ هر وقت تيار آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

۾ پاڪستان جي هوائي حدن جي دفاع لاءِ پاڪ فضائيه جي شاهينن جي جوش ۽ عزم انهن کي آسمان جي اونچاين ۾ ڪاميابين سان همڪنار ڪيو عظيم شهيدن جي لازوال قربانين کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران پاڪ فضائيه جي ڏينهن تي جاري ڪيل پيغام موجب، وزيراعظم چيو ته پاڪ فضائيه جي ڏينهن جي يادگار موقعي تي پاڪ فضائيه جي سڀني آفيسرن ۽ جوانن کي انهن جي پيشيوراڻي تاريخ دوران شاندار ڪارڪردگي تي دلي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو پاڪستان هوائي فوج بنا ڪنهن شڪ جي گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هوائي جنگين ۾ پنهنجي پيشيوراڻي صلاحيت، مهارت ۽ برتري کي ثابت ڪيو آهي. هي ناليوارو ادارو قرباني بهادري ۽ پيشه ورانه صلاحيت جي هڪ فخر جوڳي تاريخ رکي ٿو جنهن سدائين قوم جي سڏ تي بي مثال جرئت ۽ بهادري سان لبيڪ چيو آهي هن چيو ته سيپٽمبر 1965ع ۾ پاڪستان جي هوائي حدن جي دفاع لاءِ پاڪستان جي هوائي فوج جي شاهينن جي جوش ۽ عزم انهن کي آسمان جي اونچاين ۾ ڪاميابي ۽ فتح سان همڪنار ڪيو انهن ملڪ جي دفاع خاطر پنهنجي قيمتي جانين جو نذرانو پيش ڪيو بنا ڪنهن شڪ جي انهن عظيم قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ اسان جي لاءِ قومي اعزاز آهي هن چيو ته انهي جذبي جي تسلسل ۾ گذريل سال مئي 2025ع ۾ جڏهن حملي آورن هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ پرامن ملڪ کي چئلينج ڪيو ته پاڪ فضائيه پاڪستان جي هٿياربند فوج جي ٻين سروسز سان مثالي هم آهنگي جو مظاهرو ڪندي معرڪہ حق ۾ دلير قيادت، غير معمولي جنگي صلاحيتن، بهترين منصوبابندي ۽ تازن سالن جي جامع حڪمت عملي تحت جديديت ۽ پائيداري وسيلي حاصل ڪيل گهڻ رخي جنگي صلاحيتن جي منظم ۽ موثر استعمال سان دشمن کي شڪست ڏني. قوم کي فخر آهي ته پاڪ فضائيه هڪ ڀيرو ٻيهر تعداد ۾ گهٽ هجڻ جي باوجود دشمن جو مقابلو ڪرڻ جي پنهنجي شاندار روايت کي برقرار رکيو جيڪا سدائين سندس نمايان سڃاڻپ رهي آهي وزيراعظم چيو ته ان خاص ڏينهن جي موقعي تي آئون پاڪ فضائيه جي پيشه ورانه ڪاميابي ۽ ترقي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪريان ٿو مون کي يقين آهي ته پاڪ فضائيه سدائين وانگر هر ممڪن چئلينج کي منهن ڏيندي ملڪ جي خودمختياري ۽ فضائي سرحدن جي دفاع لاءِ مڪمل طور تي تيار رهندي

بقايا 19 روزاني عبرت

پرڏيهي وزارت جي ترجمان ماجد الانصاري چيو آهي ته ايران جنگ واضح ڪري ڇڏيو آهي ته خليجي ملڪ پنهنجي سلامتي لاءِ رڳو آمريڪا سان اسٽريٽجڪ پارٽنرشپ تي ڀاڙي نٿا سگهن ابوظهبي ۾ هيلي فورم کي خطاب ڪندي ماجد الانصاري چيو ته خليجي خطي ۾ بين الاقوامي فوجن جي موجودگي ۽ آمريڪا سان اسٽريٽجڪ اتحاد انتهائي اهم آهي پر اهو ڪافي ناهي. هن وڌيڪ چيو ته سلامتي جي معاملي ۾ پاڙيائي اڳتي وڌڻ جو واحد رستو آهي، جڏهن ته نار وارن ملڪن کي پنهنجن ساٿين ۽ اتحادي ملڪن جي ضرورت آهي، پر اهي رڳو انهن تي پنهنجي سلامتي لاءِ ڀاڙي نٿا سگهن

بقايا 20 روزاني عبرت

شريف سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج جسٽس (ر) خليل الرحمان رمدي جي رهائشگاهه تي وڃي سندس عيادت ڪئي ۽ خيريت معلوم ڪئي سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جسٽس (ر) خليل الرحمان رمدي جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ دعا ڪئي ۽ جسٽس (ر) خليل الرحمان رمدي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 21 روزاني عبرت

جيڪو مختصر ڪارروائي ڪانپوءِ اڱاري ڏينهن منجهند 2 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو اجلاس دوران سوالن واري وقفي ۾ ڪنهن به رڪن ضمني سوال نه ڪيو جڏهن ته مخالف ڌر جي رڪن پاران سنڌ ۾ ايچ آءِ وي ۽ ايڊز جي پکڙجڻ بابت پيش ڪيل قرارداد ايوان رد ڪري ڇڏي اجلاس جي شروعات تي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ميمبرن جي غيرحاضري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ميمبر سوال ته پڇن ٿا، پر پاڻ ايوان ۾ موجود ناهن هن چيو ته اڄ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ بابت سوالن وارو وقفو هو وزير صاحب مڪمل تياري ڪري آيو آهي پر ميمبر ئي غيرحاضر آهن سوالن واري وقفي دوران ڪنهن به ميمبر پاران ضمني سوال نه ڪيو ويو جنهن بعد سوالن وارو وقفو ختم ڪيو ويو ايچ آءِ وي بابت قرارداد ايوان رد ڪري ڇڏي اجلاس دوران ايم ڪيو ايم جي رڪن عامر صديقي سنڌ ۾ ايچ آءِ وي ۽ ايڊز جي وڌندڙ پکڙجڻ بابت قرارداد پيش ڪئي قرارداد ۾ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته ايچ آءِ وي ۽ ايڊز جي معاملي تي ڪميشن قائم ڪئي وڃي صوبائي وزير سعيد غني قرارداد جي مخالفت ڪندي چيو ته قرارداد ۾ ڪيل مطالبن تي اڳ ئي ڪم ٿي چڪو آهي ۽ ان حوالي سان اينڊوومينٽ فنڊ پڻ قائم ڪيو ويو آهي سعيد غني قرارداد واپس وٺڻ جي درخواست ڪئي بحث ڪانپوءِ سنڌ اسيمبلي ايچ آءِ وي ۽ ايڊز بابت قرارداد رد ڪري ڇڏي. هاءِ ويز تي اسٽريٽ لائيٽن بابت قرارداد ايم ڪيو ايم جي رڪن قرة العين سمورن هاءِ ويز تي اسٽريٽ لائيٽون لڳائڻ بابت قرارداد پيش ڪئي قرارداد تي ڳالهائيندي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ملڪ جون سموريون هاءِ ويز وفاقي حڪومت جي ڪنٽرول ۾ آهن هن ميمبر صاحبه کي چيو ته پنهنجي پارٽي جي قومي اسيمبلي جي ميمبرن کي چئي ته هو اهو معاملو قومي اسيمبلي ۾ اٿارين اجلاس دوران جماعت اسلامي جي رڪن محمد فاروق ڌيان ڇڪايو ته ساڍا چار مهينن کان ڪجهه پاڪستاني شهري صومالي قزاقن جي قبضي ۾ آهن هن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته صومالي قزاقن جي قبضي ۾ موجود پاڪستانين کي فوري طور آزاد ڪرايو وڃي محمد فاروق اهو به چيو ته اڄ ان معاملي تي احتجاج ڪندڙ ماڻهن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي سنڌ ۾ بجلي بحران ۽ لوڊشيڊنگ تي اسپيڪر ڳڻتي جو اظهار ڪيو سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه سنڌ ۾ بجلي جي بحران ۽ لوڊشيڊنگ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو اسپيڪر چيو ته وفاقي حڪومت سان سنڌ ۾ بجلي جي بحران واري معاملي تي ڳالهه ڪئي وڃي ۽ ان حوالي سان وفاقي حڪومت کي خط پڻ لکيو وڃي هن چيو ته وفاقي حڪومت رڳو سنڌ خلاف ڳالهائي ٿي اسپيڪر لاڳاپيل ڪميٽي کي هدايت ڪئي ته پاور ڪمپنين جي سربراهن کي ڪميٽي جي اجلاس ۾ طلب ڪيو وڃي ۽ سنڌ ۾ بجلي جي بحران ۽ لوڊشيڊنگ بابت صورتحال کان آگاهي ورتي وڃي سنڌ اسيمبلي جي سومر واري ڪارروائي ان ڪانپوءِ ختم ڪئي وئي ۽ اجلاس اڱاري ڏينهن منجهند 2 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا 22 روزاني عبرت

طبي مرڪز الشفا اسپتال جي سربراهه ابو سلميه ٻڌايو آهي ته اسرائيل گذريل ڏينهن غزه جي اولهه علائقي ۾ هڪ گاڏي کي فضائي حملي ۾ نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ يوسف عقيل ۽ سندس ڌيءُ وفا شهيد ۽ 6 ماڻهو زخمي ٿي پيا ان کان پوءِ گذريل ڏينهن غزه شهر ۾ 2 ڌار ڌار اسرائيلي حملن ۾ هڪ ٻارڙي سميت 2 ڄڻا شهيد ٿي ويا طبي ذريعن مطابق غزه شهر جي اوڀر ۾ ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪمپني ويجهو اسرائيلي حملي ۾ هڪ شخص شهيد ٿي ويو جڏهن ته بي گهر خاندانن لاءِ قائم ڪيل اسڪول تي اسرائيلي ٽينڪ جي گولن سبب 7 سالن جي ٻارڙي شهيد ٿي وئي، جنهن بعد گذريل ڏينهن غزه ۾ اسرائيلي حملن ۾ فوتگين جو انگ 4 ٿي ويو غزه جي صحت کاتي مطابق گذريل آڪٽوبر ۾ جنگ بندي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ هاڻي تائين 1300 کان وڌيڪ فلسطيني، جن ۾ اڪثر عام شهري آهن، شهيد ٿي چڪا آهن

بقايا 23 روزاني عبرت

مٽ سٽي ۾ 6 ماڙ هوٽل ۾ باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق تان سون نهي وارڊ ۾ واقع هوٽل ۾ باهه سومر جي صبح اٽڪل 5 وڳي لڳي باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا ساهه ٻوساٽجڻ سبب فوت ٿيا جڏهن ته ڪيترائي ٻيا زخمي ٿي پيا اطلاع ملندي ئي فائر فائٽرز ۽ هڪ درجن کان وڌيڪ امدادي اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا اختيارين مطابق باهه لڳڻ جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

پاڪستان جمون ۽ ڪشمير جي حيثيت بابت ڀارت جي بي بنياد دعوائن کي واضح طور تي رد ڪري ٿو جيڪي عالمي طور تي تسليم ٿيل حقيقتن جي ابتڙ آهن ڀارت جا هڪطرفا قدم ۽ مسلسل غيرقانوني قبضو جمون ۽ ڪشمير جي عالمي سطح تي مڃيل تڪراري حيثيت تبديل ڪري نٿا سگهن ڀارت جي پرڏيهي وزارت پاران تڪراري جمون ۽ ڪشمير جي نقشي بابت جاري ڪيل بيان بابت ميڊيا جي سوالن جا جواب ڏيندي سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي موجود قديم ترين حل طلب ۽ عالمي سطح تي مڃيل تڪرارن مان هڪ آهي گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته ان تڪرار جو حتمي فيصلو سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب ڪرڻ گهرجي، جنهن جو اظهار گڏيل قومن جي نگراني ۾ آزادانه ۽ غيرجانبدارانه ريفرنڊم جي ذريعي ٿئي ترجمان چيو ته گڏيل قومن جي سرڪاري نقشي جنهن ۾ جمون ۽ ڪشمير کي هڪ تڪراري علائقو ظاهر ڪيو ويو آهي. ان جي موجوده قانوني حيثيت جي واحد مستند نقشه جاتي نمائندگي آهي ڀارت جي نام نهاد سرڪاري نقشن ۽ هٺ ڌرمي خودمختياري جي دعوائن جو تڪراري علائقي جي حيثيت تي ڪو اثر نه ٿو پوي. ترجمان چيو ته پاڪستان عالمي برادري تي زور ڀري ٿو ته اها ڀارت کي ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي خلاف ورزين کي فوري طور تي روڪڻ ۽ ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي وچن جي تڪميل تي راضي ڪري، جيڪو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن جي عين موجب آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

پاران ڪيترن ئي ايس ايس پيز ۽ ايس پيز جون بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون آهن، جن جا باضابطا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا آهن جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (ايس ايس يو) ڪراچي جي ايس پي فاروق احمد بجاراڻي کي ترت اثر سان ڪمانڊنٽ/پرنسپال شهيد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج (SHPTC) سعيدآباد، ڪراچي مقرر ڪيو ويو آهي ٻئي حڪم موجب ايس ايس پي/ڪمانڊنٽ ايس بي بي اي پي ٽي سي رزاق آباد ڪراچي ڪئپٽن (ر) حيدر رضا کي سندس موجوده ذميوارين سان گڏ SHPTC سعيدآباد جي ڪمانڊنٽ جو اضافي چارج پڻ ڏنو ويو آهي، جيستائين وڌيڪ حڪم جاري نه ٿين نوٽيفڪيشن تحت ايس پي هيڊڪوارٽرز سائوٿ زون ڪراچي محمد ايوب پڙگڙي کي بدلي ڪري پرنسپال پوليس ٽريننگ اسڪول (PTS) لاڙڪاڻو مقرر ڪيو ويو آهي اهڙيءَ ريت ايس پي زاهد حسين ٽنيو جيڪو سي پي او ڪراچي ۾ پوسٽنگ جو منتظر هو کي پرنسپال آر ٽي سي (RTC) ڄام نواز علي مقرر ڪيو ويو آهي پوليس ذريعن موجب آفيسرن جون اهي بدليون ۽ مقرريون ايڊيشنل آءِ جي پوليس ٽريننگ ۽ اسٽيبلشمينٽ سنڌ پاران موڪليل سفارشن ۽ خطن جي روشنيءَ ۾ ڪيون ويون آهن سنڌ پوليس جي اسٽيبلشمينٽ شعبي پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن تي ڊي آءِ جي اسٽيبلشمينٽ ڪئپٽن (ر) پرويز احمد چانڊيو جون صحيحون ٿيل آهن

بقايا 26 روزاني عبرت

سڄي دنيا ۾ صاف هوا نيرو آسمان بابت عالمي ڏهاڙو سومر ڏينهن 7 سيپٽمبر تي ملهايو ويو ان ڏينهن کي ملهائڻ جو بنيادي مقصد فضائي گدلاڻ جي خطرن کان آگاهي ۽ هوا جو معيار بهتر بڻائڻ لاءِ عالمي سطح تي عملي قدمن جي هٿي وٺرائڻ آهي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي 2019ع ۾ ان ڏينهن کي ملهائڻ جي قرارداد منظور ڪئي هئي ۽ پهريون ڀيرو 2020ع ۾ سڄي دنيا ۾ عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو صاف هوا نيرو آسمان بابت عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان گڏيل قومن جي ماحولياتي پروگرام(يو اين اي پي) تحت سڄي دنيا ۾ خصوصي تقريبون منعقد ڪيون ويون جڏهن ته پاڪستان ۾ سرڪاري، نجي ۽ ماحولياتي ادارن جي انتظام هيٺ منعقد تقريبن ۾ نيرو آسمان لاءِ صاف هوا جي اهميت جي حوالي سان آگاهي فراهم ڪئي وئي

بقايا 27 روزاني عبرت

پارٽي پاليسي جوڙيندي ۾ سنڌ جي عوام جي جذبن جو احترام ڪندي سنڌ ورهائڻ واري منصوبي کي رد ڪريون ٿا ۽ طاقت جي بنياد تي سنڌ جي عوام جي راءِ کي لتاڙي جبرن سنڌ کي ٽوڙڻ خلاف جدوجهد ۾ منهنجو رت به شامل هوندو ملڪ ۾ آئيني ۽ قانوني ڪو سسٽم ئي ناهي جيڪو فيل ٿي ويو هجي، رڳو هڪ ئي سسٽم آهي جنهن ملڪ جي پارليامينٽ، عدليه، سياست سميت سمورن ادارن کي غير مؤثر ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي عمران خان مزاحمت ڪري رهيو آهي نه ته هڪ صحيح ڪري هو ملڪ کان ٻاهر ۽ ٻيهر وزير اعظم ٿي سگهي ٿو اهڙو اظهار هن ڪالهه سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران آئين جي بالادستي ۽ عدليه جي آزادي جي عنوان هيٺ ڪرايل سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو

بقايا 28 روزاني عبرت

اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي، جڏهن ته اتر جابلو علائقن ۾ موسم جزوي جهڙالي رهڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي مطابق گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهي، جڏهن ته مٿاهين خيبر پختونخوا ۽ بارڪاڻ ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات پئي سومر ڏينهن رڪارڊ ڪيل وڌ ۾ وڌ گرمي پد سبي، دادو 42 ۽ تربت ۾ 41 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 29 روزاني عبرت

علائقي ڪفر روما تي اسرائيلي فضائي حملن ۾ 11 ڄڻا شهيد ۽ 5 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا ٻڌايو ته سومر جي صبح جو اسرائيلي هوائي حملن ۾ ڏکڻ لبنان جي علائقي ڪفر روما ۾ واقع 3 ماڙ رهائشي عمارت تباهه ٿي وئي صحت جي مقامي اداري، امدادي ٽيمون فوري طور تي واقع واري هنڌ موڪليون ۽ 9 ماڻهن جا لاش ڪڍيا جن ۾ 2 ٻار به شامل هئا حملي ۾ 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا علائقي ۾ اسرائيلي ڊرون حملي جي نتيجي ۾ اسلامڪ رسالا اسڪائوٽس سان واڳيل 2 طبي امدادي ڪارڪن به فوت ٿي ويا آهن

بقايا 30 روزاني عبرت

ڪانپوءِ ٽريفڪ بحال ٿي وئي ان کان اڳ ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو هو ته پي ٽي آءِ کي پيغام آهي ته ڪراچي اچڻ چاهيو ٿا ته اچي سگهو ٿا، پر هڪ ڳالهه ياد رکو ته پاڪستان خلاف ڪا به ڳالهه نه ٿيندي مرتضيٰ وهاب جو چوڻ هو ته پيپلز پارٽي جو جلسو به هجي ته ڪنٽينر لڳايا ويندا آهن اهي ڪنٽينر سياسي ڪارڪنن جو رستو نٿا روڪي سگهن

بقايا 31 روزاني عبرت

ڪرسچن فيملي لاز بل 2026 سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪري ڇڏيو- اهو بل سنڌ ۾ رهندڙ مسيحي برادري جي شادي جي قانون کي جديد ۽ وقت جي ضرورتن جي حساب سان بهتر بنائڻ لاءِ قانوني ڍانچو فراهم ڪندو- هن بل کي اسيمبلي ۾ پيش ڪرڻ کان اڳ منارٽي ڪاڪس جي سب ڪميٽي جنهن ۾ ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد اقليتن جي معاملن بابت وڏي وزير جي خاص معاون ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ۽ ايم پي اي مهيش ڪمار هاسيجا شامل هئا انهيءَ بل جي سمورن پاسن تي غور ويچار ڪري بل جي مسودي کي حتمي شڪل ڏني - ان غور ويچار واري سلسلي ۾ سب ڪميٽي ڪيٿولڪ چرچ اي آر پي سيلويشن آرمي ۽ مک پينٽيڪوسٽل چرچ جي نمائندن ۽ مسيحي برادري جي اڳواڻن سان پڻ مسودي تي تفصيلي ويچار ڪيو. جنهن دوران شادي ۽ ان کان پوءِ وارن معاملن ۽ مسئلن توڙي ان جي حل تي بحث ڪري مسودي کي مسيحي مذهبي پس منظر ۾ آخري شڪل ڏني وئي

بقايا 32 روزاني عبرت

مرتضيٰ وهاب اسپنسر آءِ اسپتال جو دورو ڪيو ۽ اتي فراهم ڪيل طبي سهولتن، مختلف وارڊن، اسٽور روم ۽ ٻين شعبن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ڪي ايم سي جي مالي معاملن بابت صلاحڪار گلزار ابڙو، ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب اسپتال ۾ اکين جي علاج لاءِ فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو ۽ مختلف وارڊن جو معائنو ڪيو هن اسپنسر آءِ اسپتال ۾ علاج لاءِ آيل مريضن سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ انهن کان علاج معالجي ۽ اسپتال ۾ فراهم ڪيل سهولتن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ميئر ڪراچي انتظار گاهه ۾ ويٺل مريضن کان پڇيو ته ڇا انهن کان علاج جي ڪا فيس وصول ڪئي وئي آهي؟ مريضن ٻڌايو ته سندن علاج مڪمل طور تي مفت ڪيو پيو وڃي ۽ انهن کان ڪنهن به قسم جي فيس وصول نه ڪئي وئي آهي مريضن اسپتال ۾ فراهم ڪيل طبي سهولتن تي پڻ اطمينان جو اظهار ڪيو

بقايا 33 روزاني عبرت

سيد مراد علي شاهه جو نوٽيس سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه لانڍي ۾ ڪپڙن جي فيڪٽري ۾ لڳل باهه جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل ادارن کي فوري ۽ هر ممڪن قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون وڏي وزير هدايت ڪئي ته فيڪٽري ۾ موجود ماڻهن جي جان ۽ مال جي تحفظ کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي سيد مراد علي شاهه لاڳاپيل ادارن کي باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته فائر بريگيڊ جون وڌيڪ گاڏيون ۽ ضروري ريسڪيو سامان فوري طور واقعي واري هنڌ پهچايو وڃي. وڏي وزير حڪم ڏنو ته باهه سبب ڪنهن به امڪاني جاني نقصان کان بچڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا وڃن

بقايا 34 روزاني عبرت

عدالت سمنڊ ذريعي منشيات پرڏيهه اسمگل ڪرڻ واري ڪيس ۾ 9 جوابدارن کي عمر قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي سماعت دوران پراسيڪيوٽر عدالت کي ٻڌايو ته اينٽي نارڪوٽڪس فورس (ANF) 2023ع ۾ 9 جوابدارن کي گرفتار ڪيو هو جن جي قبضي مان 525 ڪلوگرام منشيات ۽ 48 ڪلوگرام هيروئن هٿ ڪئي وئي هئي جوابدارن جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته سمورا جوابدار غريب مهاڻا آهن جن کي ڪوڙي ڪيس داخل ڪري ڦاسايو ويو آهي جڏهن ته ڪيس ۾ ڪا ٻيڙي به تحويل ۾ نه ورتي وئي عدالت فيصلي ۾ قرار ڏنو ته استغاثه جوابدارن خلاف ڏوهه ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي عدالت سمورن 9 جوابدارن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائڻ سان گڏ هر جوابدار تي 20 لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪري ڇڏيو

بقايا 35 روزاني عبرت

ڪندي چيو آهي ته صحافتي ذميواري ۽ پروفيشنلزم جو تقاضو هو ته غلط انگ اکر شيئر ڪرڻ کان اڳ حقيقتن جي تصديق ڪئي وڃي ها. سنڌ اسيمبلي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي صوبائي وزير تعليم سردار شاهه چيو ته ٻه ڏينهن اڳ ملڪ جي هڪ ناميارو سينيئر صحافي سنڌ جي تعليم کاتي بابت غلط ڊيٽا شيئر ڪيو. سنڌ اسيمبلي ۾ فريال ٽالپر وحدت سنڌ جي حوالي سان ڳالهائي رهي هئي، پر سينيئر صحافي تعليم کاتي جي ڊيٽا کي فريال ٽالپر جي بيان سان ڳنڍي ڇڏيو جيڪو درست نه هو سردار شاهه چيو ته هن معاملي جو هڪ پاسو جذباتي ۽ سياسي به هو جڏهن ته سنڌ جي 6 ڪروڙ عوام پنهنجي گڏيل ۽ متفقه آواز سان سنڌ جي وحدت بابت پنهنجو موقف واضح ڪيو آهي هن چيو ته سينيئر صحافي کي پنهنجي غلطي تي معافي وٺڻ گهرجي

بقايا 36 روزاني عبرت

نوڪري ئي ويندي، سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي نئين صوبي جي قيام خلاف آهن ان ڪري ئي اهي اسيمبلي ڇڏي ڀڄي ويا. هن چيو ته پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي جا ميمبر کلي عام اعلان ڪن ٿا ته هو نون صوبن جي قيام جي حق ۾ ناهن پر جڏهن عوام آڏو اهو موقف واضح ڪرڻ ۽ عملي طور پنهنجي موقف جو اظهار ڪرڻ جو وقت آيو ته اهي اسيمبلي مان ٻاهر هليا ويا. سعيد غني چيو ته سنڌ جي عوام کي ڏسڻ گهرجي ته ڪهڙيون جماعتون ڪليءَ طرح سنڌ جذبن جي ترجماني ڪري رهيون آهن ۽ ڪهڙيون جماعتون روڊن تي ساڻن گڏ نعرا هڻن ٿيون پر جڏهن اسيمبلي جهڙي مناسب فورم تي موقف پيش ڪرڻ جو وقت اچي ٿو ته ڀڄي وڃن ٿيون. هن چيو ته پي ٽي آءِ به ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سنڌ جي ورهاست چاهي ٿي، عوام کي دوکو ڏيڻ لاءِ روڊن تي ڪجهه اعلان ڪيا وڃن ٿا، پر اسيمبلي ۾ اچي موقف جو اظهار ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي ٿو

بقايا 37 روزاني عبرت

ين 16.4 ملين (آمريڪي ڊالر) جي گرانٽ فراهم ڪندو. منصوبي جو مقصد سنڌ ۾ ٻوڏ کان بچاءَ جي بنيادي ڍانچي کي مضبوط بڻائڻ آهي منصوبي سان ٻوڏ جي خطرن جي زد ۾ آيل آبادين کي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ٿيندو. منصوبي تحت لاڙڪاڻي ۾ سنڌو درياهه ڪاٻي ڪناري تي واقع اولڊ آباد بند کي بهتر ۽ مضبوط بڻايو ويندو اقتصادي معاملن واري وزارت مطابق ايڪسچينج آف نوٽيس ۽ رڪارڊ آف ڊسڪشن تي اقتصادي معاملن واري سيڪريٽري محمد حمير ڪريم ۽ پاڪستان ۾ جاپان جي سفير اڪاماتسو شوئچي صحيحون ڪيون معاهدي تي اقتصادي معاملن واري ايڊيشنل سيڪريٽري سبينہ قريشي ۽ جاپاني ترقياتي اداره جائيڪا جي سينئر نمائندي سوگاوارا تاڪايوڪي صحيحون ڪيون

ٹریڈ ڈیولپمنٹ اتھارٹی آف پاکستان

وزارت تجارت، حکومت پاکستان

ٹریڈ ڈیولپمنٹ اتھارٹی آف پاکستان (TDAP)، جوکہ وزارت تجارت کے ماتحت تجارت اور کاروبار کے فروغ کے لیے قائم ایک اتھارٹی ہے۔ اس کو سر بمہر بولیاں مطلوب ہیں۔ ایسی فرموں سے جو ایکسپو سینٹر کراچی میں 23 سے 26 نومبر 2026 تک منعقد ہونے والی فوڈ اینڈ ایگریکلچر نمائش-FoodAg2026 کے دوران (i) آرگنائزیشن آف گلوبل کیوزن شو (ii) ایونٹ مینجمنٹ کمپنی (iii) کارنیٹل سروس کی فراہمی کے لیے انکم ٹیکس اور سیلز ٹیکس ڈپارٹمنٹس میں رجسٹرڈ ہوں۔

نمبر شمار	درکار سروس کا نام	بولی کی رقم	پروکیورمنٹ کا طریقہ کار	پری بڈ میٹنگ تاریخ اور وقت	بولی بند ہونے کی تاریخ اور وقت	بولی کھلنے کی تاریخ اور وقت	ڈیسک آفیسر اور پتہ
1	آرگنائزیشن آف گلوبل کیوزن شو	1,200,000 روپے	PPRA رول 36(d) کے مطابق ٹو اسٹیج ٹو انویلپ	12:00 PM on 14-9-2026	11:00 AM on 23-09-2026	11:30 AM on 23-09-2026	محترمہ کشمالہ عمر ڈپٹی ڈائریکٹر (AFD) TDAP لاہور آفس 62 گارڈن بلاک گارڈن ٹاؤن لاہور سیل:0333-0045773
2	ایونٹ مینجمنٹ سروس	2,800,000 روپے	PPRA رول 36(b) کے مطابق سنگل اسٹیج ٹو انویلپ	12:30 Noon on 14-9-2026	11:00AM on 24-09-2026	11:30 AM on 24-09-2026	جناب عامر الرحمان ڈپٹی منیجر (AFD) TDAP ہیڈ آفس تیسری منزل بلاک اے ایف ٹی سی بلڈنگ شاہراہ فیصل۔ کراچی فون:021-99201518 سیل:0300-2230260 ای میل amir.rehman@tdap.gov.pk:
3	کارنیٹل سروس	500,000 روپے	PPRA رول 36(b) کے مطابق سنگل اسٹیج ٹو انویلپ	1:00 PM on 14-9-2026	11:00 AM on 25-09-2026	11:30 AM on 25-09-2026	جناب وقار رسول ڈپٹی منیجر TDAP ملتان آفس بنگلہ نمبر 20/2 پارک لین بزنس سینٹر، آفیسرز کالونی، نزد خواجہ مسعود پارک ملتان فون نمبر 061-9330882-63 موبائل نمبر 03008639906 ای میل waqar.rasool@tdap.gov.pk:

2. ہر سروس کی تفصیلات پر مشتمل بولی دستاویزات PPRAEPADS ویب سائٹ (https://eprocure.gov-.pk/) سے ڈاؤن لوڈ کیے جاسکتے ہیں۔ بولی دستاویزات ڈاؤن لوڈ کرنے کی صورت میں، بولی دہندگان کو بولیاں جمع کرانے کے وقت 1,000 روپے کا پے آرڈر جمع کرانا ہوگا۔

3 پہلے مرحلے میں صرف ٹیکنیکل تجاویز کو کھولا جائے گا۔ بعد میں PPRA کے طریقہ کار کے مطابق صرف ٹیکنیکل طور پر اہل فرموں کی فنانشل تجاویز کو کھولا جائے گا۔ فنانشل تجاویز کو بڈ سیکیورٹی کے ساتھ ہونا چاہیے جس کا ذکر بولی دستاویزات میں بیان کردہ فارم میں ہر ٹینڈر کے حوالے کیا گیا ہے۔ ٹیکنیکل اور فنانشل دونوں تجاویز کو الگ الگ سربمہر کیا جانا چاہیے۔

4 ٹریڈ ڈیولپمنٹ اتھارٹی آف پاکستان کسی بھی یا تمام بولیوں کو مسترد کرنے اور بولی لگانے کے عمل کو کسی بھی وقت منسوخ کرنے کا حق محفوظ رکھتی ہے، تاہم، بولی کے عمل کو مسترد کرنے یا منسوخ کرنے کی وجوہات پروکیورمنٹ رولز کے مطابق متعلقہ بولی دہندگان کو بتادی جائیں گی۔

5 بولی دستاویزات میں دی گئی ہدایات کے مطابق تیار کی گئی بولیاں، اختتامی وقت سے قبل مذکورہ ڈیسک آفیسر کے دفتر میں پہنچنی چاہئیں۔ بولیاں اسی دن صبح 11:30 بجے کھولی جائیں گی۔ یہ اشتہار PPRA کی ویب سائٹ www.ppro.org.pk پر بھی دستیاب ہے۔

PID(K)732/26

ايڊيٽوريل

وچ اوڀر مان پاڪستانين جي نيڪالي- پرڏيهي پاليسي لاءِ هڪ نئون امتحان
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
قصو هيلمٽ جو!
صفحو 4

روزاني عبرت

بک ۽ بيروزگاريءَ جي بار هيٺ دٻجي ويل سنڌ جو شعور
نور سنڌي
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن ـــ 08 سيپٽمبر
صفحو 4

مسوپرڳڙي لڳ گرلس اسڪول ڳوٺ غلام حيدر جويو بند هجڻ خلاف احتجاج

ڳوٺ غلام حيدر جويو جو نياڻين جو بند اسڪول کولرائڻ لاءِ ڳوٺاڻن، شاگردن ۽ شاگرديائين جو احتجاج ڪيو

گرلس پرائمري اسڪول 2014ع کان بند پيل هئڻ سبب لڳ ڀڳ 300 معصوم نياڻين جي تعليم تباهه ٿي وئي آهي: ڳوٺاڻا

ڳوٺ غلام حيدر جويو جو بند پيل نياڻين جو سرڪاري اسڪول کولرائي سوين نياڻين جو مستقبل اونداهي کان بچايو وڃي

مسوپرڳڙي: ٻاريت تي ويهي تعليم پرائي رهيا آهن

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي لڳ يوسي 22 جيٺندل ڪوٽ جو ڳوٺ غلام حيدر جويو جو نياڻين جو بند اسڪول کولرائڻ لاءِ ڳوٺاڻن ۽ شاگردن ۽ شاگرديائين جو احتجاج ؛ تفصيل موجب تعلق مٽياري جي ڳوٺ ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ 1976 ۾ قائم گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول 2014ع کان بند پيل هئڻ سبب ڳوٺ جن لڳ ڀڳ 300 معصوم نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿيڻ لڳي شاگردن ۽ شاگرديائين پاران احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندي هنن چيو ته اسڪول ڏگهي عرصي کان بند هجڻ ڪري معصوم ٻار تعليم جهڙي زيور کان محروم ٿيل آهن متاثر ٻارڙين تعليم کاتي مٽياري ،سنڌ جي تعليم واري وزير ۽ لاڳاپيل تعليم کاتي جي اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته ڳوٺ جو بند پيل نياڻين جو سرڪاري اسڪول کولرائي سوين نياڻين جو مستقبل اونداهي کان بچايو وڃي

موهن جو دڙو پرسان ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد مان ٻلهڙيجي جا 2 مشهور زميندار اغوا

ملاحن جي لاڙي وٽان 2 ڪارن ۾ سوار ٿي آيل 8 هٿياربندن نواب سومرو ۽ ديدار ڀٽ کي اغوا ڪري ويا

هٿياربندن جا پوليس پيرين جي مدد سان پيرا ڪڍايا جيڪي ايئرپورٽ پرسان حسن واهڻ ڳوٺ وٽان بند تي غائب

ٻهريون پيرو ٻلهڙيجي روڊ وٽان هٿياربندن هٿان ڦرڻ ڪرڻ بعد 2 زميندارن کي اغوا ڪرڻ جو واقعو پيش آيو آهي: رهواسي

ڏوڪري (ن ع) موهن جو دڙو پرسان ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد مان ٻلهڙيجي جا 2 مشهور زميندار نواب سومرو ۽ ديدار ڀٽ 8 هٿياربندن هٿان اغوا ٿي ويا. ان ڏس ۾ گذريل رات دير سان ٻلهڙيجي جس زميندار ڪار ۾ ڏوڪري پرسان ڇنا پل کان ڳوٺ ٻلهڙيجي اچي رهيا هئا ته موهن جو دڙو ٻلهڙيجي روڊ تي ملاحن جي لاڙي وٽان 2 ڪارن ۾ سوار ٿي آيل 8 هٿياربندن روڊ تي پهر رکي اڳواٽ تي رڪاوٽون وجهي ٿاڙ ۾ ويٺل هئا. ڪار پهچڻ شرط هوائي فائرنگ ڪري ڏني جنهن بعد ڪاٺن موبائيل فونون ۽ روڪ رقم ڦرلٽ ڪري تشدد ڪرڻ بعد يرغمال بڻائي 2 ڪارن ۾ چڙهي شهدادڪوٽ طرف فرار ٿي ويا. جتي پوليس طرفان مغوين جي گاڏي ٽريس ڪئي وئي آهي جڏهن ته واپسي ۾ پنڌ ويندڙ 2 نامعلوم هٿياربندن جا پوليس پيرين جي مدد سان پيرا ڪڍايا جيڪي ايئرپورٽ پرسان حسن واهڻ ڳوٺ وٽان بند تي غائب ٿي ويا تاريخ ۾ ٻهريون پيرو ٻلهڙيجي روڊ وٽان هٿياربندن هٿان ڦرڻ ڪرڻ بعد 2 زميندارن کي اغوا ڪرڻ جو واقعو پيش آيو آهي جنهن سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ پيدا ٿي ويو آهي ايئرپورٽ پوليس طرفان ٻلهڙيجي بند وٽان قائم ٿيل پوليس پڪٽ ختم ڪرڻ کان پوءِ ڏوهن ۾ اضافو اچي ويو آهي

ڄامشورو جي گلشن شهباز ۾ معصوم نينگري تي تشدد وارو مامرو

واقعي جو وارثن کي انصاف نه مليو، وارثن جو گهر ڀاتين سان گڏ احتجاج

مامري جو نوٽيس وٺي مامري جي جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي: وارثن جي اپيل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڄامشورو جي گلشن شهباز ۾ معصوم نينگري جي تشدد واقعي جو وارثن کي انصاف نه مليو، وارثن جو گهر ڀاتين سان گڏ احتجاج، انصاف جي گهر. ڄامشورو جي گلشن شهباز ڪالوني جي رهواسي پورهيت گلزار ڏاهوٽ ڪالهه گهر ڀاتين سوڌو پوليس ۽ بااثر ماڻهو خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هن ڏانهيندي الزام هنيو ته ڪجهه عرصو اڳ پاڙيسري بااثر ماڻهو صمر پٺاڻ معمولي ڳالهه تان مڇرجي منهنجي 5ورهين جي معصوم ڌي سبحانه کي ڏڪ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن جي حد جي ٿاڻي سوسائٽي تي اين سي داخل ڪرائي جنهن بعد ٿاڻي جي وڏي منشي جوابدار سان ٺاهه نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ منهنجي خلاف چوري جي ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪري ڇڏي، هن چيو ته جوابدار صمر پٺاڻ بااثر ماڻهو آهي جنهن سبب پوليس منهنجي هڪ نٿي ٻڌي، هن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته مامري جو نوٽيس وٺي مامري جي جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج سجاول ۾ يوم دفاع جي تقريب

تقريب دوران شاگردن يوم دفاع جي اهميت ۽ شهيدن جي قربانين تي روشني وڌي

پاڪستان جي دفاع خاطر پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙ شهيد جوانن کي زبردست ڀيٽا پيش

سجاول(ء ر) يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج سجاول پاران پرنسيپال پروفيسر محمد حسن پٽي جي صدارت هيٺ ڪاليج جي آڊيٽوريم هال ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب دوران شاگردن يوم دفاع جي اهميت، پاڪستان جي دفاع لاءِ پاڪ فوج جي قربانين ۽ شهيدن جي لازوال جدوجهد تي روشني وجهندي تقريرون ڪيون تقريب کانپوءِ ڪاليج کان مين روڊ سجاول تائين دفاع پاڪستان ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ 100 کان وڌيڪ شاگردن، استادن، پروفيسرن ۽ نان ٽيچنگ اسٽاف شرڪت ڪئي ريلي ۾ پروفيسر افتخار شاهه، پروفيسر مرزا خلد بيگ، محمد رضوان شاهه، فهد شاهه ۽ رياض حسين چانڊيو سميت ڪاليج جو تدريسي ۽ غير تدريسي عملو پڻ موجود هو ريلي جي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ قومي جهنڊا ۽ دفاع پاڪستان بابت بينر کڻي پاڪ وطن سان محبت ۽ قومي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي شاگردن ۽ استادن پاڪستان جي دفاع خاطر پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙ پاڪ فوج جي شهيد جوانن کي زبردست ڀيٽا پيش ڪندي سندن قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو ريلي دوران "پاڪستان زنده آباد" ۽ "پاڪ فوج زنده آباد" جا پرجوش نعرا پڻ هنيا ويا.

شهدادڪوٽ شهر جي بيوٽيفڪيشن پلان تي عملدر آمد تيزي سان جاري

مير نادر خان مگسي جي فنڊز مان ترقياتي اسڪيمن تي ڪم ڪيو پيو وڃي

ترقياتي ڪمن جي مڪمل ٿيڻ سان عوام کي بهتر سهولتون ملنديون: علي نواز مگسي

شهدادڪوٽ(ء ر) پ پ پ جي سينيئر اڳواڻ ۽ ايم پي اي مير نادر خان مگسي جي فنڊز مان شهدادڪوٽ شهر جي بيوٽيفڪيشن پلان تي عملدر آمد تيزي سان جاري آهي شهر جي مختلف پاڙن ۽ وارڊن ۾ لکين رپين جي ترقياتي اسڪيمن تي پيور بلاڪس، ڊرينيج سسٽم ۽ نيڪال سميت ٻين اسڪيمن تي ڪم تيزي سان جاري آهي جن جي مڪمل ٿيڻ سان شهرين کي ان منصوبن مان لاڀ حاصل ٿيندو اهي ترقياتي اسڪيمون شهر جي مختلف پاڙن جن ۾ عيد گاهه روڊ سميت مختلف وارڊن ۽ ڳتيل آبادي وارن علائقن ۾ شامل آهن هوڏانهن ايم پي اي ۽ پ پ پ جي سينيئر اڳواڻ مير نادر خان مگسي جي ترقياتي اسڪيمن بابت فوڪل پرسن پاڻو علي نواز مگسي ٻڌايو ته هن وقت مير نادر خان مگسي جي صوابديدي ترقياتي فنڊز مان سنڌن چونڊ تڪ ۾ ترقياتي اسڪيمن تي عمل تيزي سان جاري آهي جن ۾ شهري توڙي ڳوٺاڻي علائقن ۾ ترقياتي اسڪيمن تي ڪم جاري آهي جن جي مڪمل ٿيڻ سان عوام کي بهتر سهولتون ملنديون هن چيو ته عوام ۽ تڪ واسي پنهنجي اڳواڻ مير نادر خان مگسي سان دلي محبت ڪن ٿا ۽ مير صاحب طرفان عوام کي به ساڳئي سوٽ ملي پيو

شهدادڪوٽ: مير نادر خان مگسي پاران چونڊ تڪ ۾ هلندڙ ترقياتي ڪم جو ڏيک

ڪوٽ غلام محمد ۾ تڪيه سيد اميد علي شاهه لڪياري تي جشن عيد ميلاد النبي صہ جي محفل

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) تڪيه سيد اميد علي شاهه لڪياري تي هر سال جيان هن سال به جشن عيد ميلاد النبي صہ جي سلسلي ۾ درود پاڪ جي ورد ۽ صوفياڻي محفل ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ مهمان خاص فقير محمد بخش ضامن گادي نشين درگاهه منٺار فقير صوفي فنڪار انور ڪچي برڪت جمال فقير ۽ بادل فقير سميت ٻين مهمانن خصوصي شرڪت ڪئي صوفياڻي محفل ۾ ڪوٽ غلام محمد ۽ ڀرپاسي جي علائقن مان سوين ماڻهن وڏي عقيدت ۽ محبت سان شرڪت ڪئي محفل دوران درود پاڪ جو ورد، صوفي ڪلام ۽ روحاني ذڪر سان ماحول روحاني جذبن سان سرشار ٿي ويو ان موقعي تي گادي نشين سيد اميد علي شاهه پنهنجي صوفي ۽ روحاني خطاب ۾ چيو ته نفسا نفسي جي هن دور ۾ هر انسان پريشان حال آهي. تنهنڪري اهڙيون صوفياڻي ۽ روحاني محفلون منعقد ٿيڻ گهرجن جيئن ماڻهو انهن پروگرامن ۾ شرڪت ڪري قلب جو سڪون حاصل ڪري ۽ دنيا جا درد ۽ سور ڪجهه وقت لاءِ وساري سگهن سيد اميد علي شاهه چيو ته اسان جو پيغام صوفياڻو آهي، جو ته هي ڌرتي صوفين جي ڌرتي آهي اسان کي پنهنجي دلين مان ڪوڙ ڪينو ۽ نفرت ڪڍي دل کي صاف رکڻ گهرجي، ته جيئن انسان اندر انسانيت جنم وٺي، نه ڪي حيوانيت محفل جي پڄاڻي تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون

سيبس يونيورسٽي پاران يوم دفاع جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ يوٿ آرٽ نمائش

سنڌ حڪومت جي يوٿ افيئرز کاتي جي سهڪار سان يوٿ آرٽ نمائش منعقد ڪئي وئي

اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد اسحاق جي خاص شرڪت

ڄامشورو(پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشوري پاران سنڌ حڪومت جي يوٿ افيئرز کاتي جي سهڪار سان پاڪستان جي يوم دفاع جي شهيدن ۽ قومي هيروز کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ يوٿ آرٽ نمائش منعقد ڪئي وئي نمائش جو افتتاح فيشن ڊيزائن ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيو ويو جتي شاگردن پاران آرٽ جا شاهڪار پوسٽر پيش ڪيا ويا، جن ذريعي 6 سيپٽمبر 1965ع جي شهيدن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو ايوارڊز ۽ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب يونيورسٽي جي مني آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿي سنڌ حڪومت جي اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد اسحاق تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي جڏهن ته ڊائريڪٽوريٽ آف يوٿ افيئرز سنڌ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد حبيب الله اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي تقريب ۾ اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز کاتي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽرز رضوان علي ملاح ۽ معيز حسين سومرو پڻ شرڪت ڪئي تقريب جي صدارت سيبس يونيورسٽي ڄامشوري جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اربيلا ڀٽو ڪئي هن شاگردن کي پاڪستان جي هٿياربند فوجن ۽ يوم دفاع جي شهيدن جي بهادري ۽ قربانين کي پنهنجي فني صلاحيتن ذريعي اجاگر ڪرڻ تي ساراهيو نمائش دوران فائن آرٽس جي تحريم سومرو پهرين، ڪميونيڪيشن ڊيزائن جي سارا ٻي ۽ فائن آرٽس جي پريانڪا ٽين پوزيشن حاصل ڪئي شاگردن پاران تيار ڪيل پوسٽرن ۾ 6 سيپٽمبر 1965ع جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي، ملڪ جي دفاع لاءِ سندن بهادري، حب الوطني ۽ قربانين کي اجاگر ڪيو ويو

ڄامشورو: سيبس يونيورسٽي جي شاگردياڻي کي 6 سيپٽمبر جي يوٿ آرٽ نمائش ۾ پوزيشن حاصل ڪرڻ تي شيلڊ ڏني پئي وڃي

سجاول ۾ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي پاران مختلف جاين تي عذرخواهيون

سجاول (ء ر) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سنڌ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي پ پ تعلقي سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ عبداللطيف ميمڻ سجاول پهچي سجاول جي واپاري جي عيادت ڪندي مختلف هنڌن تي پهچي فوت ٿيلن جي وارثن سان تعزيت ڪئي خبر موجب صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سنڌ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي پ پ تعلقه سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ ۽ پ پ جي عوامي ۽ سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ سجاول پهچي پنجتن پاڪ بيڪري جي مالڪ سيٺ عبدالرزاق گجر جي عيادت ڪئي ۽ پاڻ جي واپاري سيٺ غفار آرائين جي لاڏاڻي تي سندس وارثن سان تعزيت ڪندي مرحوم جي مغفرت ۽ وارثن لاءِ صبر جي دعا ڪئي بعد ۾ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي سجاول شهر جي زنگيجا محلي ۾ استاد محمد جمن زنگيجو جي گهر پهچي سندس نياڻي جي لاڏاڻي تي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري ان موقعي تي عمران علي ڪٽي زاهد حسن ڪڏي عارف ابڙو اڪبر زنگيجو ۽ وڪيل آفتاب ايچ پنهور عبدالشڪور سميت ٻيا گڏ هئا صوبائي وزير جي سجاول آمد دوران پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ملاقاتون پڻ ٿيون جن دوران علائقي جي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪوٽڙي ڪبير ويجهو تيز رفتار ڪار ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر

حادثي ۾ سيد عابد حسين شاهه ۽ غلام مجتبيٰ ابڙو فوت

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڪوٽڙي ڪبير ويجهو قومي شاهراهه مٿان عابد احسان پيٽرول پمپ وٽ تيز رفتار ڪار ۽ ٽرالر جو آمهون سامهون زوردار ٽڪر، ٽڪر جو آواز پري پري تائين ٻڌڻ ۾ آيو. حادثي ۾ سيد عابد حسين شاهه ۽ غلام مجتبيٰ ابڙو ويٺل ابڙن ٿلهي تي ڪار ۾ ئي اندر فوت ٿي ويا. ڪار جي چيچريل لوهه کي ڪرين مشين ذريعي لاشن کي ڪار مان ڪڍي ريسڪيو ايمبولينس 1122 ذريعي هنگورجا سرڪاري اسپتال لاش پهچايا ويا. جتي پوليس ضروري ڪارروائي ڪرڻ کان پوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪري ڇڏيا. جڏهن ته ٽرالر کي هنگورجا پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

ميهڙ جي شاهي بازار ۾ ٽائون جي دوڪان جي گودام کي باهه

شاهينجو ۽ صحافي جي دوڪان کي باهه سبب لکين رپين جو نقصان

اهو به انديشو آهي ته بجلي جي شارٽ سرڪٽ ۽ تارن ملڻ ڪانپوءِ باهه لڳي

ميهڙ(ن ع) ميهڙ جي وچ شهر شاهي بازار ۾ رات اوچتو ٽائون جي دوڪان گودام کي باهه لڳي وئي لکين رپين جو نقصان شاهينجو ۽ صحافي جي دوڪان کي باهه لکين رپين جو نقصان مليل معلومات موجب ميهڙ جي شاهي بازار ۾ ٽائون جي دوڪانن جي گودام جي ڇت واري حصي ۾ اوچتو باهه لڳي وئي رات جي وقت فائر برگيڊ کي اطلاع ڏنو جنهن باهه تي ڪنٽرول ڪري وڌيڪ نقصان کان بچائي ورتي ميهڙ جي واپاري دوڪاندار محمد منير شيخ صحافين کي ٻڌايو ته رات اوچتو باهه لڳي وئي يا اهو به انديشو آهي ته بجلي جي شارٽ سرڪٽ ۽ تارن ملڻ ڪانپوءِ باهه لڳي جنهن سبب مٿيان گودام ۾ پيل سامان سڙي ويو آهي الله پاڪ خير ڪيو گهڻي نقصان کان بچاءُ ٿيو آهي هوڏانهن شاهه پنجو جي صحافي فياض علي منگي جي درزڪي دڪان کي مبينا طور نامعلوم ماڻهن باهه ڏئي فرار ٿي ويو جنهن سبب دوڪان ۾ پيل سامان ۽ لکين رپين جو ڪافي نقصان پهتو هن چيو ته مون کي ڪجهه ماڻهن تي شڪ آهي مان پوليس کي اطلاع ڪيو آهي

ميهڙ: دڪان کي لڳل باهه جو ڏيکءُ ٻئي طرف صحافي ميڊيا سان ڳالهائيندي

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالحق پرڳڙي ۾ يوم دفاع جي تقريب

پاڪ وطن جي دفاع خاطر پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪندڙ شهيدن کي ڀيٽا پيش

شهيدن جي ياد ۾ شمع روشن ڪري لازوال قربانين کي سلام پيش عقيدت پيش ڪيو ويو

اوڏيرو لال (ن ع) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالحق پرڳڙي ۾ يوم دفاع پاڪستان جي حوالي سان هڪ شاندار پروقار ۽ حب الوطنيءَ سان ڀرپور تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن، استادن، والدين ۽ معزز مهمانن قومي جذبي سان شرڪت ڪئي تقريب ۾ پاڪ فوج جي جوانن کي اسڪول جي شاگردن پاران شاندار گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو جڏهن ته شاگردن پاران نظم و ضبط ۽ قومي جذبي سان فوجي پريڊ ذريعي ڀيٽا پڻ پيش ڪئي وئي، تقريب ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر مير الله بخش خان ٽالپر جا فرزند مير عرفان خان ٽالپر ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر انور ڀارابي، ڊپٽي ڊي او ايڊمن شاهد راجپوت، ٽي اي او فيميل عارف سهتو سي آءِ اي انچارج بدين عارف جروان ڊپٽي ڊائريڪٽر ميرپورخاص سائين جميل قريشي پروفيسر سائين رفيق احمد ڪٽي، يوسي چيئرمين غلام رسول جروار ڳسنا اڳواڻ عبدالحق پرڳڙي سميت پاڪ فوج جي رٽائرڊ آفيسرن مختلف آفيسرن سياسي ۽ سماجي شخصيتن استادن، والدين، مٽن مائٽن ۽ علائقي جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ شاگردن پاران ملي نغما، تقريرون ٽيبلوز پريڊ ۽ گارڊ آف آنر پيش ڪري وطن عزيز سان محبت جو اظهار ڪيو ويو ۽ پاڪ وطن جي دفاع خاطر پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪندڙ شهيدن ۽ غازين کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو ويو تقريب دوران شهيدن جي ياد ۾ شمع روشن ڪري شهيدن جي لازوال قربانين کي سلام پيش عقيدت پيش ڪيو ويو، آيل مهمانن تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته 6 ڊسمبر تي پاڪستان جي شهيدن پنهنجي جانين جو نذرانو ڏئي وطن عزيز جي حفاظت ۽ سربلنديءَ لاءِ تاريخ ۾ پنهنجو نالو هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيو آهي آيل مهمانن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اسڪول جي استاد ۽ شاگردن هن خوبصورت تقريب جي ذريعي اسان جي نئين نسل ۾ حب الوطني نظم و ضبط، اتحاد، همت، قرباني ۽ وطن سان وفاداري جا جذبا اجاگر ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالحق پرڳڙي جي هيءَ تقريب شاگردن جي صلاحيتن استادن جي محنت ۽ اسڪول انتظاميا جي بهترين ڪوششن آهي آخر ۾ اسڪول انتظاميا طرفان اسڪول جي هيڊ ماستر عبدالرشيد پرڳڙي پاران سمورن معزز مهمانن پاڪ فوج جي جوانن ۽ رٽائرڊ آفيسرن سياسي ۽ سماجي شخصيتن استادن والدين ۽ علائقي جي معزز ماڻهن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته معزز مهمانن پاران پنهنجي قيمتي وقت مان وقت ڪڍي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ شاگردن جي حوصلا افزائي ڪئي

ڏيرولال: اسڪولي شاگرد ٽيبلوز پيش ڪندي

ڏڙي ۾ سگا اڳواڻ ذوالفقار علي حسين ميمڻ جي مان ۾ آجياڻو

استاد معاشري جو اهو ڪردار آهي، جيڪو نسلن جي تقدير سنواري ٿو: مقررين

ذوالفقار علي حسين ميمڻ به پنهنجي زندگيءَ جا 39 سال تعليم جي شعبي کي ارپيا

ڏڙو (ن ع) ڏڙو ۾ (سگا) شاخ پاران تعليم کاتي سان 39 سالن تائين وابسته رهي هزارين شاگردن جي علمي آبياري ڪندڙ ۽ سگا جي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار علي حسين ميمڻ جي مان ۾ پروقار آجياڻي جي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ ذوالفقار حسين ميمڻ جي ڊگهي تعليمي سفر ادبي وابستگي شفيق استاد واري ڪردار ۽ سماجي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي سندس خدمتن کي ساراهيو ويو جڏهن ته کيس مختلف ايوارڊ پڻ ڏنا ويا، تقريب جي صدارت سگا جي مرڪزي چيئرمين رفيق احمد جعفري ڪئي جڏهن ته مهمان خاص طور ذوالفقار علي حسين ميمڻ ۽ سگا جي سيڪريٽري جنرل علي حسين بروهي شرڪت ڪئي تقريب ۾ اعزازي مهمانن طور فيروز وساڻ منظور اڄڻ پيرل ڪوسو تاج وساڻ ۽ عرس اوٺو سميت علم ادب ۽ سماجي شعبي سان لاڳاپيل شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ٿي جنهن جي سعادت سنڌي احمد مجتبيٰ حاصل ڪئي سائين ايوب بائيتال ۽ علي دوراڻي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي لطيف سائين جي فڪر ۽ فني جمال کي الاپ جي صورت ۾ پيش ڪيو جنهن تي ويٺل مهمانن پاران ڀرپور داد ڏنو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي سگا جي مرڪزي چيئرمين رفيق احمد جعفري چيو ته استاد معاشري جو اهو ڪردار آهي جيڪو نسلن جي تقدير سنوارڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو ذوالفقار علي حسين ميمڻ به پنهنجي زندگيءَ جا 39 سال تعليم جي شعبي کي ارپيا ۽ شاگردن جي ذهنن ۾ علم جا ڏيئا روشن ڪيا، سندس خدمتون رڳو نوڪري جي دائري تائين محدود نه رهيون پر هن پنهنجي استاد واري ڪردار کي هڪ ذميواري ۽ مشن طور نڀايو سگا جي سيڪريٽري جنرل علي حسين بروهي عرس اوٺو نور محمد ڪيبس سجاد ميمڻ ۽ ٻين مقررين پڻ ذوالفقار حسين ميمڻ جي شخصيت ۽ خدمتن کي ڀرپور لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيس

ڏڙو: سگا طرفان علمي ادبي شخصيت ذوالفقار حسين ميمڻ جي مان ۾ ايوارڊ تقريب جو

ماتلي جي عدالت ۾ چيڪ باؤنس ٿيڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي

جوابدار سعيد آرائين خلاف ٽي سال قيد ۽ پنجاهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا بحال

ڪيس ۾ جوابدار سعيد آرائين پنهنجي بچاءَ ۾ شاهديون پيش نه ڪري سگهيو

ماتلي (ن ع) ماتلي جي عدالت چيڪ باؤنس ٿيڻ تي جوابدار سعيد آرائين کي ٽي سال قيد ۽ پنجاهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا کي بحال ڪري ڇڏيو آهي. 2025 ۾ ماتلي جي جميل ڪالوني واسي محمد آصف ميمڻ کي ڪاروباري معاملي ۾ جوابدار سعيد آرائين هڪ ڪروڙ ٻياسي لک رپين جو چيڪ ڏنو هو جيڪو بينڪ پاران باؤنس قرار ڏنو ويو هو جنهن بعد فريادي محمد آصف ميمڻ اهڙو ڪيس ماتلي ٿاڻي تي جوابدار محمد سعيد آرائين خلاف داخل ڪرايو ويو هو جيڪو ماتلي جي سول جج نمبر هڪ سيد علي عمران شاهه جي عدالت ۾ هلندڙ هو ڪيس ۾ جوابدار پنهنجي بچاءَ ۾ شاهديون پيش نه ڪري سگهيو جنهن جي بنياد تي سول ڪورٽ جوابدار محمد سعيد آرائين کي ٽي سال قيد ۽ پنجاهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي هئي ڏنڊ نه ڏيڻ جي صورت ۾ جوابدار وڌيڪ ٽي مهينا قيد ڪاٽيندو سول ڪورٽ پاران اهڙي سزا خلاف جوابدار محمد سعيد پنهنجي وڪيل جي معرفت سيشن ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي اپيل متعلق درخواست ايڊيشنل سيشن جج جناب مسٽر بلاول پيرزادو جي عدالت ۾ ٻڌڻي هلندڙ هئي جتي پڻ جوابدار پنهنجي بچاءَ لاءِ شاهديون پيش نه ڪري سگهيو جنهن ڪري ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ماتلي جي عدالت اپيل واري درخواست کي رد ڪندي جوابدار کي سول ڪورٽ ماتلي پاران ڏنل سزا کي بحال ڪري ڇڏيو فريادي محمد آصف ميمڻ جي ڪيس جي پيروي ماتلي جي سينئر وڪيل مسٽر اڪبر حسين ايڊوڪيٽ ڪئي.

سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي: راشد محمود سومرو

ڪنهن به سازش کي عوام گڏجي ناڪام بڻائيندو، سنڌ جي وسيلن تي نظر رکندڙ قوتن جا ارادا به ڪامياب ٿيڻ نه ڏنا ويندا

عوام جي بنيادي حقن لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ منظم ڪندي سنڌ جي هر شهر، ڳوٺ، وستي ۽ واهڻ تائين عوامي رابطا مهم جاري آهي

ملڪ ۾ نااهل ۽ نالائق حڪمرانن کان عوام کي نجات ڏيارڻ لاءِ وڏي عوامي موومينٽ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: پريس ڪانفرنس

پٿورو: جي يو آءِ اڳواڻ علامه راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي

پٿورو (ن ع) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مولانا راشد محمود سومرو چيو آهي ته سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي، سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به سازش کي عوام گڏجي ناڪام بڻائيندو جڏهن ته سنڌ جي وسيلن تي نظر رکندڙ قوتن جا ارادا به ڪامياب ٿيڻ نه ڏنا ويندا. پٿورو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مولانا راشد محمود سومرو چيو ته سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، ميرٽ جي لتاڙ، ڪرپشن ۽ صحت توڙي تعليم جي تباهه ٿيل صورتحال خلاف جمعيت علماءِ اسلام پنهنجو واضح موقف ڏئي چڪي آهي عوام جي بنيادي حقن لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ منظم ڪندي سنڌ جي هر شهر، ڳوٺ، وستي ۽ واهڻ تائين جلسن، جلوسن ۽ عوامي رابطا مهم جو سلسلو جاري رکيو ويندو. هن چيو ته ملڪ ۾ نااهل ۽ نالائق حڪمرانن کان عوام کي نجات ڏيارڻ لاءِ وڏي عوامي موومينٽ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد عوام جي حقن جي جنگ وڙهڻ ۽ نااهل حڪمرانن کي اقتدار جي ايوانن مان گهر ڀيڙو ڪرڻ آهي مولانا راشد محمود سومرو چيو ته سنڌ ۾ نون صوبن جي قيام جي تجويز کي جمعيت علماءِ اسلام مڪمل طور رد ڪري ٿي سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. "سنڌ ڪپائيندي، پادر ڪاٽيندي" وارو نعرو هاڻي سنڌ جي ٻچي ٻچي جي زبان تي آهي ۽ سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به سازش کي سنڌ جو عوام گڏجي ناڪام بڻائيندو صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي هن چيو ته جيڪڏهن بلوچستان جو عوام نوان صوبا چاهي ٿو ته انهن جي خواهش تي غور ٿيڻ گهرجي، خيبرپختونخواهه يا پنجاب ۾ به جيڪڏهن عوام نون صوبن جو مطالبو ڪري ته عوام جي راءِ جو احترام ڪيو وڃي، پر سنڌ جو عوام ڪنهن به صورت ۾ سنڌ کي ورهائڻ قبول نه ڪندو هن چيو ته آئين ۽ قانون موجب نون صوبن جي قيام لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جو ڪردار بنيادي حيثيت رکي ٿو سنڌ اسيمبلي پڻ نون صوبن جي قيام بابت واضح موقف اختيار ڪندي اهڙي تجويز کي رد ڪري چڪي آهي هن چيو ته محسن نقوي کي گهرجي ته جن صوبن جا عوام نوان صوبا چاهين ٿا، انهن جي راءِ جو احترام ڪن پر سنڌ جي ورهاست لاءِ ضد نه ڪن مولانا راشد محمود سومرو وڌيڪ چيو ته سنڌ پاڪستان جي معيشت ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندڙ صوبو آهي سنڌ جا قدرتي وسيلا ملڪ جي معيشت لاءِ وڏي اهميت رکن ٿا. سنڌ مان گئس، پيٽرول، ڪوئلو ۽ ٻيا معدني وسيلا حاصل ٿين ٿا، جڏهن ته ٿر سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ موجود معدني دولت ملڪ لاءِ وڏي معاشي اهميت رکي ٿي هن چيو ته سنڌ جي وسيلن تي نظر رکندڙ قوتن جا ارادا سنڌ جي عوام کان لڪل ناهن بجلي، گئس، پيٽرول، ڪوئلو ۽ قيمتي معدنيات سنڌ جي ڌرتيءَ جي دولت آهن ۽ انهن وسيلن تي ڪنهن به قسم جي ناجائز قبضي يا سنڌ جي وحدت کي نقصان پهچائڻ واري سازش کي قبول نه ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته ملڪ هن وقت قرضن جي بار هيٺ دٻيل آهي، معاشي بحران سنگين صورتحال اختيار ڪري چڪو آهي ۽ حڪمرانن کان نظام هلائڻ وارو ڪم سنڀالجي نه رهيو آهي عوام مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب سخت پريشان آهي آخر ۾ مولانا راشد محمود سومرو چيو ته جمعيت علماءِ اسلام عوام کي اڪيلو نه ڇڏيندي ۽ عوام جي حقن سنڌ جي وحدت، ميرٽ، امن تعليم، صحت ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ پنهنجي جدوجهد هر سطح تي جاري رکندي

ميهڙ جي نجي ميڊيڪل سينٽر جي عملي تي آپريشن دوران غفلت جو الزام، متاثرن جو احتجاج

گهرواري زهران مزاري جو نجي ميڊيڪل سينٽر ۾ ڊاڪٽر نور مصطفيٰ ۽ ليڊي ڊاڪٽر رخسار کان سيزر آپريشن ڪرايو: امجد مزاري

آپريشن ڪانپوءِ گهرواري جي طبيعت خراب ٿيڻ تي ڪيس لاڙڪاڻي جي انڊس ميڊيڪل سينٽر ۾ پروفيسر علي حيدر وٽ وٺي ويس

پروفيسر علي حيدر مختلف ٽيسٽون ڪرائڻ بعد ڪيس ڪراچي ۾ علاج ڪرائڻ جو مشورو ڏنو ست لک رپين کان وڌيڪ خرچ ڪري چڪو آهي

ميهڙ(ن ع) ميهڙ جي نجي ميڊيڪل سينٽر جي عملي تي آپريشن دوران غفلت جو الزام متاثر عورت جي مڙس پاران ڪارروائي ۽ انصاف جي اپيل، ميهڙ جي ٻاءِ پاس ڪڪول واهه تي قائم نجي علي ڪيئر هوم ميڊيڪل سينٽر جي عملي تي آپريشن دوران مبينا غفلت جو الزام لڳائيندي متاثر عورت جي مڙس ۽ وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو سليمان ڪالوني ميهڙ جي رهواسي امجد مزاري، راڄو مزاري، سجاد مزاري نثار مزاري، ارسلان لاشاري ۽ نادر ڳوڙ سان گڏ آزاد پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي امجد مزاري ڏانهيو ته هن پنهنجي گهرواري زهران مزاري جو علي ڪيئر هوم ميڊيڪل سينٽر ۾ ڊاڪٽر نور مصطفيٰ ۽ ليڊي ڊاڪٽر رخسار کان سيزر آپريشن ڪرايو جتي مبينا غفلت سبب سندس گهرواري جي ٻچي داني ڪٽي وئي امجد مزاري موجب آپريشن ڪانپوءِ گهرواري جي طبيعت خراب ٿيڻ تي ڪيس لاڙڪاڻي جي انڊس ميڊيڪل سينٽر ۾ پروفيسر علي حيدر وٽ وٺي ويس جتي مختلف ٽيسٽون ڪرائڻ بعد ڪيس ڪراچي ۾ علاج ڪرائڻ جو مشورو ڏنو ويو سندس چوڻ موجب هو گهر واري کي لياقت نيشنل اسپتال ۽ ڊائو اسپتال پڻ وٺي ويو ۾ علاج جا خرچ وڌيڪ ٻڌايا ويا، جيڪي هو برداشت نه ڪري سگهيو متاثر عورت جي مڙس وڌيڪ ٻڌايو ته بعد ۾ ڪائمز جنرل اسپتال ۾ پروفيسر سيما کان ٻيهر آپريشن ڪرايو جتي کيس ٻڌايو ويو ته سندس گهرواري جي ٻچي داني ڪٽيل آهي ۽ ان مان مبينا طور گند خارج ٿي رهيو آهي سندس دعويٰ موجب هن وقت تائين علاج تي ست لک رپين کان وڌيڪ خرچ ڪري چڪو آهي پر ان باوجود سندس گهرواري جي طبيعت مڪمل طور تي بهتر نه ٿي سگهي آهي امجد مزاري الزام لڳايو ته علي ڪيئر ميڊيڪل سينٽر جي انتظاميا هاڻي ساڻن فون تي رابطو ڪرڻ يا ملاقات ڪرڻ لاءِ به تيار ناهي هن صحت کاتي جي وزير عذرا پيچو، سيڪريٽري هيلٿ طاهر سانگي ڊائريڪٽر هيلٿ حيدرآباد، صحت کاتي جي اختيارين ۽ ٻين لاڳاپيل وس وارن ادارن کان مطالبو ڪيو ته علي ڪيئر ميڊيڪل سينٽر خلاف مبينا غفلت جي شفاف جاچ ڪرائي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن مستقبل ۾ ٻين مريضن کي اهڙين مبينا غفلتن کان بچائي سگهجي متاثر عورت جي مڙس ايس ايس پي دادو ۽ ٻين اختيارين کان پڻ ايف آءِ آر داخل ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ۽ خبردار ڪيو ته انصاف نه مليو ته هو عدالت سان رجوع ڪرڻ سان گڏ احتجاج جو دائرو پڻ وڌائيندو

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جي صورتحال

اسلام آباد(اي پي پي) واپڊا درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا. سومر ڏينهن تي جاري ڪيل رپورٽ مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد هڪ لک 40 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 40 هزار600 ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 27 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 27 هزار 5100 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد هڪ لک 78 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 78 هزار 200 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 16 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 9 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 49 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 22 هزار 900 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. جناح بيراج ۾ پاڻي جي آمد 2 لک 51 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 2 لک 43 هزار900 ڪيوسڪ، چشمه بيراج ۾ پاڻي جي آمد 2 لک 47 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 2 لک 28 هزار 500 ڪيوسڪ، تونسه بيراج ۾ پاڻي جي آمد 2 لک 48 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 2 لک 27 هزار 600 ڪيوسڪ، گڊو بيراج ۾ پاڻي جي آمد 2 لک 50 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 2 لک 20 هزار ڪيوسڪ، سکر بيراج ۾ پاڻي جي آمد هڪ لک 62 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 9 هزار 300 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بيراج ۾ پاڻي جي آمد 96 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 54هزار 600 ڪيوسڪ، تريمون بيراج ۾ پاڻي جي آمد 32 هزار ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 20 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ پنجند ۾ پاڻي جي آمد 31 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 16 هزار800 ڪيوسڪ رهيو تربيلا ۾ ريزروائر جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ريزروائر ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1550 فٽ ريزروائر ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.580 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ۾ ريزروائر جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ريزروائر ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1222.25 فوٽ، ريزروائر ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.748 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه ۾ ريزروائر جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، ريزروائر ۾ پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فوٽ، ريزروائر ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪاروباري هفتي جي شروعات تي ڪچي تيل جي قيمتن ۾ اضافو

سون ۽ زرعي جنسن جي قيمتن ۾ گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽن ۾ سومر ڏينهن ڪاروباري هفتي جي شروعات تي ڪچي تيل جي قيمتن ۾ اضافو جڏهن ته سون ۽ زرعي جنسن جي قيمتن ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي بلوم برگ جي رپورٽ مطابق سومر ڏينهن آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئٽ تحت ڪچي تيل جي مستقبل جا سودا 1.27 ڊالرز جي اضافي ڪانپوءِ 92.75 ڊالرز جڏهن ته برينٽ ڪچي تيل جي مستقبل جا سودا 1.34 ڊالر جي اضافي ڪانپوءِ 97.62 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيا. سون جي قيمت 37.12 ڊالر جي گهٽتائي ڪانپوءِ 4393 ڊالر ڊالر في اونس ۽ چاندي جي قيمت 0.54 ڊالر جي گهٽتائي ڪانپوءِ 66.21 ڊالر في اونس ٿي وئي زرعي جنسن جي قيمتن ۾ به گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي ڪڻڪ جي مستقبل جا سودا 20.25 ڊالر جي گهٽتائي ڪانپوءِ 734 ڊالر في بشل ۽ مڪئي جي قيمت 4 ڊالر جي گهٽتائي بعد 536.75 ڊالر ٿي وئي ڪاٽن جي قيمت ۾ 0.12 ڊالر جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي

مورو جي فنڪارن ۽ شاعرن پاران سنڌ جي ورهائڻ واري عمل خلاف ريلي

سنڌ کي ورهائڻ واري سازش هرگز قبول نه ڪئي ويندي، اها سوچ ختم ڪئي وڃي: فنڪار

سنڌ جو ماڻهون امن جو سفير رهيو آهي جنهن هر ڪنهن عزت مان سان جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن

مورو(ن ع) مورو جي فنڪارن ۽ شاعرن پاران سنڌ جي ورهائڻ واري عمل خلاف سنگ سان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي بائيپاس روڊ مان ڪڍي وئي جيڪا شهر جو گشت ڪندي مورو پريس ڪلب اڳيان پهتي جتي سخت نعري بازي ڪئي وئي ريلي جي اڳواڻي فنڪار محمد شريف سابقي، فنڪار نورل ماڇي استاد الهجڙيو سمون، غفار سمون، قائم سابقي، شاعرن جگري سولنگي، پيرل سولنگي، سوڊل لاشاري، خادم چانڊيو نظر سولنگي، راشد ماڇي ڊيشان علي سمون ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. هنن چيو ته سنڌ کي ورهائڻ واري سازش هرگز قبول نه ڪئي ويندي جيڪي سنڌ ورهائڻ چاهين ٿا اهي سوچ ختم ڪن ٻي صورت نتيجو خراب نڪرندو سنڌ جو ماڻهون امن جو سفير رهيو آهي جنهن هر ڪنهن عزت مان سان جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن پر هاڻي اهي اسان جي ان مهمانوازي صبر کي ڪمزوري نه سمجهن

مورو: فنڪار ۽ شاعر پاران سنڌ جي ورهائڻ واري عمل خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ جي وسيلن، وحدت ۽ دڳن جي سوديبازي ڪندڙ پنهنجا آهن: امر رباب

هڪ طرف "مر ويسون مر ويسون، سنڌ نه ڏيسون" جا نعرا هڻن ٿا ٻي طرف لٽين پيا

سنڌ سان وفا رڳو نعرا هڻڻ جو نالو ناهي، پر ان لاءِ عملي طور تي پنهنجي موقف تي بيهڻ گهرجي

ميهڙ (ن ع) سنڌ جي نياڻي امر رباب چيو آهي ته ڪجهه ماڻهو هڪ طرف "مر ويسون مر ويسون سنڌ نه ڏيسون" جا نعرا هڻن ٿا، پر ٻئي پاسي ساڳيا ئي ماڻهو سنڌ جي وسيلن، وحدت ۽ دڳن جي سوديبازي ۾ ملوث نظر اچن ٿا، اهڙن ماڻهن لاءِ سنڌ ڌرتي ماءُ نه، پر وڪري جو وکر بڻيل آهي. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ امر رباب چيو ته سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ مزاحمتي شعور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري هڪ روشن فڪر جي حيثيت رکي ٿي، هن شاهه لطيف جي سر مارئي مان بيت پيش ڪندي ان جي تشريح ڪندي چيو ته مارئي عمر جي قيد ۾ هوندي به پنهنجي ماروئڙن سان وفا ۽ پنهنجي اصولن تان نه هٽي. هن پنهنجي ويڙهيچن سان ڪيل وچن کي نڀايو. امر رباب چيو ته هر انسان جي ڪردار جي اصل پرک ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن هو پنهنجي مؤقف تي ثابت قدم رهي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه جو انڪار آهي ته اهو انڪار اٽل هجڻ گهرجي. هن چيو ته مارئيءَ جو مرتبو ان ڪري به بلند آهي جو هن پنهنجي ماروئڙن جي لڄ نه لڄائي ۽ عمر جي محلن، آسائشين ۽ لالچن آڏو پنهنجي اصولن تان دستبردار نه ٿي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ مارئيءَ کي ان ئي وفاداري، ثابت قدمي ۽ وطن سان محبت سبب پنهنجي شاعريءَ ۾ امر بڻايو آهي. امر رباب جو چوڻ هو ته وطن، ديس ۽ ڌرتيءَ سان وفا، غيرت ۽ ايمان جو اهڃاڻ آهي. جڏهن ته وطن فروشن لاءِ ڌرتي ماءُ نه پر وڪري جو وکر بڻيل آهي. هن وڌيڪ چيو ته هڪ سياسي ڌر جا اڳواڻ هڪ پاسي "مر ويسون مر ويسون سنڌ نه ڏيسون" جا نعرا هڻندا رهن ٿا، پر عملي طور تي سنڌ جي وسيلن، وحدت ۽ دڳن جي سوديبازي ۾ به ملوث رهن ٿا. اهڙن ماڻهن جا نعرا، تقريرون ۽ سنڌ دوستيءَ جون دعوائون عوام کان سياسي حمايت حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا حيثيت نٿيون رکن. امر رباب چيو ته سنڌ سان وفا رڳو نعرا هڻڻ جو نالو ناهي، پر ان لاءِ عملي طور تي پنهنجي مؤقف تي بيهڻ، ڌرتيءَ جي وسيلن، وحدت ۽ حقن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ڪنهن به مفاد خاطر اصولن تي سوديبازي نه ڪرڻ آهي

جهوڪ ٿاڻي جي پوليس پاران مبينا واردات جي ڪوشش ناڪام

پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار جا 3 ساٿي اونداهي ۽ جهنگ جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا: پوليس ترجمان

سجاول (ڊ ر) جهوڪ ٿاڻي جي پوليس مبينا واردات جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس 3 ساٿي اونداهي ۽ جهاڙين جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا پوليس ترجمان موجب ايس ايس پي سجاول عليند راڄپر جي حڪم تي ضلعي اندر ڏوهاري عنصرن خلاف ڪريڪ ڊائون ۽ پوليس جي گشت ۽ نگراني جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ جهوڪ ٿاڻي جي ايس ايڇ او شجراع ڊومڪي کي گشت دوران ڳجهي اطلاع ملي ته اٻڙال روڊ تي صوفي فارم پرسان ڪجهه هٿياربند جوابدار مبينا طور واردات جي ارادي سان موجود آهن اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او جهوڪ پوليس پارٽي سان گڏ فوري طور ڄاڻايل هنڌ تي پهتو ته پوليس کي ڏسندي ئي هٿياربند جوابدارن مبينا فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن تي پوليس پڻ جوابي ڪارروائي ڪئي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار پنهنجي ئي ساٿين جي فائرنگ جو نشانو بڻجي زخمي ٿي پيو جنهن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس 3 ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس موجب گرفتار زخمي جوابدار جي قبضي مان هڪ ٽي ٽي پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ اڪبر ولد علي ماڇي طور ٿي آهي جنهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي جڏهن ته گرفتار جوابدار جو اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ ضلعي سميت مختلف ٿاڻن مان چيڪ ڪيو پيو وڃي، واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 08 سيپٽمبر 2026ع

وچ اوڀر مان پاڪستانين جي نيڪالي- پرڏيهي پاليسي لاءِ هڪ نئون امتحان

پاڪستان لاءِ وچ اوڀر جا ملڪ رڳو سفارتي ۽ سياسي لحاظ کان اهم نه آهن پر معاشي طور به انهن سان ملڪ جا انتهائي گهرا لاڳاپا آهن لکين پاڪستاني شهري نارٿ ۽ ٻين وچ اوڀر جي ملڪن ۾ روزگار سان وابسته آهن جيڪي نه رڳو پنهنجن خاندانن جو پيٽ پالين ٿا پر هر سال اربين ڊالرن جي رقم پاڪستان موڪلين ٿا اها رقم ملڪ جي معيشت لاءِ اهم سهارو بڻيل آهي اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن مختلف وچ اوڀر جي ملڪن خاص طور تي بحرين مان پاڪستاني ڪارڪنن کي نيڪالي ڏيڻ جون خبرون سامهون اچن ٿيون ته ان کي رڳو روزگار جو مسئلو سمجهڻ وڏي غلطي هوندي هيءُ معاملو پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي سفارتي حڪمت عملي قومي مفادن ۽ ملڪ جي اندروني سماجي روين سان به گهرو تعلق رکي ٿو قومي اسيمبلي جي پرڏيهي معاملن واري ڪميٽي جي اجلاس ۾ پاڪستاني ڪارڪنن کي وچ اوڀر جي ملڪن مان ڪيڍڻ وارن اطلاعن تي ڳڻتي ظاهر ٿيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته صورتحال کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ جي ضرورت آهي ڪميٽيءَ جي چيئرپرسن حنا رباني کر پاران خاص طور تي ان ڳالهه تي تشويش جو اظهار ڪيو ويو ته ڪجهه پاڪستانين کي مسلڪ ۽ فرقن جي بنياد تي به نيڪالي ڏيڻ جون خبرون آهن جيڪڏهن اهي اطلاع درست ثابت ٿين ٿا ته معاملو وڌيڪ حساس بڻجي وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ملڪ ۾ پاڪستاني شهرين سان امتيازي سلوڪ نه رڳو انساني حقن جو سوال پيدا ڪري ٿو پر پاڪستان جي شهري سفارتڪاري لاءِ به وڏو چئلينج آهي

پاڪستاني ڪارڪن ڏهاڪن کان وچ اوڀر جي تعمير، صنعت، واپار، صحت، تعليم، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين شعبن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن انهن جي محنت سان نه رڳو ميزبان ملڪن جي معيشت کي فائدو پهتو آهي پر پاڪستان جي معيشت کي به پرڏيهي ناڻي جي صورت ۾ وڏو سهارو مليو آهي تنهن ڪري انهن جي روزگار ۽ تحفظ کي پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ هڪ اهم ترين ترجيح حاصل هئڻ گهرجي پر ساڳئي وقت پاڪستانين کي به اها حقيقت سمجهڻ گهرجي ته ڪنهن به ملڪ ۾ روزگار حاصل ڪرڻ سان گڏ اتي جي قانون، ضابطن ۽ سماجي حساسيت جو احترام ڪرڻ لازمي آهي جيڪڏهن ڪو پاڪستاني شهري ميزبان ملڪ جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ته قانوني ڪارروائيءَ کان بچڻ جو مطالبو نٿو ڪري سگهجي پر جيڪڏهن ڪنهن فرد جي غلطيءَ جي سزا پوري پاڪستاني برادريءَ کي ڏيڻ يا ماڻهن کي سندن مسلڪ، فرقي يا مذهبي وابستگي جي بنياد تي نشانو بڻائڻ جون شڪايتون سامهون اچن ٿيون ته پاڪستاني حڪومت لاءِ اهو معاملو سفارتي سطح تي ضرور اٿارڻ گهرجي هن معاملي جو هڪ ٻيو اهم پاسو اهو آهي ته قومي اسيمبليءَ جي پرڏيهي معاملن واري ڪميٽيءَ کي مڪمل ۽ بروقت ڄاڻ فراهم ڪئي وڃي پارليامينٽ ملڪ جي اهم ترين آئيني ادارن مان هڪ آهي ۽ پرڏيهي پاليسيءَ بابت پارلياماني نگراني جمهوري نظام جو بنيادي حصو آهي جيڪڏهن حساس نوعيت جي معلومات سبب اجلاس کي اِن ڪيمرا ڪرڻ ضروري هجي ته اهو سمجهڻ جوڳو قدم آهي پر ان جو مطلب اهو هرگز نه هجڻ گهرجي ته پارليامينٽ جي لاڳاپيل ڪميٽي کي اڻپوري يا مبهم معلومات ڏني وڃي چيئرپرسن پاران نامڪمل بريفنگ تي ناراضگيءَ جو اظهار به ان ئي مسئلي ڏانهن اشارو ڪري ٿو پرڏيهي پاليسي جا فيصلا رڳو بند ڪمرن ۾ ويهي ڪرڻ سان مسئلا حل نٿا ٿين پارليامينٽ، حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ موثر رابطي سان ئي قومي مفادن جو تحفظ ممڪن آهي پرڏيهي معاملن واري ڪميٽي کي جيڪڏهن ڪنهن معاملي بابت بريفنگ ڏني وڃي ٿي ته اها حقيقتن، انگن اکرن ۽ سفارتي صورتحال تي ٻڌل هئڻ گهرجي ته جيئن پارليامينٽ حڪومت جي پاليسيءَ بابت مناسب راءِ قائم ڪري سگهي

وچ اوڀر مان پاڪستانين جي نيڪالي جون خبرون جيڪڏهن واقعي ڪنهن منظم يا امتيازي پاليسي جو نتيجو آهن ته پاڪستان کي خاموش نه رهڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن انهن جا سبب قانوني نوعيت جا آهن ته حقيقتون عوام ۽ پارليامينٽ اڳيان آڻڻ گهرجن ابهام ڪنهن به صورت ۾ مسئلي جو حل ناهي هن وقت ضرورت شفافيت، سنجيدگي ۽ سفارتي بصيرت جي آهي ڇاڪاڻ ته وچ اوڀر ۾ رهندڙ پاڪستاني رڳو روزگار ڪندڙ فرد ناهن اهي پاڪستان جي معيشت ۽ ملڪ جي عالمي ساک سان به جڙيل آهن

قصو هيلمٽ جو!

مير اعظم علي ٽالپر

اڄ پڙهڻ وارا سوچي رهيا هوندا ته هيءَ وري ڪهڙي تحرير آهي؟ 'هيلمٽ' جي، ها هيلمٽ جي اهميت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ناليواري ليکڪ شيڪسپيئر جي هڪ مشهور ڊرامي جو نالو ئي 'هيلمٽ' آهي. البت اها خبر نه آهي ته شيڪسپيئر هيلمٽ جي نالي سان ڊرامو ڪيئن ۽ ڇو لکيو، اهو به ممڪن هو ته هيلمٽ بدران هُو 'ٽوپي' تي ڊرامو لکي سگهيو ٿي، ڇو ته دنيا جي ملڪن ۾ 'ٽوپي ڊرامو' عام هلندڙ آهي، خاص ڪري برصغير جهڙن ملڪن پاڪستان ۽ هندستان ۾ سياستدان ۽ حڪمرانن طرفان وقتن به وقتن ٽوپي ڊراما اسٽيج تي ڪيا ويندا آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪجهه هيلمٽ نما ٽوپي ڊراما وڏا ۽ ڏکيا هوندا آهن ۽ انهن ۾ مڪالمه بنهه جذباتي هوندا آهن جنهن لاءِ سياستدان، شهنشاهه جذبات محمد علي، دليپ ڪمار ۽ نيئر سلطانه وانگر اسيمبلين ۾ ڊائلاگ ادا ڪندا آهن. معاف ڪندا ڳالهه هٽي هيلمٽ جي پر وڃي نڪتي ٽوپيءَ ڪان، پر 'ٽوپي' هجي يا 'پوتي' سيني جو خير هجي. حالانڪ راقم جو ڪو به واسطو هيلمٽ سان قطعي نه آهي، ڇو ته هيلمٽ جو اصل واسطو آهي موٽرسائيڪلن عرف اسڪوٽر هلائڻ وارن سان. سو راقم کي اسڪوٽر ته ڇا پر سائيڪل به هلائڻ نه ٿي اچي، سو هيلمٽ ۾ ڇا وڃي؟ پر شيڪسپيئر جڏهن هيلمٽ تي ڊرامو لکيو هوندو، تڏهن شايد هن پاڻ به رضاڪاراڻي طور، بچاءَ خاطر مٿي تي هيلمٽ پاتو هوندو يا وري ڪنهن گوري سارجنٽ جي چالان ڪرڻ ڪانپوءِ. مجبورن هيلمٽ پائي اسڪوٽر تي سفر ڪيو هوندائين؟ هتي سفر به راقم لاءِ پريشانيءَ جو سبب آهي. هڪ سفر سنڌي وارو ته ٻيو سفر انگريزي وارو. بهرحال سفر وري به سفر آهي. اُن ۾ تڪليف ته ٿيندي آهي. هيلمٽ اسڪوٽر جو لاڳ آهي ۽ ٻنهي جي پاڻ ۾ قربت آهي ۽ هاڻ جڏهن کان سنڌ ۾ 'اِي چالان' جو اچڻ ٿيو آهي ۽ اُن جي تاحال شاندار نمائش جاري آهي ته هيلمٽ اسڪوٽر هلائڻ واري لاءِ پهرين شرط بڻجي ويو آهي. مطلب ته به ڦيٿي واري سواري لاءِ هيلمٽ هجي، يعني ڦٽ پٽي لاءِ هيلمٽ گهرجي.

هيلمٽ پائي اسڪوٽر هلائڻ ۾ جان جي حفاظت ٿئي ٿي ۽ اُن ڪانسواءِ هيلمٽ جا ٻيا به ڪيترائي فائدا آهن. انهن فائدن جي عوام کي خبر هجي ته سيئي هيلمٽ مٿي تي رکي هلندا نظر اچن. مثال طور بنا اسڪوٽر هيلمٽ پائي هلڻ سان مٿي ڌوڙ منهن تي نه لڳندي، منهن ۽ وار خراب نه ٿيندا. اُن ڪانسواءِ مٿو ۽ مٿي جا وارا ڪهڙا به هجن، لڪل رهندا. مطلب ته منهن مٿو ڪهڙو به هجي ڏسڻ وارن ۾ مخفي رهندا. هيلمٽ جي صدقي شڪل جي به عام نمائش نه ٿيندي. هيلمٽ جي ڪوڙ سارن فائدن ۾ اِهو به وڏو فائدو آهي ته ڪنهن شادي جي دعوت ۾ ماني کائيندي پنهنجون من پسند ٻوٽيون ڪڍڻ چاهيو ۽ اوهان وٽ ٿيلهي (شاپنگ بيگ) نه هجي ته ڪو فڪر ۽ پريشاني نه ڪريو. بس رڳو هيلمٽ سڌو سنئون ڪري اُن ۾ ٻوٽيون گوشت جون ڀريو. جهيڙي، جهگڙي ۽ فساد ۾ هيلمٽ هڪ موثر هٿيار طور ڪم اچي سگهي ٿو جڏهن ته هيلمٽ نانگ بلا کي اڇلي هڻڻ سان اُن کي ماري به سگهجي ٿو. هيلمٽ ضرورت ۾ بادام ۽ اخروٽ ڀڃڻ جو به ڪم ڏئي سگهي ٿو. هيلمٽ موسيقي جي شوقين لاءِ وڏي اهم شيءِ آهي. هيلمٽ کي بطور طبلو ڪري وڄائي سگهجي ٿو. ميوزڪ لاءِ خاص ڪم جو آهي. اُن ڪانسواءِ شادي مرادي ۾ ڪنهن حد تائين وڄائڻ لاءِ دهل جو به ڪم ڏئي سگهي ٿو. ڪنهن گهر جو در اندران بند هجي ۽ گهر ڌڻي اکيون ننڊ ۾ ستل هجن، ته دروازي جي ٻاهران هيلمٽ گهر اندر اڇلڻ سان، پٽ تي ڪرڻ ۽ ڌماڪيدار آواز ٿيڻ تي گهر ڀاتي سجاڳ ٿي در کولي ڇڏيندا. اندر ٻاهر اسڪوٽر يا پنڌ ايندي ويندي، مٿي تي پاتل هيلمٽ ۾ اوهان پنهنجي هڙ مُوڙي (رقم) محفوظ رکي هلي سگهو ٿا. صحافي برادري لاءِ ته هيلمٽ انتهائي ڪار آمد شيءِ آهي ڪو به صحافي هيلمٽ جي پٺيان 'پريس' لکرائي پائي ڇڏي ۽ جتي وٺي هلندو رهي، مجال آهي جو ڪير کيس ڪجهه چئي. اُن سان صحافي جو دٻدٻو رهندو. هيلمٽ گهر جي پٽ ۾ ڪوڪو ڪلي هڻڻ لاءِ ڪم اچي سگهي ٿو جڏهن ته هيلمٽ هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن تي گهرواري، ڏاڙيلن ۽ چورن جو ڌيان گهٽ ويندو آهي. هيلمٽ پاڻي پرڻ لاءِ به هڪ ٽانءُ جو ڪم ڏيندڙ شيءِ آهي. اُن ڪانسواءِ پراڻو خراب هيلمٽ وڏو ڪم ڏيڻ وارو آهي. اُن کي بطور گلن جي ڪونڊي بڻائي سگهجي ٿو. رات جو مڇرن کان ۽ ڏينهن جو مکين جي منهن پٽڻ کان بچڻ لاءِ به هيلمٽ هڪ ٽُڪ آهي.

اڄڪلهه اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ تقريرن جي ڏي وٺ دوران هيلمٽ پاتل هجي، حالانڪ اپوزيشن دوستاڻي، يعني فرينڊلي، آهي ۽ ان کان سواءِ هيلمٽ پائي روڊ ۽ رستي تي آسانيءَ سان خيرات به وٺي سگهجي ٿي. ظاهري طور هيلمٽ ايجاد ڪرڻ واري بچاءَ لاءِ ناهيو هوندو پر هن جا انيڪ فائدا آهن. هن ۾ موبائيل لڪائڻ کان وٺي ويهاٿو ڪرڻ تائين جي به سهولت موجود آهي. هن ۾ شيشي جو بند دروازو ٽوڙڻ جي به سگهه آهي. هن جي پاڻ سان خفيه گفتگو به ڪرڻ ممڪن آهي. هيلمٽ ۾ ڪو ماروند ماروئڙو ٻڪريءَ کي گاهه يا چارو به وجهي ڏئي سگهي ٿو. هي هيلمٽ رڳو مردن جي ڪم جي شيءِ نه آهي پر هن مان عورتون به فائدو حاصل ڪري سگهن ٿيون. مثال طور ٻورچي خاني ۾ اکين کي دونهين کان بچائڻ لاءِ پائي ماني ناهين. تکو تيز بصر وڍڻ وقت اکين کي سڙڻ کان محفوظ رکڻ خاطر هيلمٽ بچائيندو. اُن ڪانسواءِ گهريلو مڙس ۽ زال جي جهيڙي ۾ ٽانءُ لڳڻ کان بچاءَ لاءِ هيلمٽ ئي واحد ذريعو آهي. هيلمٽ جو اصل ڪم اسڪوٽر سوار لاءِ آهي پر هي راند جي ميدان ۾ وڏي اهميت رکي ٿو، خاص طور ڪرڪيٽ راند ۾ بيٽسمين کي بيٽنگ ڪرڻ وقت، اهو به اُن وقت جڏهن بيٽسمين اڳيان فاسٽ بالر بالنگ ڪندڙ هجي، جيئن ماضيءَ ۾ آسٽريليا جا تيز ترين بالر ڊينس للي، جيف ٿامسن ۽ جيف لاسن، ويسٽ انڊيز جا اينڊي رابرٽس، جوئل گارنر، مائيڪل هولڊنگ ۽ مالڪم مارشل، انگلينڊ جو باب ولس ۽ نيوزيلينڊ جو رچرڊ هيڊلي وغيره هوندا هئا. هيلمٽ ۽ ڪرڪيٽ راند جو ذڪر نڪتو آهي ته ڪرڪيٽ ۽ هيلمٽ سان لاڳاپيل هڪ دلچسپ واقعو جيڪو 39 سال پراڻو آهي. اڄ شايد ڪنهن کي ياد به نه هجي پر راقم جي 4 مارچ 1987ع واري ڊائريءَ ۾ اهو ذرو ذرو لکيل آهي ته پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيم عمران خان جي ڪپتانيءَ ۾ چار ٽيسٽ ميچ کيڏڻ لاءِ هندستان وئي هئي ۽ هڪ ٽيسٽ ميچ کٽيو هو سيريز جو چوٿون ۽ آخري ٽيسٽ ميچ ٻنهي ٽيمن وچ ۾ گجرات جي شهر احمدآباد جي سردار ولڀ ڀائي پٽيل اسٽيڊيم (هاڻ اُن جو نالو نريندر مودي اسٽيڊيم آهي) ۾ شروع ٿيو. اُن وقت ٻنهي ملڪن جون حالتون سازگار هئڻ سبب ميدان ۾ خاص سيڪيورٽي به نه هئي ۽ ڪو به ٽينشن نه هو. ٽاس کٽي پهرين بيٽنگ پاڪستان شروع ڪئي. پاڪستاني بيٽسمين آرام سان کيڏندي راند بند ٿيڻ تائين سڄي ڏينهن ۾ رڳو 130 اسڪور ناهيو ۽ چار رانديگر آئوٽ ٿيا ۽ هندستاني ٽيم پوري ڏينهن ۾ 86 اوور ڪرائي سگهي. پهرين ڏينهن راند ختم ٿيڻ وقت سليم ملڪ 17 ۽ منظور الاهي 19 ڊوڙون ڪيون هيون. ٻئي ڏينهن سليم ملڪ جلدي آئوٽ ٿي ويو. البت منظور الاهي 52 رنسون ڪري آئوٽ ٿي ويو. اُن بعد عمران خان کيڏڻ آيو. اهو به آهستي آهستي کيڏندي 8 چوڪا ۽ هڪ ڇڪو هڻي 72 رنسون ڪيون. اعجاز فقي سنچري مڪمل ڪئي ۽ عبدالقادر 20 رنسون ناهيون. جمع آرام جو ڏينهن هو. ڇنڇر ٽئين ڏينهن پاڪستاني ٽيم جملي 187 اوور ۽ 3 بال کيڏي ڪُل 395 رنسون ناهي آل آئوٽ ٿي وئي. ٽئين ڏينهن هندستاني ٽيم بيٽنگ ڪري رهي هئي ته چانهه جي وقفي ڪانپوءِ اسٽيڊيم جي اڀرندي پاسي کان جتي بائونڊري طرف اعجاز فقي فيلڊنگ ڪري رهيو هو، اُن کي هڪ پاڻيءَ جي ڀريل بوتل تماشائين مان ڪنهن اڇلائي هڻي. اُن بعد پولين مان تماشائي بوتلون ۽ ٻيون شيون ميدان ۾ مسلسل اڇلڻ لڳا ته مجبورن پاڪستاني ٽولي ميدان مان ٻاهر نڪري وئي. انتظاميا ۽ منتظمين پريشان ٿي ويا ۽ انهن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته هن احتجاج جو مقصد ڇا آهي. نيٺ گجرات ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن پاران سپر اسٽار رانديگر سنيل گواسڪر کي چيو ويو ته هو تماشائين کي سمجهائي. گواسڪر گجراتي ۾ تقرير ڪئي ۽ هن چيو ته گهر آيل مهمانن جي عزت ڪريو، اهو رويو مناسب نه آهي. اُن بعد ڪپيل ديو انگريزي ۾ تقرير ڪئي. اُن بعد تماشائين تاڙيون وڄايون ۽ ميدان ۾ امن ٿيڻ تي پاڪستاني ٽيم ٻيهر راند ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ واپس آئي. پر اُن وقت ميدان ۾ هڪ عجيب منظر هو. پاڪستان جي اڌ ٽيم جي رانديگرن مٿي تي هيلمٽ پاتل هئا. اِهو واقعو ۽ منظر ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ پهريون دفعو ڏٺو ويو. جڏهن ٽيم جا اڌ پليئر ميدان ۾ هيلمٽ پائي آيا هئا. هن ميچ ۾ گواسڪر 10 هزار رنسون پوريون ڪري رڪارڊ قائم ڪيو. دليپ وينسرڪر سينچري ناهي، شيو لال ياداو اقبال قاسم کي آئوٽ ڪري 100 وڪيٽون پوريون ڪيون ۽ عبدالقادر هندستاني وڪيٽ ڪيپر ڪرڻ موري کي آئوٽ ڪري 150 وڪيٽون وٺڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. تماشائين جي ناراضگي سست ۽ آهستي آهستي هلندڙ راند سبب پيدا ٿي، ڇو ته اوپنر رضوان احمد 75 منٽن ۾ صرف 5 رنسون ڪيون، ته سليم ملڪ 20 رنسن لاءِ ٽي ڪلاڪ بيٽنگ ڪئي. اهڙو ئي حال هندستان جي بيٽنگ جو به هو. مطلب ته معياري ۽ دلچسپ راند نه هئي، رڳو بوريت وارو ماحول هو. اُن تي پاڪستاني مئنيجر انتخاب عالم به پريشان هو. بهرحال، هيلمٽ بابت تازي تحقيق ڪانپوءِ اهو به معلوم ٿيو آهي ته ڪو به شادي شده مرد ٻي شاديءَ جي ڳالهه گهر ۾ يا پهرين گهرواريءَ جي سامهون ڪرڻ کان اڳ پنهنجي مٿي تي هيلمٽ لازمي پائي ۽ اُن ڪانپوءِ اهو شخص ٻي شادي ڪرڻ جو اظهار پنهنجي پهرين زال سان ڪري، جيئن اُن شخص جو مٿو محفوظ رهي، ڇو ته انسان کي مغز تي لڳل ڌڪ ختم نه به ڪري، ته به واٽيون ضرور بتال ڪري ڇڏيندو آهي. اُن ڪري هيلمٽ آخر هيلمٽ آهي. باقي ٽوپي ته آهي ڊرامو سو به پيو هلي.

بک ۽ بيروزگاريءَ جي بار هيٺ دٻجي ويل سنڌ جو شعور

نور سنڌي

بک رڳو پيٽ جي خالي هجڻ جو نالو ناهي، بک انسان جي سوچ، شعور، خودداري ۽ مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ جي قوت تي به بار بڻجي وڃي ٿي جيڪي نوجوان سالن تائين اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڊگريون هٿ ۾ کڻيو روزگار لاءِ در در ڀٽڪندا رهن، جن جي گهر ۾ والدين سندن مستقبل لاءِ پريشان هجن ۽ جن کي هر طرف کان مهانگائي، بيروزگاري ۽ نااميدي گهيري وٺي، ان جي اندر رڳو معاشي تڪليف پيدا نٿي ٿئي پر ذهني دٻاءُ، بي وسي ۽ مايوسي به جنم وٺي ٿي جڏهن اهڙي صورتحال هزارين لکين ماڻهن جي زندگيءَ جو حصو بڻجي وڃي ته پوءِ اهو فرد جو مسئلو نه سماج جو وڏو بحران بڻجي وڃي ٿو رسول الله ﷺ فرمايو: 'اهو مؤمن ناهي جيڪو پاڻ پيٽ ڀري کائي ۽ سندس پاڙيسري بکيو هجي'.

هيءَ حديث اسان کي ٻڌائي ٿي ته بکيو انسان رڳو پنهنجي گهر جو مسئلو ناهي، سندس بک سڄي سماج جي ذميواري آهي "بک تمام وزني هوندي آهي، ان جي هيٺان علم، حڪمت، عقل، فڪر، دانائي ۽ دانش سڀ دٻجي مري ويندا آهن"

جنهن گهر ۾ ٻن ويلن جي مانيءَ جو بندوبست مشڪل هجي، جتي ٻار جي اسڪول فيس، ڪتابن ۽ يونيفارم لاءِ پئسا نه هجن، جتي بيماري اچي ته علاج قرض وٺي ڪرائڻو پوي، جتي ماڻهن جا جائز ڪم به ڏوڪڙن بنا نه ٿين، جتي زرعي ملڪ هوندي بهتر زرعي پاليسي نه هجي اتي ماڻهوءَ لاءِ زندگيءَ جا وڏا سوال آهستي آهستي ننڍين ضرورتن جي هيٺان دٻجي وڃن ٿا. بک ماڻهوءَ کان رڳو ماني نه ٿي کسي، اها ڪڏهن ڪڏهن خواب، اميد، خوداعتمادي ۽ پنهنجي حق لاءِ آواز اٿارڻ جي طاقت به ڪمزور ڪري ٿي.

ملڪ ۾ بک، بيروزگاري ۽ مهانگائيءَ جو گڏيل بار عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي سخت ذهني دٻاءُ ۾ وجهي رهيو آهي. بيروزگاريءَ کي اسان گهڻو ڪري رڳو معاشي انگ سمجهون ٿا، پر هڪ نوجوان جيڪو ڊگري حاصل ڪري سالن تائين نوڪريءَ جي تلاش ۾ هجي، هر ڀرتيءَ جو اشتهار اميد سان ڏسي، ٽيسٽ ۽ انٽرويو ڏئي پوءِ به روزگار کان محروم رهي، ان جي اندر پيدا ٿيندڙ مايوسيءَ کي ڪنهن انگ ۾ مڪمل طور ماپي نٿو سگهجي. خاص طور سنڌ جو نوجوان هڪ انتهائي ڏکئي صورتحال مان گذري رهيو آهي. سوال رڳو اهو ناهي ته نوڪريون گهٽ آهن. سوال اهو به آهي ته جيڪي نوڪريون موجود آهن، انهن تائين پهچ جو رستو ڪيترو شفاف، منصفاڻو ۽ ميرٽ تي ٻڌل آهي؟ جيڪڏهن هڪ قابل نوجوان کي اهو محسوس ٿيڻ لڳي ته نوڪري قابليت بدران سفارش، اثر رسوخ يا پئسي سان ملي ٿي ته سندس مايوسي بيروزگاريءَ کان به وڌيڪ خطرناڪ ٿي وڃي ٿي. هو پاڻ کان پڇي ٿو: جيڪڏهن منهنجي تعليم، محنت ۽ قابليت جي ڪا قيمت ناهي ته پوءِ مان ڪهڙي مستقبل لاءِ جدوجهد ڪريان؟ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي سنڌ جي نوجوانن جون دانهون، احتجاج، بک هڙتالون ۽ نوڪرين لاءِ آواز ان بحران جا کليل گواهه بڻجي رهيا آهن. نوجوان روڊن تي اچن ٿا، ڪئمپون لڳائين ٿا، ڏينهن جا ڏينهن احتجاج ڪن ٿا ۽ ڪڏهن بک هڙتال تائين پهچن ٿا. انهن جي هر شڪايت کي سياسي نعرو سمجهي رد ڪرڻ آسان آهي، پر انهن جي مسئلي جي پاڙ تائين وڃڻ ضروري آهي. هڪ تعليم يافته نوجوان جڏهن نوڪريءَ لاءِ بک هڙتال تي ويهي ٿو ته اهو صرف سندس ذاتي مسئلو ناهي، اهو رياست جي روزگار واري پاليسي، ڀرتيءَ جي نظام ۽ حڪمرانيءَ تي سوال آهي. جيڪڏهن سنڌ ۾ نوڪريون موجود ته آهن ته روزگار جا توازن موقعا ڇو پيدا نٿا ٿين؟ جيڪڏهن نوڪريون موجود آهن ته انهن جي ورڇ بابت شفافيت ڇو يقيني نٿي بڻائي وڃي؟ جيڪڏهن ميرٽ تي ڀرتي ٿي رهي آهي ته هر ڀرتيءَ جو رڪارڊ عوام آڏو ڇو نه هجي؟ ٽيسٽ، انٽرويو، خالي جايون، چونڊيل اميدوار ۽ ميرٽ لسٽون کليل نموني ڇو نه ڏيکاريون وڃن؟ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ اهڙو نظام ناهڻ ڏکيو ناهي، جنهن ۾ هر اميدوار پنهنجي درخواست کان آخري چونڊ تائين عمل کي ڏسي سگهي. غربت جي موجوده صورتحال کي سمجهڻ لاءِ مختلف انگن اکرن کي به صحيح تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. آمدنيءَ جي بنياد تي سنڌ ۾ غربت جو هڪ انگ 32.6 سيڪڙو ٻڌايو وڃي ٿو، جڏهن ته گهڻ رخي غربت، جنهن ۾ تعليم، صحت، رهائش، پاڻي، صفائي ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي به ڏٺو وڃي ٿو، ان جي شرح سنڌ ۾ 50.54 سيڪڙو ۽ ٻهراڙيءَ ۾ 71.4 سيڪڙو تائين پهچڻ جي تصوير پيش ڪئي وئي آهي. اهي انگ هڪ ئي ماپ ناهن، پر گڏجي هڪ وڏي حقيقت ڏانهن اشارو ڪن ٿا: سنڌ ۾ محرومي رڳو آمدنيءَ جي کوٽ ناهي، اها زندگيءَ جي ڪيترن شعبن ۾ پکڙيل آهي. ٻهراڙيءَ جي سنڌ ۾ غربت جو بار وڌيڪ ڳرو آهي. زمين جي اڻبرابر ورڇ، ننڍن آبادگارن جا محدود وسيلا، پاڻيءَ جي مسئلن، زرعي خرچن ۾ واڌ، فصلن جي غيريقيني قيمت ۽ وچولي طبقي جي طاقت هاريءَ جي معاشي حالت کي ڪمزور ڪن ٿا. هاري زمين کي پنهنجي پگهر سان آباد ڪري ٿو، پر جيڪڏهن پنهنجي فصل جي قيمت تي اثرانداز ٿيڻ جي طاقت سندس هٿ ۾ نه هجي ته سندس محنت جو وڏو حصو ٻين جي آمدني بڻجي سگهي ٿو. استاد بخاريءَ جا لفظ اهڙي ئي پورهيت جي محروميءَ کي بيان ڪن ٿا: هي پورهيت جو پگهر آهي ڪو شبنم جو قطرو ناهي

هن مان ئي ته لڳن ٿا محل پر هن جو ڪو ڪمرو ناهي

سنڌ وٽ درياهه آهي، زرخيز زمينون آهن، گئس، ڪوئلو ۽ ٻيا قدرتي وسيلا آهن، پر وسيلن جي موجودگي ۽ انهن جو فائدو عام ماڻهوءَ تائين پهچڻ به مختلف حقيقتون آهن. جيڪڏهن ڪنهن علائقي مان قدرتي دولت نڪري ٿي ۽ ساڳئي علائقي جا ماڻهو صاف پاڻي، علاج، تعليم ۽ روزگار لاءِ پريشان رهن ٿا ته پوءِ سوال وسيلن جي کوٽ جو نه، پر وسيلن جي انتظام، ورڇ ۽ حڪمرانيءَ جو آهي. ٻوڏن ۽ ٻين قدرتي آفتن به سنڌ جي غريب خاندانن جي ڪمزور معاشي بنياد کي وڌيڪ لوڏي ڇڏيو آهي. هڪ غريب هاريءَ لاءِ فصل جو تباهه ٿيڻ رڳو هڪ فصل جو نقصان ناهي، اهو قرض، خوراڪ، ٻارن جي تعليم، علاج ۽ ايندڙ فصل جي خرچ کي به متاثر ڪري ٿو. جيڪڏهن آفت کان پوءِ بحاليءَ جو نظام ڪمزور هجي ته قدرتي آفت غربت کي وڌيڪ گهرو ڪري ڇڏي ٿي. بک ختم ڪرڻ لاءِ ماني ضروري آهي پر مانيءَ تائين پهچڻ لاءِ روزگار ضروري آهي. روزگار لاءِ تعليم ۽ مهارت ضروري آهي. تعليم لاءِ اسڪول ضروري آهي. بيماريءَ کان بچڻ لاءِ صحت ضروري آهي. هاريءَ لاءِ پاڻي ۽ مناسب اگهه ضروري آهي ۽ انهن سڀني لاءِ شفاف، جوابده ۽ انصاف تي ٻڌل حڪمراني ضروري آهي. جنهن ڏينهن سنڌ جو نوجوان پنهنجي ڊگري هٿ ۾ کڻي سفارش نه ميرٽ تي پنهنجي مستقبل جو يقين کڻي نوڪريءَ جي دروازي تي بيهندو، جنهن ڏينهن هاري پنهنجي فصل جو مناسب معاوضو وٺندو، مزدور پنهنجي پگهر جي پوري اجرت حاصل ڪندو، ٻار غربت سبب اسڪول ڇڏڻ تي مجبور نه ٿيندو ۽ قدرتي وسيلن جو فائدو عام ماڻهن جي زندگيءَ ۾ نظر ايندو، ان ڏينهن بک جو بار هلڪو ٿيندو ۽ دٻجي ويل شعور ٻيهر ساهه کڻندو.

حامد مير جو سوال ۽ سنڌ جي اسڪولن ۾ سڌارا

اياز وگهيو

سنڌ جي تعليم بابت مشهور صحافي حامد مير تازو هڪ بيان ۾ دعويٰ ڪئي ته سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۾ 2026ع دوران 1561 انڊر ميٽرڪ استاد ڀرتي ڪيا ويا آهن ۽ ان تي سخت سوال اٿاريو. هي الزام يا دعويٰ جيڪڏهن حقيقت تي ٻڌل هجي ته يقيناً انتهائي سنجيده معاملو آهي، ڇاڪاڻ ته استاد ڪنهن به قوم جي مستقبل جو معمار هوندو آهي. پر جيڪڏهن اهڙي دعويٰ ۾ پراڻين ڀرتين، نون ڀرتين ۽ مختلف ڪيڊرن جي ڊيٽا کي گڏ ڪيو ويو هجي ته پوءِ ان جو جواب به مڪمل حقيقتن سان ڏيڻ ضروري آهي.

سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه جو موقف ان حوالي سان بلڪل واضح آهي. سندس چوڻ موجب گذريل 18 سالن دوران سنڌ ۾ ميٽرڪ جي بنياد تي ڪو نئون استاد ڀرتي ناهي ڪيو ويو، جڏهن ته حامد مير جن استادن جو ذڪر ڪيو آهي، اهي پراڻن دورن سان لاڳاپيل ٿي سگهن ٿا.

حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ گذريل سالن دوران استاد ڀرتي ڪرڻ لاءِ هڪ واضح ۽ نسبتاً سخت نظام اختيار ڪيو ويو. 2021ع جي وڏي ڀرتي مهم ۾ PST ۽ JEST استادن لاءِ گريجوئيشن، يعني گهٽ ۾ گهٽ 14 سالا تعليم ۽ مقرر مارڪن جو شرط رکيو ويو. اميدوارن کان لکيل ٽيسٽ ورتي وئي ۽ Sukkur IBA Testing Services کي ٽئين ڌر طور ٽيسٽنگ جو ذمو ڏنو ويو. مقصد اهو هو ته استاد جي چونڊ سفارش بدران قابليت ۽ ميرٽ تي ٿئي. هن عمل جو نتيجو انگن ۾ ڏسجي ته تصوير وڌيڪ واضح ٿي وڃي ٿي. جولاءِ 2025ع ۾ تعليم کاتي اعلان ڪيو ته 93,118 استادن کي مقرريءَ جا آرڊر جاري ڪيا ويا، جن ۾ 65,147 PST ۽ 27,701 JEST شامل هئا. انهن مان 31,075 عورتون، 1,330 معذور اميدوار ۽ 2,100 اقليتي اميدوار پڻ شامل هئا. تعليم کاتي موجب اهي ڀرتيون ٽئين ڌر جي ٽيسٽنگ ذريعي ميرٽ تي ڪيون ويون.

اڃا وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته انهن نون استادن کي صرف نوڪريون ڏيڻ مقصد نه هو پر انهن کي انهن اسڪولن سان ڳنڍيو ويو جتي عملي جي ضرورت هئي. تعليم کاتي موجب هن ڀرتيءَ سان سنڌ جي 41,129 سرڪاري اسڪولن ۾ نوان استاد شامل ٿيا ۽ 5,000 کان وڌيڪ اڳ غيرفعال اسڪول ٻيهر فعال ٿيا.

هاڻي اچون ٿا استاد جي حاضري تي. استاد ڀرتي ڪرڻ کان پوءِ اصل سوال اهو آهي ته استاد اسڪول ۾ حاضر به رهي ٿو يا نه؟ سنڌ جي تعليم کاتي اڳ ئي بائيو ميٽرڪ حاضري ۽ استاد جي بائيو ميٽرڪ تصديق جو نظام متعارف ڪرايو. سرڪاري نظام ۾ استاد جي آڱوٺي، تصوير ۽ ذاتي معلومات کي اليڪٽرانڪ ڊيٽابيس سان ڳنڍيو ويو، جڏهن ته استاد کي سندس مخصوص اسڪول ۽ SEMIS ڪوڊ سان ڳنڍڻ جو مقصد اهو هو ته معلوم ٿي سگهي ته ڪهڙو استاد ڪهڙي اسڪول ۾ مقرر آهي. هاڻي هن نظام کي وڌيڪ سخت ڪرڻ لاءِ Biometric Place of Posting تي زور ڏنو پيو وڃي. جولاءِ 2026ع جي سرڪاري هدايت ۾ تعليم کاتي آفيسرن کي بائيو ميٽرڪ Place of Posting تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ ۽ غيرضروري assignment يا detailment ختم ڪرڻ لاءِ چيو. ساڳئي وقت اسڪولن ۽ ملازمن جي رڪارڊ لاءِ سرڪاري آن لائن سسٽم ۾ Employee Profile Image، thumb scan ۽ biometric matching جهڙيون سهولتون پڻ موجود آهن. يعني ڳالهه هاڻي صرف ڪاغذ تي استاد مقرر ڪرڻ تائين محدود ناهي. سوال اهو به آهي ته استاد ڪهڙي اسڪول ۾ مقرر آهي، سندس بائيو ميٽرڪ ڪٿي لڳي ٿي، هو واقعي اسڪول ۾ موجود آهي يا نه ۽ سندس رڪارڊ ڪهڙي نظام ۾ موجود آهي.

تعليم کاتي ۾ QR Code ذريعي سرڪاري رڪارڊ کي وڌيڪ شفاف بڻائڻ طرف پڻ قدم کنيا ويا آهن. جولاءِ 2026ع جي سرڪاري نوٽيفڪيشن ۾ اسڪولن ۽ لاڳاپيل رڪارڊ تي QR ڪوڊ لڳائڻ ۽ سرڪاري ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪرڻ بابت هدايت جاري ڪئي وئي.

اسڪول صرف استاد سان مڪمل نٿو ٿئي. ان کي سائنس، ڪمپيوٽر ليبارٽري، فرنيچر، صاف پاڻي، واش روم، بجلي ۽ بهتر تعليمي ماحول پڻ گهرجي. تعليم کاتي جي رڪارڊ ۾ سائنس، فزڪس، ڪيمسٽري، بائيولاجي ۽ ڪمپيوٽر ليبارٽرين جي بهتريءَ بابت به سرڪاري هدايتون جاري ٿيل آهن.

تنهنڪري حامد مير جو سوال رد ڪرڻ بدران ان جو دستاويزي جواب ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن 1561 انڊر ميٽرڪ استاد واقعي 2026ع ۾ نئين ڀرتي ٿيا آهن ته انهن جا نالا، پوسٽون، ڀرتي پاليسي، تعليمي قابليت ۽ ڀرتي جو طريقو سامهون آندو وڃي ۽ جيڪڏهن اهي پراڻين ڀرتين يا ٻين پروگرامن سان لاڳاپيل آهن ته اها حقيقت به عوام آڏو واضح ٿيڻ گهرجي.

سردار علي شاهه جو دفاع شخصيت جي بنياد تي نه پر پاليسي ۽ رڪارڊ جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي. 93,118 استادن جي ڀرتي، IBA ٽيسٽنگ، گريجوئيٽ استاد، BPS-14، بائيو ميٽرڪ حاضري، Place of Posting، QR ڪوڊ، استاد جي نگراني ۽ اسڪولن جي جديد سهولتن ڏانهن اڳڀرائي- اهي سڀ نقطا سنڌ جي اسڪول ايجوڪيشن جي موجوده سفر کي سمجهڻ لاءِ اهم آهن.

تنقيد ضرور ٿيڻ گهرجي، پر انصاف سان. سردار علي شاهه کان به اڃا وڌيڪ ڪم جو مطالبو ٿيڻ گهرجي، ڇو ته سنڌ جي ٻار کي صرف استاد نه، حاضر استاد، قابل استاد، جديد اسڪول ۽ معياري تعليم گهرجي. ٻيو ته فيصلو ڪنهن بيان سان نه، رڪارڊ سان ٿيڻ گهرجي. سنڌ جي ٻار جو مستقبل سياسي بحث جو موضوع نه، پر ميرٽ، حاضري، جديد تعليم ۽ جوابدهي جو امتحان آهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 08 سيپٽمبر

مختيار انڙ

سيد قطب علي شاهه قطب

هن قادرالڪلام شاعر جو جنم 8 سيپٽمبر 1814ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس وڏا اصل ۾ اُچ شريف جا رهواسي هئا. سندس لاڙو ننڍي هوندي کان ئي صوفيت ۽ گوشه نشينيءَ طرف رهيو. چون ٿا ته جوانيءَ ۾ هو دنيا جا سڀ ڌنڌا ڇڏي گنجي ٽڪرجي هڪ جُر ۾ وڃي ويٺو ۽ ڪيترائي ڏينهن اتي رهي عبادت الاهيءَ ۾ رڌل رهيو. هو جهوڪ شريف جي درگاهه جو وڏو معتقد هو. پاڻ ڪافيءَ جو هڪ وڏو شاعر هو. سندس ڪافيون سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ٻولين ۾ موجود آهن. سندس شاعريءَ ۾ صوفيت جي سرهاڻ ۽ تصوف جا رنگ نمايان نظر اچن ٿا. هن بزرگ شاعر 22 ڊسمبر 1910ع تي هن فاني دنيا کان هميشه لاءِ منهن موڙي ڇڏيو.

مير محمد سيال

مير محمد سيال سنڌ جو مشهور تعليمي ماهر ۽ سرڪاري آفيسر هو. سندس جنم 8 سيپٽمبر 1925ع تي ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد ۾ ميان عبدالغفور سيال جي گهر ٿيو. هن حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ ان بعد گورنمينٽ ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) حيدرآباد مان بي اي ۽ بي ٽي جون سندون حاصل ڪيائين. اڳتي هلي پنجاب يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. مير محمد سيال پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات لوڪل بورڊ ۾ تعليم جي سپروائيزر طور ڪئي. اڳتي هلي ترقي ڪري مختلف اعليٰ عهدن تي رهي ڪم ڪيائين، جن ۾ لوڪل بورڊ جي اسڪولن جو انسپيڪٽر ۽ ڪراچيءَ جي بورڊ آف انٽرميڊئيٽ ۽ سيڪنڊري بورڊ جو چيئرمين شامل آهن. عمر جي آخري حصي ۾ کيس حيدرآباد جي بورڊ آف انٽرميڊئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. انهيءَ ئي عهدي تي رهندي تاريخ 5 جنوري 1985ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو.

ارجن پنياڻي



ارجن پنياڻي هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ليکڪ، صداڪار، اداڪار ۽ سنگيتڪار هو. هو 8 سيپٽمبر 1942ع ۾ نوشهري فيروز ضلعي جي شهر ناروشاهه ۾ ڄائو. اڃا پنجن سالن جو مس هو جو ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ هو پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان جي شهر احمدآباد ۾ وڃي آباد ٿيو. هن ڪامرس ۾ بي اي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون ۽ مختلف مالياتي ادارن ۾ نوڪري ڪري آڊيٽر طور رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه عرصي تائين وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين. هن احمدآباد ريڊيو جي مختلف پروگرامن ۾ هڪ ميزبان، صداڪار، اناؤنسر مقرر ۽ سنگيتڪار طور ڪم ڪيو. هو هڪ بلند پائي جو نثرنويس ۽ شاعر پڻ هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "ناٽڪ ۽ اداڪاري"، "سنگيت آچاريه ماسٽر چندر"، "سنڌباد جا ست سفر"، "ڪنوارو مسواڙي"، "زندگي زندگي ناٽڪ ناٽڪ" ۽ "سنڌيز ان فلم ورلڊ" شامل آهن. هن 12 مارچ 2012ع ۾ هن فاني جهان جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلايو.

ڪمليش موورجاڻي

ڪمليش موورجاڻيءَ جو جنم 8 سيپٽمبر 1945ع ۾ سونهاري سنڌ ۾ ٿيو. 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سندس خاندان احمدآباد شهر وڃي وسايو. هن سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ ان کان پوءِ پبلڪ ائڊمنسٽريشن ۾ ڊگري حاصل ڪيائين. اڳتي هلي واشنگٽن ڊي سي مان ايم بي اي جي سند حاصل ڪيائين. 1977ع ۾ دبئيءَ جي هڪ وڏي اڏاوتي ڪمپنيءَ ۾ چيف انجنيئر طور ڪم ڪيائين. ان بعد سعودي عرب ۾ تبوڪ شهر جي اڏاوت ڪندڙ شهر جو سي اي او مقرر ٿيو. 1990ع ۾ ڪئناڊا جي شهر ٽورنٽو ۾ منسٽري آف اڪانامڪ ڊولپمينٽ ۽ ٽريڊ ۾ ڪنسلٽنٽ طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. 1999ع ۾ هندستان جي شهر پوني ۾ ساڌو واسواڻي مشن جو سي اي او ۽ ساڌو واسواڻي ميڊيڪل ڪامپليڪس جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. هو ڪئناڊا ۽ هندستان ۾ رهندڙ سنڌين جي ڪيترين ئي تنظيمن جو روح روان رهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. تاريخ 28 سيپٽمبر 2018ع تي سندس زندگيءَ جو سفر پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.

محمد جمن دي بلوچ

هن نامور تعليمي ماهر ۽ شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1959ع ۾ ٽنڊي الهيار ضلعي جي ڳوٺ مسو ٻوزدار ۾ ٿيو. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي ۽ هاءِ اسڪول جي استاد طور رٽائر ٿيو. سنڌ جي ثقافت کي زندهه رکندي هو هميشه مٿي تي پٽڪو ٻڌندو هو. انڪري پٽڪي واري استاد طور مشهور هو. هن 1980ع واري ڏهاڪي دوران شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ وفات تائين شاعريءَ جو شوق جاري رکيائين. هو سنڌي ادبي سنگت جي ٽنڊي الهيار واري شاخ جو ميمبر هو. هن 07 جون 2019ع تي وفات ڪئي.

حنيف لاشاري



حنيف لاشاري سنڌ جو هڪ پڙهيل لکيل سنگيتڪار آهي. هن ايڪانامڪس جي شعبي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪئي آهي. سندس جنم 8 سيپٽمبر 1963ع تي محمد پريل لاشاريءَ جي گهر ڳوٺ شاهه بخش لاشاري ضلعي ميرپورخاص ۾ ٿيو. هن جو چاچو افضل فقير به هڪ سريلو ڳائڻو هو. حنيف لاشاريءَ جو لاڙو ننڍي هوندي کان ئي موسيقيءَ ۽ ڳائڪيءَ طرف رهيو. هو استاد منظور علي خان جي آواز کان به گهڻو متاثر هو ۽ انهيءَ کي پنهنجو استاد بنائڻ جي خواهش هئس پر هو اڃا مئٽرڪ جو شاگرد هو جو استاد منظور علي خان وفات ڪئي ۽ سندس اها خواهش اڌوري رهجي وئي. هن استاد گلزار علي خان، استاد ارباب خان کوسي ۽ استاد ٻچل خان ٻرڙي کان راڳ جي سکيا ورتي. پاڻ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو ماهر مڃيو وڃي ٿو. حنيف لاشاري وائيسز گروپ جو حصو رهيو جنهن ۾ بيدل مسرور، شاهد پٺو، پرويز سومرو ۽ شڪيل سندس ساٿي هئا ۽ هنن شيخ اياز، فيض احمد فيض جون وايون ڳائي مشهوري ماڻي. هن تمام سريلي انداز سان سنڌي ۽ اردو غزل ڳايا آهن. هن پنهنجي هم خيال دوستن سان ملي گلشن حديد ڪراچيءَ ۾ فنڪارن لاءِ "آسا" ۽ بعد ۾ "استاد گلزار علي خان ميوزيڪل اڪيڊمي" جو بنياد رکيو. 2017ع ۾ پاڪستان سرڪار کيس حُسن ڪارڪردگيءَ جي اعزاز سان نوازيو.

گلاب راءِ رامچنداڻي

پاڪستان ٺهڻ کان پهريائين سنڌ جي پنهنجي هڪ ڪرڪيٽ ٽيم هئي ۽ گلاب راءِ ميرچنداڻي انهيءَ ٽيم جو مشهور رانديگر هو. هن جو جنم 26 جولاءِ 1927ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هو پهريون ڀيرو 1945-46ع ڌاري سنڌ جي ٽيم ۾ شامل ٿيو ۽ مهاراشٽر جي ڪرڪيٽ ٽيم سان ٿيل مئچ ۾ حصو ورتائين. ان بعد ٻن وڌيڪ فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ مئچن ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت جي ڪرڪيٽ ٽيم جو حصو بڻجي ويو ۽ 1952ع ۽ 1960ع جي وچ ۾ 33 ٽيسٽ مئچن ۾ حصو ورتائين. هن آسٽريليا خلاف هڪ مئچ ۾ ڀارتي ٽيم جي اڳواڻي پڻ ڪئي. تاريخ 8 سيپٽمبر 2003ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو.

مصري فقير

اڄ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪار مصري فقير جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن سريلي سنگيتڪار جو جنم 1929ع ڌاري تعلقي سڪرنڊ ضلعي شهيد بينظيرآباد جي ڳوٺ لقاءِ پور ۾ ٿيو. هن جي والد جو نالو فقير الهڏنو مگڻهار هو. هن گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪنب ليمان ۾ چار درجا سنڌيءَ جا پڙهيا. وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. ڳائڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. اسڪول ۾ قومي ترانو ۽ ٻيا راڳ ڳائي استادن کان داد حاصل ڪندو هو. هن راڳ جي باقاعدي سکيا قاضي احمد جي استاد پياري خان ميراسيءَ کان ورتي. هو گهڻو ڪري هارمونيم تي ڳائيندو هو پر يڪتارو، گهڙو ۽ ڍولڪ به سهڻي نموني وڄائي سگهندو هو. شروع ۾ شادين مرادين ميلن ملاڪڙن ۽ نجي محفلن ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين. 1951ع ڌاري مخدوم نوح رحه جي درگاهه تي مخدوم طالب المولىٰ جي سامهون ڳائڻ جو موقعو مليس. مخدوم صاحب کي هن جي ڳائڻ جو انداز تمام گهڻو پسند آيو ۽ سندس تمام گهڻي همت افزائي ڪيائين. ان کان پوءِ مصري فقير هر سال سومر تي مخدوم صاحب جي درگاهه تي پنهنجا سر وکيرڻ شروع ڪيا. مخدوم صاحب هن کي 1952ع ڌاري ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي متعارف ڪرايو. ريڊيو تي سندس ڳايل ڪلام عوام ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيا ۽ هن جو آواز سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجڻ لڳو. اڳتي هلي ٽيليويزن وسيلي به پنهنجي سُرن جي سرهاڻ پکيڙيائين. ڳائڻ سان گڏ هو هڪ چڱو شاعر پڻ هو. هن 3 سيپٽمبر 1984ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي آخري دفعو ڳايو. 4 سيپٽمبر تي جڏهن هو واپس ڳوٺ اچي رهيو هو ته کيس اوچتو دل جو دورو پئجي ويو. کيس اسپتال داخل ڪيو ويو ۽ 8 سيپٽمبر 1984ع تي سنڌ جو هي انمول ڳائڻو اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

حافظ ڪريم ڏنو ڪٽبر

اڄ لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور ديني عالم حافظ ڪريم ڏني ڪٽبر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن بزرگ 1914ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ڪرماڻيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن جو والد محمد سليمان به هڪ نيڪ ۽ پرهيزگار انسان هو. حافظ ڪريم ڏني ڳوٺ دودي سينهڙي ۾ حافظ محمد ڪامل جي مدرسي مان ديني تعليم حاصل ڪئي. هن قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي سعادت پڻ حاصل ڪئي. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ هن لاڙڪاڻي جي هڪ مسجد ۾ پيش امام ۽ مدرس طور دين جي خدمت ڪئي. زندگيءَ جو گاڏو گهلڻ لاءِ هو ڪپڙن اُڻڻ جو ڪم پڻ ڪندو هو. عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجي ڪٽنب سوڌو نئين ديري جي ڪٽبر محلي ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين. نئين ديري جا ماڻهو ساڻس تمام گهڻي عزت ۽ احترام سان پيش ايندا هئا. هن نيڪ بزرگ 8 سيپٽمبر 1995ع تي راهه رباني ورتي.

رام جيٺملاڻي

اڄوڪو ڏينهن مشهور سنڌي قانوندان رام جيٺملاڻيءَ جون ساروڻيون کڻي آيو آهي، جيڪو اڄوڪي ڏينهن تي 2019ع ۾ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. رام جيٺملاڻيءَ 14 سيپٽمبر 1923ع ۾ شڪارپور شهر ۾ اک کولي. هو ننڍي هوندي کان ئي هڪ هونهار شاگرد هو. 13 سالن جي عمر ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ 17 سالن جي ڄمار ۾ قانون جي سند حاصل ڪيائين. ان وقت وڪيل ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 21 سالن جي عمر جو هجڻ لازمي هو. رام جيٺملاڻيءَ جو تعليمي رڪارڊ ۽ ذهانت کي ڏسي هن کي 17 سالن جي عمر ۾ ئي وڪالت ڪرڻ جي اجازت ملي. انهيءَ لحاظ کان هو پنهنجي زماني جو سڀ کان ننڍي ڄمار وارو وڪيل بڻجي ويو. شڪارپور ۾ پڙهڻ دوران مشهور شاعر شيخ اياز به سندس ڪلاس فيلو هو. هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي. ان بعد ڪراچيءَ ۾ مشهور قانوندان اي ڪي بروهيءَ سان گڏ هڪ قانوني فرم جو بنياد رکيائين. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ممبئيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. 1953ع ۾ ممبئيءَ جي لا ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. پاڻ چار ڀيرا ڀارت جي بار ڪائونسل جو چيئرمين رهيو. هن 1971ع ۾ سياسي ميدان ۾ پير پاتو ۽ ڪيترائي ڀيرا هندستان جي راجيه سڀا جو ميمبر چونڊيو. هو قانون ۽ شهري ترقيءَ وارن کاتن جو وزير پڻ رهيو. 2010ع ۾ سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر منتخب ٿيو. هن انگريزيءَ ۾ ڪجهه ڪتاب پڻ لکيا. رام جيٺملاڻي 8 سيپٽمبر 2019ع تي دهليءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

نصير نهڙيو

اڄ مشهور صحافي ۽ ادب دوست انسان نصير نهڙئي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 8 مارچ 1984ع تي ٽنڊي الهيار ضلعي جي ڳوٺ نصير خان لغاريءَ ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ وڌيڪ تعليم جمبڙ مان حاصل ڪيائين. ننڍي هوندي کان ئي لکڻ جو شوق هئس. شروع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مختلف پروگرامن ۾ پنهنجون تخليقون موڪلڻ شروع ڪيائين جتي مشهور ڪمپيئر ماڪن شاهه رضويءَ، امين اريبا ۽ زيب سنڌيءَ سندس گهڻي همت افزائي ڪئي. اڳتي هلي ايف ايم 91 ٽنڊو آدم تي سندس ريڊيو رپورٽون نشر ٿيڻ لڳيون. هن پريس ڪلب ٽنڊي الهيار جي سرگرم ڪارڪن طور ڪم ڪيو ۽ هڪ نجي ٽيليويزن چئنل لاءِ ڪيتريون ئي ڊاڪيومينٽريون ناهيون. هن مختلف اخبارن جي رپورٽر طور ڪم ڪيو ۽ هڪ يوٽيوب چئنل پڻ ناهيو جنهن تي مختلف اديبن ۽ ٻين شعبن ۾ نمايان ڪارناما انجام ڏيندڙ شخصيتن جا انٽرويو رکيل آهن. نصير نهڙئي 8 سيپٽمبر 2021ع ۾ وفات ڪئي. هو هڪ پلوڙ شاعر پڻ هو ۽ سندس شاعريءَ جو ڪتاب "اسين هڪ ياد هونداسين" سندس وفات کان پوءِ شايع ٿيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 40 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 613 سال 2025

(1) مسمات سيما زال رجب علي رند (2) ظهير احمد ولد رجب علي (مائنر) (3) عاليه ڌيءُ رجب علي رند (مائنر)..پلينٽف. بخلاف.. رجب علي ولد منظور احمد رند رهاڻو ڳوٺ جيڄل آباد پي او ڳيجائي تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13(3) فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين سوٽ نمبر 106 سال 2025

مسمات خديجه بيواهه Zareem Khan رهاڻو ڳوٺ حاجي علي مراد رند رهاڻو ديهه 14 ڊاءِ تعلقو دوڙ..ايپليڪينٽ. بخلاف.. جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي محمد فهيم جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 22-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

شهزاد فيصل ولد طالب حسين چانڊيو رهاڻو اصغر ڪالوني فيز 3 تعلقو سڪرنڊ..ايپليڪينٽ. بخلاف.. (1) ذوهيب حسين ولد طالب حسين (2) شعيب حسين ولد طالب حسين (3) مسمات نازيه حسين زال الله جڙيو (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج جي اير II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 297 سال 2025
ايف سي سوٽ نمبر 84 سال 2025

مولا بخش ولد محمد خان بروهي ..پلينٽف. بخلاف.. (1) گل محمد ولد محمد جمن معرفت قانوني وارث (اي) قربان (بي) ممتاز (سي) ديدار (ڊي) روبينا (اي) پروين (ايف) الله بچائي (جي) صنوبري (بيواهه) (2) ڏاڻن (3) اشرف (4) اسلم (5) بخشو (6) مسمات Khabni (7) مسمات حاني (8) مسمات ڦاپي (9) مسمات شاهه (10) مسمات امام ڏني (11) روبي سڀ پٽ ڌيئرون محمد جمن ذات بروهي رهاڻو ڳوٺ خان محمد چانڊيو ديهه 38داڊ تعلقو ضلعو شهيد بينظير آباد (12) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (13) سب رجسٽرار نوابشاهه (14) ڊي سي شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار اسپيسفڪ پرفارمنس اينڊ پرمننٽ انجڪشن زير قلم VII سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 5th حيدرآباد
(روبرو جناب عبدالغفار آرائين)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 07 سال 2026

مسمات رخسانه بيواهه عبدالقيوم سهتو رهاڻو گهر نمبر C-15/573 ڪاهي روڊ ستي حيدرآباد پلينٽف. بخلاف.. مسمات ريحانه بيواهه لياقت علي ملاح رهاڻو ميرپحر محل سردار ڪالوني قليلي حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم XXI رول 11 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 22-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 5th حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته عرضدار مسمات امبرين ڌيءُ لعل محمد رهاڻو ڳوٺ ڏاڪر زئور تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي لعل محمد ولد رمضان تاريخ 16-09-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 112/1،2،3 118/1،2،3 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه چڪي تپو مولان تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتا تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي ڳواهي ٻن ڳواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) شاهه الله (2) راڻيل (ڌي) (3) مسمات امبرين (ڌي) (4) مسمات ثمرين (ڌي) (5) مسمات فاطمه (بيواهه) (6) مسمات شمائل (بيواهه) نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪنهن کي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته عرضدار مير خان بخش ٽالپر ولد امام بخش رهاڻو ديهه چڪي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي احمد علي ولد امام بخش تاريخ 07-06-2013 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 218/217A.B ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه چڪي تپو مولان تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتا تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي ڳواهي ٻن ڳواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) مير احسان علي (پٽ) (2) مير امام بخش (پٽ) (3) مسمات اختيار ڌي (4) مسمات پارس (ڌي) (5) مسمات اصغر (ڌي) نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪنهن کي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته عرضدار مسمات عائشه بيواهه محمد شعيب سمون رهاڻو هيرآباد حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد شعيب سمون ولد محمد حسن سمون تاريخ 28-05-2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 80/1،4 81/1،4 ۽ ٻيا مان ڦهيل پلاٽ نمبر 40 ايراضي 400 چورس وال ديهه برهام تپو هٽڙي پروفيشنل ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتا تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي ڳواهي ٻن ڳواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) مسمات عائشه(بيواهه) (2) فواد احمد سمون (پٽ) (3) حارث احمد سمون (پٽ) (4) نبيل احمد سمون (پٽ) (5) جويريه (ڌي) (6) جام تماچي (ڌي) (7) محمد احمد (پٽ) (8) مسمات انجم (بيواهه) نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪنهن کي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

هر عام و خاص کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته اسان سيٺي يار پنهنجي ڀائٽي نمبر يار علي محمد عرف علي ميمڻ جيڪو غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي نافرمان ٿي ويو آهي. اسان سانس لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا. اڄ کانپوءِ هو ڪنهن سان به ڏيتي ليتي ڦلو فساد لين دين ڪندو ان جو پاڻ ذميوار هوندو اسان جو ڪوبه تعلق نه آهي ۽ نه رهندو اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت سر ڪم اچي سگهي

نظر محمد ميمڻ يار نجم الدين ميمڻ يار رستم علي ميمڻ يار طاهر علي ميمڻ يار سيٺي پٽ نور محمد ميمڻ ويٺل ميمڻ پاڙو شهدادپور

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 207 سال 2026

مسمات نذيران ڪوسو..پلينٽف. بخلاف.. محرم ولد صاحب بخش ڪوسو رهاڻو سعيد آباد سينٽرل روڊ ڄامشورو تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 08-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 315 سال 2026

مسمات دعا..پلينٽف. بخلاف.. محمد بخش ولد ارشاد علي آزاد ذات شيخ رهاڻو شاهي بازار بي ڪي جيولرز ڪيلاش تعلقو ضلعو دادو .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 325 سال 2026

مسمات ثمينه..پلينٽف. بخلاف.. محمد افتخار ولد عبدالسلام ذات قريشي رهاڻو گهر نمبر 167 ڪورنگي سيڪٽر 02 ڪورنگي ڪراچي 03120829922 .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 16-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
گارڊين سوٽ نمبر 20 سال 2026

صغير حسين ولد مرحوم غلام حسين ڪوسو ويٺل دريا خان ڪوسو تعلقو ڪي اين شاهه..ايپليڪينٽ. بخلاف.. رياض حسين ولد مرحوم غلام حسين ڪوسو ويٺل دريا خان ڪوسو تعلقو ڪي اين شاهه (2) هرعام و خاص.. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ نابالغ رضوان جي سار سنڀال گارڊين مقرر ڪرڻ بابت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 08-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 122 سال 2026

مسمات ياسمين ڌيءُ مور شيخ رهاڻو ڳوٺ مهراپور تعلقو سڪرنڊ..پلينٽف. بخلاف.. حيدر علي ولد غلام حسين پٽي پنهنجي رهاڻو سردي منتري ولايت .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ اينڊ مينٽيننس آف مائنر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج جي اير II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 409 سال 2026

مسمات نائلا ڌيءُ محمد معروف خاصخيلي رهاڻو دريا خان مري تعلقو ضلعو نوشهروفيروز..پلينٽف. بخلاف.. منٺار علي ولد شير خان سولنگي رهاڻو ڳوٺ مينگلو ڦل تعلقو ضلعو نوشهروفيروز.. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي اينڊ جي اير ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 126 سال 2026

شريمتي پريمي زال دمرو Damroo ذات ڀيل هندو بالغ رهاڻو راڄو ڀيل ڪالوني ميرپورخاص..پلينٽف. بخلاف.. دمرو Damroo ولد ٽيڪر ذات ڀيل رهاڻو ڳوٺ وارث ناريجو تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص.. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي اينڊ جي اير ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول جج اينڊ جي اير MTMC/I ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 67 سال 2026

شريمتي موملي ڌيءُ ڪيول ذات ڪولهي رهاڻو رئيس رسول بخش مري ديهه 217 تعلقو شجاع آباد ..پلينٽف. بخلاف.. مان سنگهه ولد اوجن هندو بالغ رهاڻو حاجي محمد مبين ديهه 332 تعلقو ڪوٽ غلام محمد .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن، رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي اير MTMC/I ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II ڪوٽ غلام محمد
فيملي ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 02 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 22 سال 2026

مسمات سوميري ڌيءُ امين ذات چانڊيو رهاڻو ڳوٺ مدد علي چانڊيو ديهه 307 ڪوٽ غلام محمد ..پلينٽف. بخلاف.. گلزار ولد محمد رحيم ذات چانڊيو رهاڻو ڳوٺ مدد علي چانڊيو ديهه 307 ڪوٽ غلام محمد. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف Implementation, Execution of Decree لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 08-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڪوٽ غلام محمد
(روبرو جناب پرڪاش صاحب)
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات سعيده ڌيءُ غلام حسين ذات ارباب ذات سولنگي رهاڻو ڳوٺ نصرالله لغاري ديهه 272 ڪوٽ غلام محمد ..پلينٽف. بخلاف.. ارباب ولد ابراهيم ذات سولنگي رهاڻو ڳوٺ حاجي مولا بخش راڄڙ تعلقو پٿورو ضلعو عمرڪوٽ .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 11-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڪوٽ غلام محمد

نالي جي درستي

جيئن ته منهنجي پٽ علي وارث جي تعليمي رڪارڊ ۾ غلطي سبب ولديت رسول حسين عرف منير لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري منير احمد ملاح لکيو ۽ پڙهيو وڃي

منير احمد ملاح ولد غلام رسول ملاح،ورڪشاپ اسٽاپ ٽنڊوڄام

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب فهيم لئين سهتو)
ايف سي سوٽ نمبر 34 سال 2026

(1) محمد حنيف خان (2) محمد يونس خان ٻئي پٽ اجيت خان ذات قائمخاني رهاڻو قائد آباد ڪالوني ٽنڊو الهيار پلينٽف. بخلاف. (1) فتحياب ولد محمد قاسم (5) مسمات انور (6) مسمات شهزادي (7) مسمات مصر (8) مسمات شمشاد (9) مسمات لطيفان (10) مسمات ميڊيم (11) مسمات صبا (12) مسمات مريم بيواهه محمد قاسم (15) مسمات ڪزبانو (16) نجمه (17) مسمات ريحانه (18) مسمات سلميٰ (19) مسمات شبانه (20) مسمات فوزيه (21) مسمات سحربانو (22) مسمات زليخان ڌيءُ محمد صالح (23) مسمات زرينه بيواهه محمد صالح رهاڻو ڳوٺ محسن ڏگو تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار رڪوري -/40000000 ڊيمجز فار Malicious & Vexatious Ligigation لاءِ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي وزير ولد علي محمد خاصخيلي ويٺل ڳوٺ شير محمد ٽوڙها تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ڏاڏو نالي جمعن ولد حاجي طاهر خاصخيلي جيڪو تاريخ 08-03-1896 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين ديهه ٽوڙها تپو اڏيرو لعل تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) علي محمد (پٽ) (2) رضا محمد (پٽ) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس گهرواري/ ولد/ ولدن فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهي اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) امداد علي ولد الهه بچايو (2) سليم ولد راڄهجن جن ڳوٺ محمد ٽوڙها ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ڏنو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي وزير ولد علي محمد خاصخيلي ويٺل ڳوٺ شير محمد ٽوڙها تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس چاچو نالي رضا محمد ولد جمعن خاصخيلي جيڪو تاريخ 11-04-1989 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين ديهه ٽوڙها تپو اڏيرو لعل تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) علي محمد (فوتي جو ڀاءُ) فوت ٿيل درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس گهرواري/ ولد/ ولدن فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهي اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) امداد علي ولد الهه بچايو (2) سليم ولد راڄهجن جن ڳوٺ محمد ٽوڙها ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ڏنو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي وزير ولد علي محمد خاصخيلي ويٺل ڳوٺ شير محمد ٽوڙها تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي علي محمد ولد جمعن خاصخيلي جيڪو تاريخ 17-08-2015 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين ديهه ٽوڙها تپو اڏيرو لعل تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) نظير احمد (پٽ) (2) شبير احمد (پٽ) (3) بشيراحمد (پٽ) (4) نذيراحمد (پٽ) (5) ياسمين (ڌي) (6) سلميٰ (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس گهرواري/ ولد/ ولدن فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهي اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) امداد علي ولد الهه بچايو (2) سليم ولد راڄهجن جن ڳوٺ محمد ٽوڙها ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ڏنو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي وزير ولد علي محمد خاصخيلي ويٺل ڳوٺ شير محمد ٽوڙها تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي علي محمد ولد جمعن خاصخيلي جيڪو تاريخ 17-08-2015 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين ديهه ٽوڙها تپو اڏيرو لعل تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) نظير احمد (پٽ) (2) شبير احمد (پٽ) (3) بشيراحمد (پٽ) (4) نذيراحمد (پٽ) (5) ياسمين (ڌي) (6) سلميٰ (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس گهرواري/ ولد/ ولدن فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهي اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) امداد علي ولد الهه بچايو (2) سليم ولد راڄهجن جن ڳوٺ محمد ٽوڙها ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ڏنو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هرخاص و عام کي اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته درخواست ڪندڙ سجڻ ولد محمد يوسف رهاڻو ڳوٺ طيب ڏهري تعلقو سعيد آباد جو عرض ڪيو ته منهنجو والد جيڪو تاريخ 10-05-2019 تي وفات ڪري ويو مرحوم جي زرعي زمين ديهه ٽوڙها زير سروي نمبر 189/3،4،221،220 ڪل ايراضي 15-02 ايڪڙ آهي جنهن جو فوتي کاتو بدلائڻ لاءِ درخواست مختيارڪار جي آفيس ۾ ڏني آهي مرحوم جا جائز وارث هيٺين ريت آهن (1) سجڻ (پٽ) (2) رضا علي (پٽ) (3) غلام شبير (پٽ) (4) مسمات زلفي (ڌي) (5) مسمات نجمه (ڌي) (6) مسمات ريشمان (ڌي) (7) مسمات جانل فوتي سني مسلمان مذهب سان تعلق رکندڙ هو اگر مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو ته هن اشاعت جي 15 ڏينهن ۾ مختيارڪار آفيس تعلقو سعيد آباد ۾ ڪاغذي ثبوتن سميت اعتراض داخل ڪري مٿين معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ فوتي کاتو ڄاڻايل جائز وارثن جي نالي تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو سعيد آباد

بقايا 1 "روزاني عبرت"

ملڻ تي حد جي پوليس ۽ ريسڪيو 1122 جي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي فوتين جا لاش رورل هيلٿ سينٽر هنگورجا منتقل ڪيا جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا جڏهن ته حد جي پوليس ٽرالر ڊرائيور کي ٽرالر سميت گرفتار ڪري ٽرالر پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي پنهنجي خاندان ۾ ڳوڙهن ڪهرام مچي ويو جڏهن ته علائقي ۾ پڻ سوڳ واري فضا ڇانيل آهي آخري اطلاع تائين روڊ حادثي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 2 "روزاني عبرت"

سندس هڪ ٻيو پٽ محسن پنهور مبينا طور گم آهي مسمات مومنت خاتون چيو ته سندس پٽ نثار احمد پنهور جي ڪليم الله جاتوئي سان گهاٽي دوستي هئي جنهن تي هن ڪيترائي ڀيرا ڪليم الله جاتوئي ۽ سندس گهرڀاتين کي منع ڪئي ته سندس پٽ کي پنهنجي گهر اچڻ وڃڻ کان روڪيو وڃي پر ڪنهن به سندس ڳالهه نه مڃي، هن الزام هنيو ته سندس پٽ نثار پنهور ڪليم الله جاتوئي کي ڪي ٽي بورين ڪٽڪ جون ڏنيون جنهن تي هن پنهنجي پٽ ۽ ڪليم الله سان جهيڙو پڻ ڪيو هن چيو ته سندس پٽ جي موٽرسائيڪل به ڪليم الله وٽ موجود آهي ۽ هو سندس پٽ کي پنهنجي ڳوٺ به وٺي ويندو هو جڏهن ته مختلف وقتن تي سندس پٽ کان هزارين روپيا پڻ ورتا ويندا هئا، پيرسن عورت چيو ته هن ريما ۽ سندس مڙس جي گهر وڃي ڪيترائي ڀيرا ڪين چيو ته سندس پٽ کي نه ڦاسايو وڃي پر آخرڪار مبينا طور ڊرامو رچائي سندس پٽ جي ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ ڪيس ڪن ٻارن جي ماءُ جي اغوا واري ڪيس ۾ ڦاسايو ويو هن وڌيڪ چيو ته ريما پنهنجي وڊيو بيان ۾ پاڪ ڪلام تي هٿ رکي اهو بيان ڏنو آهي ته هوءَ پنهنجي مرضي ۽ خوشي سان وئي آهي، پوءِ به سندس وارثن ڪليم الله جاتوئي ۽ ٻين مبينا طور سندس جڳت آباد واري گهر تي حملو ڪيو مومنت خاتون الزام هنيو ته مخالفن سندس پٽ محسن پنهور کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ۽ گهر ۾ پيل سندس ڌيءَ جي ڏاج سان ڀريل چار پيٽيون ۽ موٽرسائيڪلون لڳ ڀڳ 15 لک روپين جو سون سولر پليٽون ڪي بيٽريون ۽ گهر ۾ موجود ٻيو سامان کڻي ويا، جڏهن ته هن وقت به سندس گهر تي مبينا طور قبضو ڪري ويٺل آهن

هن خدشو ظاهر ڪيو ته سندس پٽ محسن پنهور کي گم ڪري ڪيس ڪيس نقصان پهچايو ويو آهي.

بقايا 3 "روزاني عبرت"

۾ گولي لڳڻ سبب ڳوٺاڻو گلبهار سيال زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ تعلقا اسپتال آندو ويو جتي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد نازڪ حالت ۾ نوابشاهه ريفر ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو سيال برادرين جي ٻن ڌرين زمين جي ماسري تان پيش آيو آهي وڌيڪ ماسري جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي هوڏانهن ڪنڌيارو قومي شاهراهه بيهڙي اسٽاپ پرسان ڪوسا مگريا پل تي پٿرن سان ڀريل ٽرڪ ڪلٽي ٿي پئي جنهن سبب پل جي ڏاهيل پٽ کي پڻ نقصان پهتو جڏهن ته واقعي بعد رهواسين ظفر ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ته پل ڪافي وقت کان مرمت نه ٿيڻ ڪري زبون حال بنيل آهي ٽرڪ ڪلٽي ٿيڻ سبب پل کي نقصان ٿيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته پل جي مرمت ڪرائي وڃي

بقايا 4 "روزاني عبرت"

ضلعي ڄامشورو پاران ڊي سي آفيس ڄامشورو جي مک گيٽ آڏو ڪن ڏينهن واري احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن دوران اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران صحت کاتي ۽ اسپتال انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاجي ڪئمپ ۽ ڌرڻي ۾ ايس ٽي پي اڳواڻ ولهاڙ چڇڙ ساڻي منصور ڪوسو يونس اوٺو امجد مستوئي، خالد ميراڻي ۽ عرفان لغاري سميت ڪارڪنن شرڪت ڪئي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ڪوٽڙي جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال تي وڏي آبادي جو دارومدار آهي پر اسپتال ۾ بنيادي طبي سهولتن ضروري دوائن ۽ ٻين انتظامي معاملن بابت مسلسل شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن جنهن جو سڌو سنئون اثر غريب ۽ مسڪين مريضن تي پئجي رهيو آهي ايس ٽي پي اڳواڻن الزام هنيو ته سرڪاري اسپتال ۾ مريضن لاءِ موجود هجڻ گهرجندڙ دوائن جي کوٽ آهي جڏهن ته علاج لاءِ ايندڙ غريب مريضن کي مختلف تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن اسپتال جي انتظامي معاملن ۾ مبينا بي ضابطگين ۽ ڪرپشن جي شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو پڻ ڪيو اڳواڻن چيو ته صحت جي شعبي لاءِ سرڪاري سطح تي وڏا وسيلا رکيا وڃن ٿا، پر جيڪڏهن انهن وسيلن باوجود عوام کي علاج، دوائون ۽ بنيادي سهولتون فراهم نه ٿين ته ان جو ذميوار ڪير آهي ان جو تعين ٿيڻ گهرجي هنن مطالبو ڪيو ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي جي انتظامي ۽ مالي معاملن جو رڪارڊ چيڪ ڪري مبينا بي ضابطگين جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به سطح تي ڪرپشن يا غفلت ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، ايس ٽي پي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سرڪاري اسپتالون غريب عوام لاءِ آخري سهارو آهن تنهنڪري اسپتالن ۾ دوائن جي دستيابي، ڊاڪٽرن ۽ عملي جي موجودگي ايمرجنسي سروسز ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي يقيني بڻائڻ حڪومت ۽ صحت کاتي جي ذميواري آهي هنن مطالبو ڪيو ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي ۾ مريضن کي مفت ۽ معياري علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ دوائن جي کوٽ فوري طور ختم ڪئي وڃي، ان موقعي تي اڳواڻن اعلان ڪيو ته سندن احتجاج صرف نعريبازي تائين محدود نه رهندو پر مطالبن جي مڃتا ۽ اسپتال جي معاملن بابت واضح ڪارروائي ٿيڻ تائين احتجاجي ڪئمپ جاري رکي ويندي هنن ضلعي انتظاميا ۽ صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي اسپتال جي صورتحال بهتر بڻائي عوام کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن واضح رهي ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي بابت ايس ٽي پي اڳ به دوائن ۽ بنيادي طبي سهولتن جي کوٽ تي احتجاج ڪندي رهي آهي جڏهن ته تازو پڻ پارٽي طرفان اسپتال جي انتظامي معاملن خلاف احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪيو ويو هو

بقايا 5 "روزاني عبرت"

ٿيڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪڪڙ ۾ مقتول نوجوان جعفر ڪلوئي جي وارثن صديق ڪلوئي، محبوب علي، مسمات پيري، مسمات رحيمان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ لاش مين انڊس هاءِ وي روڊ تي ٽنهڻ اس ۾ رکي احتجاج مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي لڳڻ ڪانپوءِ ٽريفڪ معطل ٿي وئي گاڏين جون قطارون لڳي ويون جڏهن ته احتجاج ۾ مرد، عورتن ۽ معصوم ٻارڙن مقتول جي قاتلن خلاف زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي مقتول جي والد محمد صديق ڪلوئي ٻڌايو ته منهنجي پٽ جعفر کي بي گناهه جوابدار ڌر احمد ڪلوئي، غلام حيدر، سومر علي بخش، عبدالله ۽ ٻين سندس ساٿين ڪهاڙين ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري قتل ڪيو آهي ۽ 6 ڄڻن کي زخمي ڪري وڏو ناحق ڪيو آهي جڏهن ته لاش ٻن ڪلاڪن تائين واقعي واري هنڌ پيل رهيو جڏهن ته اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس نه پهتي هن چيو ته ٻوڙڻ پوليس مخالفن جي ونگار وهي رهي آهي انهن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ ۽ جوابدار گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي پوليس جوابدار ڌر سان ٺهيل آهي مقتول جو ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي هوڏانهن ڊي ايس پي ڪي اين شاهه ۽ ڪڪڙ پوليس مظاهرين وٽ پهچي مقتول جي نوجوان جو ڪيس داخل ڪرڻ ۽ جوابدار گرفتار ڪرڻ جي ڪيل خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو هوڏانهن ٻوڙڻ ٿاڻي تي مقتول نوجوان جعفر جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي قتل جي واقعي ڪانپوءِ ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي

بقايا 6 "روزاني عبرت"

ابن ڏاڏن ۽ ٻيبين جي قديمي قبرستان کي ٽالو لڳائي سيل ڪري فساد برپا ڪرڻ چاهي ٿو اسان جو درگاهه قلندر پرسان 10 هزار فوٽ پلاٽ آهي جنهن جو روينيو رڪارڊ پڻ اسان وٽ موجود آهي جنهن تي اسان جون وڏن جون قبرون هجڻ سان گڏ اسان جا دڪان اوطاقون حويليون ۽ شاپنگ سينٽر موجود آهن پر اوقاف کاتي اسان تي بنا جواز ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسان جي اباڻي قبرستان جي گيٽ کي ٽالو هڻي قبضو ڪري ورتو آهي اسان اوقاف جي اهڙي ناجائزي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو آهي پر ان باوجود اوقاف عملي اسان جي قبرستان کي سيل ڪري دڪاندارن کي پڻ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن اوقاف کاتو قلندر شهباز جي نگري ۾ اسان امن پسند سيدن مٿان ظلم ۽ ڏاڍ ڪري فساد پيدا ڪرڻ چاهي ٿو جنهن بعد سڄي سنڌ اندر موجود فقيرن ۽ مريدن ۾ ڏاڍ پکڙيل آهي پر اسان پنهنجي فقيرن ۽ عقيدتمندن کي تلقين ڪئي آهي ته هو پرامن رهن اسان قانوني ويڙهه وڙهي رهيا آهيون جيڪڏهن انتظاميا زبردستي ڪئي ته ان جا ذميوار ڊي سي ۽ ايس ايس پي ڄامشورو هوندا هن صدر آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، آءِ جي سنڌ ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ۽ غير جانبدار ڪميشن جوڙي اسان کي انصاف ڏياريو وڃي ٻي صورت ۾ روڊن تي نڪري سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 7 "روزاني عبرت"

هڪٻئي تي لٺيون ۽ پٿر استعمال ڪيا ويا، جنهن سبب شوڪت، بخشل، گلاب سميت 6 ڄڻا زخمي ٿيا اطلاع ملڻ تي راڌڻ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڪري وڌيڪ جهيڙي کي روڪي ورتو ،زخمين کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪرڻ بعد ڪين علاج لاءِ ميهڙ اسپتال منتقل ڪيو ويو ذريعن موجب زخمين مان شوڪت کي مٿي ۾ سخت ڌڪ لڳڻ سبب سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين ڪيس داخل ٿيڻ بابت ڪا تصديق نه ٿي سگهي آهي

بقايا 8 "روزاني عبرت"

سندس ڌيءَ جو ذهني توازن ٺيڪ نه هو،جنهن سبب هن مبينا طور چونٽري اندر ڦاهو کائي خودڪشي ڪئي،وارثن واقعي کي اتفاقي قرار ڏيندي ڪنهن تي به الزام عائد نه ڪيو آهي،هوڏانهن پوليس موجب واقعي بابت مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ وارثن جا بيان پڻ قلمبند ڪيا پيا وڃن،پوليس جو چوڻ آهي ته ناري جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي،جڏهن ته پوسٽ مارٽم رپورٽ ۽ جاچ جي نتيجن ڪانپوءِ ئي موت بابت حتمي صورتحال سامهون اچي سگهندي،

بقايا 9 "روزاني عبرت"

سان ڪٽي وئي آهي جيڪا تعلقه اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي وئي هئي،ولاٿا حافظ خالد سيال ايڌي رضاڪارن جي مدد سان جنازه نماز بعد سندس کي لاوارث طور دفنائي ڇڏيو ياد رهي ته مرحومه عورت گذريل ڏينهن مورو پرسان بيهوشي جي حالت ۾ هٿ آئي هئي عورت جي سڃاڻپ پوليس جي بايو ميٽرڪ سسٽم تحت صبا ڌيءَ اشرف ملڪ ويٺل هالا طور سان ڪئي وئي آهي جيڪا تعلقه اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي وئي هئي،

بقايا 10 "روزاني عبرت"

ويو ان موقعي تي ٽنڊوالهيار شهر جي ڏينو ڪالوني واسي راڄا بروهي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته مون 3 سال اڳ پسند جي شادي ڪئي هئي جنهن ۾ مونکي هڪ پٽ جو اولاد آهي منهنجي زال سلمان کي سندس ماءُ ۽ پيئيو ورغلائي وٺي ويا آهن هن چيو ته منهنجو معصوم پٽ آهي جيڪو ماءُ لاءِ روئي رهيو آهي پر انهن ظالمن کي ٿورو به رحم نٿو اچي مجبور ٿي انصاف لاءِ هتي پهتو آهيان سُهريجا زال گهرڻ تان ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن هن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته زال واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 11 "روزاني عبرت"

پگهت ڪري مذڪوره قائم ڪيل پاڻي ٽينڪن کي زبون حال ڄاڻائي ڪنهن به وقت ڪو وڏي جاني نقصان جا خدشا ظاهر ڪري ٽانڪين کي ٽوڙيو ويو جنهن ۾ ڪجهه شهرن ۾ واٽرسپلائي جون ٽانڪيون خستا هيون ان کان علاوه چند اهڙيون واٽرسپلائي جون ٽانڪيون پڻ هيون جيڪي تازو ئي پبلڪ هيلٿ مٽياري جي غلط پلاننگ سان نيون ٺهرايون ويون هيون جن ۾ غير معياري ۽ ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ سبب استعمال کان اڳ ئي هنڌان هنڌان ٽٽي ويون ، ان باوجود مذڪوره اسڪيمن کي پاس ڪري تعميراتي ڪمن جي ٺيڪيدارن کي رقمون جاري ڪيون ويون هيون هٽ سان ٽوڙايل پاڻي جي ٽينڪين مان نڪرندڙ لوهي سريولوهي پائپ،دروازا دريون ۽ ٻيون پاڻي اڇلائڻ وارين هيوي مشينرين سميت ڪروڙين روپين جي ماليت جو ڪيترو ئي قيمتي سامان پڻ غائب ڪيو ويو آهي ته ٻئي پاسي ڪجهه واٽرسپلائي جي ٽانڪين جي جاين تي لاڳاپيل کاتن جي ان وقت جي آفيسرن علائقن جي سياسي بااثر ماڻهن جي سان ملي ڪري سرڪاري ڪمرشل قيمتي ملڪيتن تي قبضا ڪرائي ڇڏيا جن تي لينڊ مافيا جي ماڻهن پاران مختلف رهائشي ۽ ڪاروباري جايون ٺهرايون ويون آهن ان حوالي سان ڊپٽي ڪمشنر مٽياري دانش ڏاڪر سان رابطو ڪرڻ تي سندس چوڻ هو ته منهنجي مقرري هاڻي ٿي آهي مون کي معاملي جي صحيح ڄاڻ ناهي مذڪوره معاملي جي جاچ ڪريان ٿو جيڪڏهن ڪنهن قسم جون بي ضابطگيون ٿيون آهن ته ملوث سرڪاري عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، پبلڪ هيلٿ مٽياري جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر وحيد ارباب چيو ته ان وقت منهنجي ايگزيڪيوٽو انجنيئر طور مقرري ٿيل نه هئي ان ڪري ان معاملي جي آئون فوري طور جاچ ڪرائيندس، ٻئي پاسي مذڪوره علائقن مان ڪيترن ئي سالن کان لکين شهري واٽرسپلائي جي مٺي پاڻي جي سهولت کان محروم بڻجي ويا آهن ۽ زير زمين جو زهريلو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن ۽ پنهنجي صاف ۽ مٺي پاڻي جي بنيادي سهولت کان محروم آهن مٽياري ضلعي جي سياسي سماجي ،مذهبي ۽ سڄاڻ ڌرين پاران مذڪوره ڪرپشن تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي صوبائي وزير بلديات، ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري کان مذڪوره معاملي جو فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي اعلا سطح جي انڪوائري ڪري سرڪاري ۽ بااثر ذميوار ماڻهن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا 12 "روزاني عبرت"

۾ پ پ ضلعي ميرپورخاص جو اجلاس ضلعي صدر ايم اين اي مير منور ٽالپر جي صدارت ۾ ٿيو جنهن ۾ پ پ ان جي ذيلي تنظيمن جي صدرن جنرل سيڪريٽرين سميت ايم پي اي هريرام ڪشوري لال صوبائي صلاحڪار جنيد بلند، ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين مير انور ٽالپر ميئر عبدالرئوف غوري، پ پ ميونسپل ڪارپوريشن جي صدر پير عزت شاهه جيلاني ضلعي نائب صدر اسحاق ناريجو پ پ ليڊيز ونگ جي صدر شميم جهنديں مير علي رضا رضا ٽالپر جاني ٽالپر شرڪت ڪئي

بقايا 13 "روزاني عبرت"

جي مبينا زيادتين ۽ زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب پهچي وئي عورت احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي مسمات ليليٰ ميڊيا کي ٻڌايو ته ڪيس ۽ سندس ٻارن کي مبينا طور تي سندس مڙس ۽ سسرال وارن پاران مشڪلاتون درپيش آهن جنهن جي ڪري هوءَ انصاف جي گهر ڪرڻ لاءِ پريس ڪلب پهچي وئي هن مطالبو ڪيو ته چيف جسٽس آف پاڪستان، وزير اعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر سميت قانون لاڳو ڪندڙ ادارا معاملي جو نوٽيس وٺن ۽ غير جانبدار جاچ ڪرائين ۽ تحفظ فراهم ڪندي ڪيس ۽ سندس ٻارن کي انصاف فراهم ڪن

بقايا 14 "روزاني عبرت"

پينشنرس ڊسٽرڪٽ خيرپور پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته 07-09-2026 تائين پينشنرن کي پينشن نه ملي سگهي آهي جيڪي فاقاڪشي تي ويٺل آهن ۽ دربدري جو شڪار آهن ۽ بئنڪن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪجي پيا آهن ويچارن جي هن وقت تائين پينشن نٿي آهي اهڙو اظهار فقير شفيع محمد سولنگي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر خيرپور فورن پينشن بئنڪن ڏانهن منتقلي ڪئي وڃي ته جيئن پينشنرس پينشن وٺي سگهن ۽ فاقاڪشي کان بچي سگهن ۽ هن وقت تائين LPR جو پيرول به نه ملي سگهيو آهي

بقايا 15 "روزاني عبرت"

قانوني ڪارروائي لاءِ باضابطا خط جاري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تحت واقعي جي هر پاسي کان شفاف تحقيق ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن

بقايا 16 "روزاني عبرت"

پوليس اسٽيشن جي حد ۾ پيش آيو ڀيءُ جي شڪايت تي ڪنڌرا پوليس اسٽيشن ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو فوري نوٽيس وٺندي، ايس ايس پي سکر احمد چوڌري پي ايس پي، ڪيو پي ايم جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ هڪ خاص پوليس ٽيم ٺاهڻ جا حڪم جاري ڪيا. ايس ايس پي سکر جي حڪم تي ڊي ايس پي انويسٽيگيشن جي اڳواڻي ۾ هڪ خاص ٽيم ٺاهي وئي جنهن جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ مختلف پهلوئن کان جاچ ۽ ڳولا جاري رکي. ايس ايڇ او ڪنڌرا پوليس اسٽيشن ۽ پوليس ٽيم هڪ اثرائتي حڪمت عملي تحت ڪامياب ڪارروائي ڪئي ۽ جوابدار عبدالحميد ملاح کي گرفتار ڪيو جيڪو ريپ ڪيس ۾ نامزد جوابدار آهي جوابدار خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. ايس ايس پي سکر احمد چوڌري چيو ته سماج ۾ ڏوهاري عنصرن خاص طور تي سنگين ڏوهن ۾ ملوث جانورن لاءِ ڪا به جاءِ ناهي اهڙن عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت قانوني ڪارروائي جاري رهندي. ايس ايس پي سکر احمد چوڌري پوليس ٽيم کي انهن جي بهترين ڪارروائي تي مبارڪباد ڏني آهي

بقايا 17 "روزاني عبرت"

صابري جي صدارت ۾ اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ ڪائونسلرن ڳوٺاڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ قرارداد پاس ڪئي وئي ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي سنڌ جي وحدانيت خلاف ڪا به ڳالهه برداشت نه ڪئي ويندي ۽ ڪنهن به صورت ۾ سنڌ کي ورهائڻ نه ڏينداسين ان موقعي تي يونين ڪائونسل گجيرو پراڻو جي چيئرمين محمد اڪرم ٻگهيو صابري خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جا وارث موجود آهن سنڌ هزارين سالن کان قائم ۽ دائم آهي ڪڏهن به سنڌ کي ورهائڻ نه ڏينداسين جيڪي سنڌ جي ورهائڻ جي ڳالهه ڪن ٿا انهن کي خبردار ٿا ڪريون ته هو سنڌ جي وحدانيت سان هٿ چراند بند ڪن جيڪي ڪالهه هتي مهاجر ٿي آيا سنڌ انهن جي مهمان نوازي ڪئي انهن کي جي ۾ جايون ڏنيون اهي ماڻهو سنڌ ورهائڻ جا ناپاڪ ارادا رکن ٿا پر انهن جي ڪا به سازش ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين انهن سنڌ دشمن ماڻهن کي هتان ڀڄڻو پوندو هن چيو ته صدر پاڪستان آصف علي زرداري کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا جنهن سنڌ ڌرتي جي ورهاڱي جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ اهڙي قرارداد پاس ڪرائي سنڌ جي عوام جون دليون کٽي ورتيون آهن يونين ڪائونسل گجيرو پراڻو جي عوام ۽ چونڊيل نمائندا سنڌ ڌرتي جي حفاظت ڪندا سنڌ جي خلاف ڪا به ڳالهه برداشت نه ڪنداسين جيڪو ڳالهائيندو انهن کي منهن ٽوڙ جواب ڏينداسين هن اجلاس ۾ يونين ڪائونسل جي وائيس چيئرمين محمد صديق سولنگي سيڪريٽري امان الله سيال ڪائونسلرن مير حسن چنڊ فتح محمد عرف عظيم ٻگهيو شبير سولنگي عطا ۽ ٻگهيو هدايت ۽ ڀٽو سهيل احمد ٻگهيو سرمد ٻگهيو اريبلو اوڏ حافظ عبدالوحيد ٻگهيو عدنان لاڳاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي آخر ۾ سنڌ هميشه قائم ۽ دائم رهندي خوشحالي ترقي تعمير بهتري ڀلائي لاءِ دعا گهري وئي سنڌ ورهائيندي پادر کائيندي سنڌ جو ورهاڱو نامنظور جا نعرا هنيا ويا

بقايا 18 "روزاني عبرت"

پسٽل ڏيکاري ڪين بيهڻ جو اشارو ڪيو نه بيهڻ تي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني جنهن سبب ڊاٽسن جو ٽائر برسٽ ٿي پيو ڊرائيور ڦورن کي سڌي گاڏي هڻي زخمي ڦورو موٽرسائيڪل تي چڙهي فرار ٿيڻ لڳا واقعي جو ڳيجائي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو پوليس ۽ معاشرن بروقت ڦورن جو پيڇو ڪيو ڪجهه مفاصلي بعد ڦورو پنهنجي هڪ موٽرسائيڪل خراب ٿيڻ بعد ڇڏي فرار ٿي ويا هوڏانهن ڦر جي ڪوشش واري واقعي خلاف رند برادري جي ماڻهن ڊرائيور نعيم رند عبدالغفار رند ثناالله رند جي اڳواڻي ۾ سانگهڙ نواب شاهه روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو مظاهرين چيو ته اسين ڪاروباري ماڻهو آهيون اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ڦر ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي جنهن بعد ايس ايڇ او ڳيجائي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري روڊ کولرايو

بقايا 19 "روزاني عبرت"

خلاف سوين شاگردن سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لائبريري کان هڪ وڏي پيادل مارچ ريلي ڪڍي يونيورسٽي جي مختلف رستن جو گشت ڪرڻ ۽ ميرٽ جي لتاڙ خلاف سخت نعريبازي ڪئي جنهن بعد 8 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪرڻ بعد سيوهڻ روڊ تي بس اسٽاپ وٽ پل جي هيٺان ڌرڻو هنيو ويو

بقايا 20 "روزاني عبرت"

راجپوت، حمزه راجپوت ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا احتجاج ڪندڙن چيو ته اسان جي ڀاءُ راحيل ولد باسط علي راجپوت کي ڪار سوار زبردستي اغوا ڪري کڻي ويا آهن اسان روزگار ڪندڙ آهيون هاڻي ته خوف ٿي ويو آهي اسان جي ڀاءُ مجبوري تحت 34 لک رپيا پئسا ورتا هئا جيڪي واپس ڪري چڪو آهي پر ان جي باوجود وياجين زندگيءَ عذاب بڻائي ڇڏي آهي هنن الزام هڻندي چيو ته اسان جي ڀاءُ کي وياج هلائيندڙ هٿيارن جي زور تي زبردستي ڪار ۾ کڻي ويا آهن اسان ته ڪروڙ 40 لک رپيا ڀري چڪا آهيون پر ان جو ڪو به رڪارڊ نه پيو ڏنو وڃي هنن مطالبو ڪيو ته مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي ڀاءُ کي بازياب ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 21 "روزاني عبرت"

خوف هراس ڦهلايو ويو،جنهن بعد ڌڪ لڳڻ ڪري انصاف برڙو زخمي ٿي پيو .ساڳين جوابدار ٻيهر حملو ڪري سڌي فائرنگ ڪئي فائر لڳڻ سبب معجزاتي طور محفوظ رهياسين ۽ فائر سولر پليٽن کي لڳا.جنهن سبب دالي پوليس پهچي ڪنٽرول ڪيو وڌيڪ خونريزي کان روڪي وڌو .ٻئي پاسي الٽوجوابدارن اسان مٿان رپورٽ داخل ڪرائي جنهن ڪري پوليس مکڻ برڙو کي گرفتار ڪري وئي هنن چيو ته جوابدار ڏوهاري آهن وڌيڪ خونريزي ڪرائڻ چاهين ٿا هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز سيشن جج نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جي جاچ ڪري ملوث ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي...

بقايا 22 "روزاني عبرت"

محمد عمر لاشاري سان مبينا زيادتي بعد قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ شهيد عاشق چوهاڻ جي رهيل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ هزيدار چوڪ کان لکيدر گهنٽه گهر تائين ضلعي صدر ايڊووڪيٽ ظفر علي چنه جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي ريلي ۾ محمد عمر لاشاري جي وارثن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پوليس جي ڪارڪردگي تي بي اعتمادي جو اظهار ڪيو ويو اڳواڻن جو چوڻ هو ته شڪارپور جي عوام ۾ سخت مايوسي پکڙجي وئي معصوم ٻارڙن سان درندگي ڪري پوءِ قتل ڪيو وڃي ٿو ۽ پوليس ڏوهارين نما دهشتگردن اڳيان بيوس بڻيل رهي ٿي، هنن چيو ته آءِ جي سنڌ فوري طور تي نوٽيس وٺي سمورا جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ريلي ۾ شاهنواز ابڙو امداد سومرو عامر بابلاڻي ڊاڪٽر اسماعيل شيخ منير لاشاري، سيد سراج شاهه غلام علي گل ميمڻ سميت وڏي انگ شهرين شرڪت ڪئي

بقايا 23 "روزاني عبرت"

پهتا، جتان پوليس پاران ميڊيڪل ليٽر جاري ڪيا ويا. بعد ۾ زخمين کي علاج لاءِ تعلقا اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو. ٻئي طرف واقعي بابت پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته فريادي ڌرين طرفان قانوني ڪارروائي لاءِ درخواستون ڏيڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي

بقايا 24 "روزاني عبرت"

جنهن بعد وارثن پاران معصوم نياڻي جو لاش کڻي ڊاڪٽرن جي غفلت خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ٻارڙي جي پيءُ اظهر لنڊ ۽ ٻين الزام لڳايو ته سندس 3 ڏينهن جي ڄاول نياڻي بلڪل صحتمند هئي، پر مبينا طور تي بنا چيڪ اپ جي ويڪسين لڳائڻ ڪانپوءِ سندس طبيعت خراب ٿي وئي ۽ هوءَ فوت ٿي وئي. وارثن ڊاڪٽرن ۽ ويڪسينيٽر تي مبينا غفلت جو الزام لڳائيندي چيو ته اسپتال ۾ نان ٽيڪنيڪل عملو ڪم ڪري رهيو آهي ٻار کي ٽُڪو هڪ ڄڻي هنيو ۽ پرچي تي نالو ٻي ماڻهون جو لکيل آهي جيڪو غير ذميواري جو چٽو ثبوت آهي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته ماسري جي شفاف انڪوائري ڪري ملوث عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 25 "روزاني عبرت"

ٻڌڻ سرڪاري وڪيل ۽ ڊي آءِ جي سکر کان آڏي پڇا ڪئي ته عورت ڪٿي آهي، جيڪڏهن ڊي آءِ جي سکر اوهان عورت کي بازياب نه ڪرائي سگهيا آهيو ته پوءِ هتي عدالت ۾ اچ آءِ جي سنڌ پوليس کي پيش ٿيڻ گهرجي ها، عدالت گذريل ٻڌڻي تي اهڙو واضع آرڊر ڪيو

بقايا 26 "روزاني عبرت"

پرياسٽي اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ۾ ڪهرام ٻريا ٿي ويو.

بقايا 27 "روزاني عبرت"

ڪردار ادا ڪري رهي آهي هڪ پريس ريليز ۾ ٻڌايو ويو 118 ذريعي (سيپڪو) صارفين کي بجليءَ جي بندش ٽيڪنيڪي خرابي ٽرانسفارمر وولٽيج جي مسئلن نون ڪنيڪشن ۽ بجليءَ جي ٻين معاملن بابت شڪايتون درج ڪرڻ جي سهولت فراهم ڪري ٿو صارفين 8118 تي ايس ايم ايس موڪلي پڻ پنهنجون شڪايتون درج ڪرائي سگهن ٿا. چيف ايگزيڪيوٽو (سيپڪو) انجنيئر اعجاز احمد چنا چيو ته 118 سروس فقط هڪ شڪايتي نمبر ناهي پر صارفين لاءِ دوستاڻي تيز ۽ جديد ڪسٽمر سروس سسٽم جو هڪ لازماً حصو آهي

CMES (A) HYDERABAD
TENDER NOTICE

1. Commander Military, Engineer Services (Army) Hyderabad, invites sealed tenders for the following works, in the light of **PPRA Rules 13 (1) & 28 of 2004:-**

a.	**Repair/Maint/Minor/Abnormal Repair Works of Lav Blocks / Resdl/ Non Resdl/ Accn Incl Ext Svcs (Bdry Wall, Roads, Electric, Water & Sewerage at Hyd, SRC, Bli, Badin, Chhor, Gars) FY 2026-27**	**At Par Cost Shown on Tender Documents**
b.	**TC Int / Ext B&R/E&M incl DC Works and Bazar Supply for Hyd, Chhor and Badin Gar - FY 2026-27**	

2. The contractors are required to submit their applications to Command Military Engineer services (Army) Hyderabad for issuance of tender documents along with their credentials **as shown at serial 3 below**. The applications shall be scrutinized and the tender documents will only be issued to the firms/contractors who have sufficient experience in the relevant field and satisfy other special sonditions required for the job area. The sealed tenders will be received in the office of accepting officer by **25 Sep 2025** till **1130 hours** and will be opened at **1200 hours on the same date.**

Note: Contractors shall provide certificate that they are not involved in any type of litigation with Government Department in the Court of Law and that no special report of Directorate of Inspection and Evaluation (E-in-C's Branch GHQ) is outstanding against them.

3. Firms / Contractors not borne on approved list of MES will furnish their applications along with statement of previous experience, giving details of works executed during last two years and those in hand, on proforma appended below:-

Ser	Name of Works/Supply Contracts executed during last two years and in band	Amount of work (Rs)	Time Allowed in Months	Date of Comme-ncement	Date of Comp-letion	%age Progress of works in Hand & supply of Material

5. Desirous Contractors may be present at the time of opening of tenders.

6. The accepting officer reserves the right to accept or reject the tender. Rejected tenders will be dealt with as per **PPRA Rules Para 33 (1) of 2004.** Incomplete applications shall not be entertained.

7. Details of works can be obtained from this office on any working day from **0900 to1400 hours,** if required.

8. The same tenders are also available on **www.ppra.org.pk.**

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **09.07.2026, 08.08.2026, 22.08.2026** and **26.08.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-331177108-2026	INTEGRATED STRUCTURAL GEOLOGICAL MODELING STUDY OF THE NOWSHERA BLOCK, KPK	29.09.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-327380371-2026	HIRING OF INTEGRATED FRACTURING SERVICES	01.10.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-332365709-2026	COIL TUBING UNIT & ASSOCIATED SERVICES	12.10.2026 AT 1030 Hrs
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-332366172-2026	COIL TUBING UNIT & ASSOCIATED SERVICES	14.10.2026 AT 1030 Hrs

2. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
3. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
4. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
5. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3652

ogdcl.com
No.132 / 10

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION

WE EXPLORE PROSPERITY

گمبٽ ويجهو تيز رفتار ٽرالر ڪار مٿان چڙهي ويو، ٻه ڄڻا چيڀاٽجي فوت، ڊرائيور گرفتار

قومي شاهراهه تي پيش آيل حادثي ۾ سيد جاويد علي شاهه ۽ غلام مصطفيٰ ابڙو ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي ڊرائيور کي گرفتار ڪري فوتين جا لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيا

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڪاٺوري) رسول آباد قومي شاهراهه تي روڊ ڪار کي ٽرالر جو ٽڪر ٻه ڄڻا ٿڏي تي فوت رسول آباد قومي شاهراهه روڊ تي احسان عابد پيٽرول پمپ جي سامهون تيز رفتار ٽرالر ڪار کي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار ٻه ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا فوتين ۾ نوشهروفيروز جو رهواسي جاويد علي شاهه ۽ دريبلو جو رهواسي غلام مجتبيٰ ابڙو شامل آهن حادثي جي اطلاع

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيلن جا لاش اسپتال ۾ پيل آهن ٻئي طرف حادثي جو شڪار ڪار جو ڏيک

دادو ۾ ٽن ٻارن جي ماءُ جي اغوا ڪيس ۾ پٽ کي ڦاسائڻ خلاف پيرسن عورت جو احتجاج

مخالفن نثار احمد پنهور کي اغوا ڪيس ۾ ڦاسائي گهر مان لکين رپين جو سامان ۽ سون ڪڍي ويا: مومنت خاتون

ٻيو پٽ محسن پنهور مبينا طور گم آهي، آءِ جي سنڌ گم ٿيل پٽ جي بازيابي ڪرائي

دادو (رپورٽ: ولي محمد لنڊ) دادو ۾ ٽن ٻارن جي ماءُ جي اغوا ڪيس ۾ نوجوان کي ڦاسائڻ جو الزام، گهر تي قبضو ۽ لکين رپين جي سامان جي ڦرلٽ خلاف پيرسن عورت جو احتجاج، دادو شهر جي جڳت آباد ڪالوني جي رهواسڻ پيرسن عورت مسمات مومنت خاتون زال الله بخش پنهور دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سندس پٽ نثار احمد پنهور کي ريما جي مڙس ڪليم الله جاتوئي ۽ ٻين مبينا طور ڦاسايو آهي، جڏهن ته سندس گهر تي قبضو ڪري لکين رپين جو سامان ۽ سون به ڪڍي ويا آهن ۽

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

دادو: مومنت خاتون پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪوٽڙي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ ۽ مبينا ڪرپشن خلاف ڪيمپ قائم، ڌرڻو

ايس ٽي پي پاران ڊي سي آفيس آڏو ٽن ڏينهن واري احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي، سخت نعريبازي

اڳواڻن پاران اسپتال جي انتظامي ۽ مالي معاملن جي شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

مطالبن جي مڃتا ۽ اسپتال جي معاملن بابت واضح ڪارروائي ٿيڻ تائين ڪئمپ جاري رکي ويندي

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي ۾ مبينا ڪرپشن، دوائن جي کوٽ ۽ مريضن کي بنيادي طبي سهولتون نه ملڻ خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي)

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ پرسان مال جي پيل تان ڪلوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، نوجوان قتل، 6 زخمي

مقتول جعفر ڪلوئي جي وارثن جو لاش مين انڊس هاءِ وي تي رکي ڌرڻو، روڊ بلاڪ، ٽريفڪ معطل

جوابدارن ڪهاڙين ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري جعفر ڪلوئي کي قتل ۽ 6 ڄڻن کي زخمي ڪيو آهي: مظاهرين

ڊي ايس پي ۽ پوليس جي جوابدارن خلاف ڪيس ۽ گرفتاري جي خاطري بعد ڌرڻو ختم، بروزي ٿاڻي تي قتل جو ڪيس داخل

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان بروزي ٿاڻي جي حد ڳوٺ شاهه محمد ڪلوئي ۾ گذريل رات دير سان مال جي پيل تان ڪلوئي برادري جي ٻن ڌرين وچ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ نوجوان جعفر ڪلوئي قتل ٿيڻ ۽ هڪ ڌر جا 6 ڄڻا زخمي ٿيڻ جي واقعي جو ڪيس داخل نه

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: ڪلوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ۾ قتل ٿيل نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ هنيل احتجاجي ڌرڻي جو ڏيک

سيوهڻ ۾ صوفي آستاني "ڪڇهري ڪافي" جي گادي نشين جو احتجاج

قلندر جي درگاهه پرسان 10 هزار فوٽ پلاٽ جو روينيو رڪارڊ موجود آهي: سيد محفوظ شاهه

اوقاف کاتي قبرستان کي سيل ڪري دڪاندارن کي نوٽيس جاري ڪيا آهن

سيوهڻ (ن ع) درگاهه قلندر سان لاڳاپيل صوفي آستاني "ڪڇهري ڪافي" جي گادي نشين سيد محفوظ حسين شاهه لڪياري اوقاف کاتي جي ڏاڍ ۽ ناانصافي خلاف آواز اٿاري ڇڏيو آهي، ان حوالي سان سيد محفوظ حسين شاهه لڪياري ڪالهه جي پنهنجي رهائشگاهه تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪري ڄاڻايندي چيو آهي ته سيوهڻ جو اوقاف کاتو انتظاميا اسان جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: ڪڇهري ڪافي" جو گادي نشين احتجاج ڪري رهيو آهي

راڌڻ ۾ ويگهيا ۽ ٻلهڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 6 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

راڌڻ (ن ع) جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين پاران

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

مٽياري ضلعي ۾ واٽر سپلاءِ ٽانڪين جي ٽٽل مٽيريل ۽ سرڪاري پلاٽن تي قبضا

پٽ شاهه، هالا، مٽياري ۽ سعيدآباد سميت مختلف علائقن ۾ ڪروڙين رپين جو لوهي سريو، پائپ ۽ مشينري غائب

نوان ٺهيل واٽر سپلاءِ ٽينڪ استعمال کان اڳ ڏرون ٿيڻ باوجود ٺيڪيدارن کي ادائگيون ۽ ناقص مٽيريل استعمال جا الزام

ڊي سي ۽ پبلڪ هيلٿ ايگزيڪيوٽو انجنيئر پاران جاچ ڪرائڻ جو اعلان، بي ضابطگي ثابت ٿيڻ تي ڪارروائي جي خاطري

پٽ شاهه (ن ع) مٽياري ضلعي جي شهر هالا، پٽ شاهه، سعيدآباد، هالا پراڻا، مٽياري سميت ٻين شهرن ۾ ڏاهيل واٽر سپلاءِ جون ٽانڪيون ڪجهه سال اڳ پبلڪ هيلٿ مٽياري ۽ بلديات کاتي جي آفيسرن ملي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

نصرپور پرسان قاضي جي باغ مان 65 ورهين جي شخص جو ٽنگيل لاش هٿ

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

فوتي جو ذهني توازن درست نه هو، ڪنهن تي به شڪ ناهي: وارث

نصرپور عالم ڪاڪيپوٽو نصرپور جي لڳ قاضي جي باغ ۾ ٽنگيل لاش مليو جنهن جي سڃاڻپ 65سالن جي مبارڪ بروهي جي ٿي اهڙو اطلاع نصرپور پوليس کي مليو جنهن واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٽائي اسپتال پهچايو جنهن بعد پوليس ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو فوتي جي مڙهه وارثن حوالي ڪيو فوتي جي وارثن چيو ته فوتي جو ذهني توازن درست نه هو ان ڪري اهڙو واقعو پيش آيو وارثن پاران ڪو به شڪ ڪونهي ان بعد پوليس اتفاقي موت ڄاڻائي لاش وارثن حوالي ڪيو فوتي جي پٽ پڻ اهڙو بيان ڏنو ان بعد وارثن کي سندن اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪندڙ ملڪ جا حامي يا خير خواهه ناهن: مير منور ٽالپر

سنڌ اسان جي ماءُ آهي، ورهائڻ نه ڏينداسين، ڪنهن به سمجهوتي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي

سنڌ ورهائڻ ۽ نون ڪئنالن خلاف پارٽي پاليسي موجب ڀرپور تحريڪ هلائڻ لاءِ ڪارڪن تيار آهن

پ پ ضلعي اجلاس ۾ شهر جي خراب صورتحال ۽ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جون شڪايتون، بهتري لاءِ هدايتون جاري

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) سنڌ ورهائڻ خلاف پ پ ضلعي ميرپورخاص جو اجلاس ايم اين اي مير منور ٽالپر چيو آهي ته سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪندڙ ملڪ جا حامي يا خير خواهه ناهن، فريال ٽالپر سنڌ اسيمبليءَ ۾ جيڪو ڳالهايو آهي سمجهو ته اهو صدر صاحب ڳالهايو آهي پ پ پاران سنڌ ورهائڻ بابت ٿيندڙ سازشن خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جي سلسلي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: ڳوٺ الله ڏنو ٻرڙو واسي بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

گيجاٽي پرسان هٿياربندن جي واپارين کان ڦر ڪوشش، متاثرن جو احتجاج

علي آباد اسٽاپ هٿياربندن مال جي واپارين جي گاڏي نه بيهڻ تي فائرنگ ڪري ڏني

گاڏي لڳڻ سبب هڪ زخمي ڦورو کي ساٿي کڻي فرار ٿي ويا، متاثرن جو بدامني خلاف احتجاج

گيجاٽي (ن ع) گيجاٽي پرسان سانگهڙ نواب شاهه مين روڊ تي علي آباد اسٽاپ ويجهو ٻن ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل تي سوار 4 اڻ ڄاتل هٿياربندن ڊاٽسن ۾ سوار واپارين شاڪر وقار ۽ ڊرائيور نعيم رند کي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ ايس پي ايس سي جي نتيجن خلاف شاگردن جو 8 ڪلوميٽر پيادل مارچ، ڌرڻو

ميرٽ جي لتاڙ خلاف سوين شاگرد روڊن تي نڪري آيا، سنڌ يونيورسٽي کان سيوهڻ روڊ تائين مارچ ڪيو

ايس پي ايس سي ۾ ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي جا الزام، نتيجا رد ڪري شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

شاگرد تنظيمن ۽ سول سوسائٽي اڳواڻن طرفان ميرٽ جي تحفظ لاءِ پرامن جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

ڄامشورو (رپورٽ: عرفان برفت) سنڌ اسٽوڊنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي ميرٽ بچايو سنڌ بچايو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاران ميرٽ جي لتاڙ چانڊيڪي سي سي اي جي امتحان جي تڪرار نتيجن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

مورو واسين جو وياج خورن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

مظاهرين فيضان علي، راجا، ذوالفقار قريشي، حسن راجپوت ۽ ٻين احتجاج ڪيو

وياج خور رقم واپس ڪرڻ باوجود راحيل راجپوت کي اغوا ڪري ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي

مورو (ن ع) مورو شهر جي دستگير ڪالوني واسين جو مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو احتجاج جي اڳواڻي فيضان علي، راجا، ذوالفقار قريشي، حسن راجپوت، پيا راجپوت، علي راجپوت، حسين راجپوت، ببلو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڄامشورو جا رهواسي بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڄامشورو: تقريب ۾ مهمانن کي شيلڊون ڏنيون پيون وڃن

ڪنڊيارو پرسان ڌار ڌار واقعن ۾ 7 ڪان وڌيڪ زخمي، اسپتال داخل

لنڊ موري وٽ لاکا ۽ مگريا برادري جي جهيڙي ۾ زخمي 6 ڄڻن کي اسپتال آندو ويو

ڳوٺ حيات سيال ۾ گولي لڳڻ سبب ڳوٺاڻو گلبهار سيال زخمي ٿي پيو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو پرسان ڌار ڌار واقعن ۾ پنج ڪان مٿي زخمي ڪنڊيارو پرسان لنڊوموري لڳ لاکا ۽ مگريا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا غلام نبي لاکو، نواب، غلام حيدر مگريو، نجم الدين، عبدالجبار، عبدالغفار زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقا اسپتال آندو ويو پوليس موجب ڌرين ۾ ٻني مان فصلون چوري ڪرڻ تان جهيڙو ٿيو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي هوڏانهن ڪنڊيارو ويجهو ڳوٺ حيات سيال

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ نينگر عمر لاشاري ۽ عاشق چوهاڻ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي ريلي

قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي ايڊووڪيٽ ظفر علي چنه جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

معصوم ٻارڙن سان درندگي ڪري قتل ڪرڻ تي پوليس ڌاڙيلن نما دهشتگردن اڳيان بيوس بڻيل آهي: مظاهرين

شاگرد محمد عمر لاشاري ۽ ۽ شهيد عاشق چوهاڻ جي رهيل قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

شڪارپور (ڊچر) معصوم محمد عمر لاشاري جي خون سان انصاف ڪريو شڪارپور ۾ شهري روڊن تي نڪري آيا، قومي عوامي تحريڪ شڪارپور جي سڏ تي شڪارپور ۾ 14 سالن جو معصوم شاگرد

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نوري آباد: هٿ آيل نامعلوم شخص جو لاش

ميهڙ پرسان ٻارن جي ڳالهه تان منگي ۽ ڪوسا ڌرين ۾ جهيڙو، ڪيترائي زخمي

ٽنون ڳوٺ ۾ ٿيل جهيڙي دوران ڪوسا ڌر جا ڪينسر ۽ صدر ڪوسو سخت زخمي

منگي ڌر جون عورتون پڻ زخمي، ڪجهه زخمين جي حالت گنڀير ڄاڻائي وئي

زخمين کي ميڊيڪل ليٽر جاري، تعلقا اسپتال منتقل، پوليس پاران جاچ شروع

ٽنون ڳوٺ /ميهڙ (نمائندن وڪان) ميهڙ پرسان ٽنون ڳوٺ ۾ ٻارن جي ڳالهه تان منگي ۽ ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ٻنهي ڌرين جا ڪيترائي ساٿهو زخمي ٿي پيا، واقعي سبب علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي ذريعن موجب جهيڙي دوران ڪوسا ڌر جا ڪينسر ڪوسو ۽ صدر ڪوسو سخت زخمي ٿي پيا، جڏهن ته منگي ڌر جون عورتون پڻ زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن زخمين مان ڪجهه جي حالت گنڀير ڄاڻائي پئي وڃي واقعي ڪانپوءِ ٻنهي ڌرين جا زخمي ۽ سندن وارث ٽنون ڳوٺ ٿاڻي تي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: ٻارن جي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي جا زخمي ميڊيا آڏو ڏانهي رهيا آهن

ٽنڊوالهيار پرسان ويڪسين لڳڻ بعد 3 ڏينهن جي ٻارڙي فوت، وارثن جو احتجاج

بڪيرا شريف جي بي ايڇ يو سينٽر تي ٽڪو لڳائڻ بعد ٻارڙي جي طبيعت خراب ٿي وئي: والد

صحتمند ٻارڙي کي بنا چيڪ اپ ويڪسين لڳائڻ ڪانپوءِ طبيعت خراب ٿيڻ سبب فوت ٿي

پريس ڪلب اڳيان لاش رکي احتجاج، وارثن پاران شفاف انڪوائري ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو بڪيراشريف جي بي ايڇ يو سينٽر تي پيدائشي ويڪسين لڳائڻ ڪانپوءِ مبينا طور تي 3 ڏينهن جي ٻارڙي فوت ٿي وئي.

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: گهر کي لڳل باهه جو ڏيک

سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر پاران فهميده پتافي بازيابي ڪيس ۾ ڊي آءِ جي تي ڪاوڙ

ڊي آءِ جي فهميده کي بازياب نه ڪرائي سگهيا آهيو ته آءِ جي سنڌ پوليس کي پيش ٿيڻ گهرجي ها: عدالت

عوام جي ٽيڪس جي پئسي مان پگهار ۽ مراعتون ملن ٿيون پر اوهان ڊيوٽي ۾ شامل ذميواري نه نڀائي رهيا آهيو

عدالت گذريل ٻڌڻي تي آءِ جي سنڌ پوليس پيش ٿيڻ واضح آرڊر ڪيو هو، چو نه گرفتاري لاءِ وارنٽ ڪڍيا وڃن

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ گهوٽڪي واسي فهميده پتافي جي بازيابي لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻيا واسطيدار پيش ٿيا، سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ جسٽس تسنيم سلطانه جي سنگل

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽالپروڙا شهر مان هڪ ئي رات ۾ ٻن گهرن مان لکين رپين جي چوري

گمبٽ (ت ر) ڪنب ٿاڻي جي حد ٽالپروڙا شهر ۾ سنڌ جو مشهور صوفي فنڪار مرحوم سهراب فقير جي گهر مان سونا زيور روڪ رقم موبائيل فون ڪپڙا ۽ ٻيو قيمتي سامان لکين رپين جي ماليت چور چوري ڪري ويا ساڳئي شهر مان واپڊا لائين گلشن علي سهاڳ جي گهرمان به سونا زيور روڪ رقم ۽ 3عدد موبائيل فون ڪپڙا ٽنڊ سميت لکين رپين جي چور چوري ڪري فرار ٿي ويا

پرياسٽي ويجهو نوجوان پاڻ کي ريل گاڏي آڏو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

پرياروڊ واسي عباس پٽ قدير ملڪ تيزگام ايڪسپريس اڳيان پاڻ کي ڏئي انت آندو

اطلاع تي ريلوي پوليس پهچي لاش ڪٽائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

پرياسٽي (ن ع) پرياروڊ پرسان ڪراچي کان لاهور ويندڙ تيزگام ايڪسپريس اڳيان نوجوان زندگي جي انت آڻي خودڪشي ڪري ڇڏي نوجوان جي سڃاڻپ پرياروڊ واسي عباس پٽ قدير ملڪ طور ٿي وئي. نوجوان جي چاچي غلام شبير ملڪ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته پاڻيٺيي جو ذهني توازن درست نه هيو گهر ۾ موجود هيو اوچتو گهران نڪري ٽرين هيٺيان اچي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو آهي. ريلوي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: خودڪشي ڪندڙ غلام عباسي ملڪ جي حياتي جي تصوير

اسلام ڪوٽ پرسان 17 ورهين جي ناري جو چونئري مان لٽڪيل لاش هٿ

پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

ناري جي ذهني توازن ٺيڪ نه هجڻ سبب هن خودڪشي ڪئي آهي: وارث

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ نيو سنهري لڳ سومار ڀيل جي ڏاٽي ۾ 17 ورهين جي ناري ڏاولي ڌيءَ منجي ڀيل جو چونئري اندر لاش لٽڪيل حالت ۾ هٿ آيو آهي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ناري جو لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جتي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ جي ڪارروائي جاري آهي پوليس موجب پوسٽ مارٽم ۽ ٻين قانوني ڪارروائين ڪانپوءِ ناري جي موت جو اصل سبب وڌيڪ واضح ٿي سگهندو فوتي ناري جي پيءُ منجي ڀيل پوليس کي ٻڌايو ته

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ساڪرو پرسان 133 ريگيوليٽر جهور واهه جي پل زبون، ٽرڪ ڪلٽي

پل ٽٽل ۽ ڪڙن جي ور چڙهيل، روڊس کاتي جي بي ڌياني سبب مرمتي ڪم رڪيل

پل جي حالت خراب هجڻ سبب ٽرڪ پراڻي پل جي ڪراس تان لنگهندي ڪلٽي ٿي پئي

ميرپور ساڪرو (ن ع) ساڪرو گهوڙاباري وايا ضامن هائوس کي ملائيندڙ روڊ تي 133 ريگيوليٽر جهور واهه جي پل ڪيترن مهينن کان ڪڏا پنجي ڪٽي ويل آهي، روڊس کاتي وارن جي بي ڌياني جي سبب پل جي بيهر ريپر، تعمير رڪيل آهي خاص ڪري هيوي گاڏين جي آمدرفت ڪئيل آهي اڄ زبون پل جي پر ۾ پراڻي پل جي ڪراس تان لنگهندڙ ٽرڪ ڪلٽي ٿي ڪري پيو پل جي تعمير نه ٿيڻ جي ڪري سبزيون مڇيون ۽ ٻين زرعي اجناس کي وايا ساڪرو ڪراچي جي منڊين تائين رسائي مشڪل ٿي وئي آهي

سکر سيپڪو پاران صارفين جي شڪايتن جي ازالي لاءِ هيلپ لائين سروس جو آغاز ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (سيپڪو) انجنيئر اعجاز احمد چنا پاران اهم هدايتون سيپڪو هيلپ لائن 118 صارفين جي شڪايتن جو تيزي سان ازالو سکر اليڪٽرڪ پاور ڪمپني (سيپڪو) جي هيلپ لائن سروس 118 صارفين کي بجلي سان لاڳاپيل شڪايتن ۽ مسئلن جو تيز، آسان ۽ اثرائتو حل فراهم ڪرڻ ۾ اهم

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مورو اسپتال ۾ بيهوشي بعد فوت ٿيل عورت جي وارثن لاش وصول نه ڪيو

عورت جي سڃاڻپ بائيو ميٽرڪ سسٽم تحت صبا ڌيءَ اشرف ملڪ ويڊل هالا طور ڪئي وئي

عزيزن سڃاڻپ باوجود عورت جو لاش وصول نه ڪيو، ايڌي رضاڪارن دفن ڪيو

مورو (ن ع) مورو ۾ بي هوشي واري حالت ۾ مليل عورت جي عزيزن سڃاڻپ باوجود فوت ٿيل عورت جو لاش وصول نه ڪيو مولانا حافظ خالد سيال ايڌي رضا ڪارن جي مدد سان جنازه نماز بعد سندس کي لاوارث طور دفنائي ڇڏيو ياد رهي ته مرحومه عورت گذريل ڏينهن مورو پرسان بيهوشي جي حالت ۾ هٿ آئي هئي عورت جي سڃاڻپ پوليس جي بائيو ميٽرڪ سسٽم تحت صبا ڌيءَ اشرف ملڪ ويڊل هالا طور

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ نوجوان جو معصوم پٽ سميت احتجاج، زال واپس ڪرائڻ ۽ انصاف جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار ۾ نوجوان پاران معصوم پٽ کڻي سهڻ طرفان زال کسي وڃڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

علاج ناهي جو بلا، ڪربلا ڪربلا
3500 . T.B. HEPATITIS B & C HIV
URGENTLY RELEASE ALL HIV, T.B & HEPATITIS REPORTS OF VILLAGERS
ENSURE FREE MEDICAL TREATMENT FOR AFFECTED RESIDENTS OF VILLAGE RAHMOON KEERIO
پاران: ڳوناڻا ڳوٺ رحمون ڪيريو تعلقه سڪرنڊ

سڪرنڊ: ڳوٺ رحمون ڪيريو جا رهواسي احتجاجي ريلي ڪڍي رهيا آهن

سکر واسڻ جو مڙس ۽ ساهورن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) قريشي ڳوٺ پير مراد شاهه ڪالوني جي رهواسي خان زمان لاکو جي زال مسمات ليليٰ پنهنجي معصوم ٻارن سان گڏ پنهنجي مڙس ۽ سسرال وارن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور ضلعي جي رٽائرڊ ملازمن کي هفتو گذرڻ باوجود پينشن نه ملي، احتجاج

خيرپور (ذ ر) ضلعي صدر فقير شفيع محمد سولنگي پريزيڊنٽ رٽائرڊ ايمپلائيز اينڊ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ناريءَ جي خودڪشي وارو معاملو انساني حقن واري کاتي پاران رپورٽ طلب

انساني حقن واري کاتي واقعي جو نوٽيس وٺي اعليٰ اختيارين ڏانهن خط اماڻي ڇڏيو

راجوير سنگهه سوڍا پاران تفصيلي رپورٽ طلب، قانوني ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ پيش آيل 23 ورهين جي ناري ڀاڳوٽيءَ جي خودڪشي واري واقعي تي انساني حقن واري کاتي پاران تحرڪ ورتو ويو آهي سنڌ حڪومت جي انساني حقن واري کاتي جي فوڪل پرسن اسد آزاد هنگورجو پاران واقعي جو نوٽيس وٺندي اعليٰ اختيارين ڏانهن خط اماڻيو ويو هو جنهن کانپوءِ وڏي وزير جي انساني حقن بابت معاون خصوصي راجوير سنگهه سوڍا پاران سخت هدايتون جاري ڪيون ويون آهن راڻا راجوير سنگهه سوڍا واقعي بابت لاڳاپيل ڌرين ۽ اختيارين کان فوري طور تفصيلي رپورٽ طلب ڪندي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران ٻارڙي سان زيادتي ڪيس ۾ نامزد جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جي ڪامياب ڪارروائي 9 سالن جي ٻارڙي سان زبردستي زيادتي جي ڪيس ۾ نامزد جوابدار گرفتار، سکر پوليس ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، 9 سالن جي ٻارڙي سان زبردستي زيادتي جو هڪ سنگين واقعو 2026-08-25 تي ڪندرا

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڏڙو: سڪا اڳواڻ ذوالفقار ميمڻ کي شليڊ ڏئي رهيا آهن

مورو جي يوسي گچيرو پراڙو پاران سنڌ ورهاڱي خلاف قرارداد پاس ڪئي وئي

مورو (ن ع) يونين ڪائونسل گچيرو پراڙو پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف قرار داد پاس پاس ڪئي وئي يونين ڪائونسل گچيرو پراڙو جي چيئرمين محمد اڪرم ٻگهيو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي ۾ ڳوٺاڻن جو نوجوان کي زخمي ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ڳوٺ الله ڏنو ٻرڙو واسين علي اڪبر، منظور، ڪمال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثرن حملو ڪري انصاف ٻرڙو کي زخمي ڪيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پرسان ڳوٺ الله ڏنو ٻرڙو واسي ڳوٺاڻن علي اڪبر ٻرڙو، منظور لاکو، ڪمال لاکو، غلام فاروق ٻرڙو، اسد الله ٻرڙو ۽ ٻين بااثر ۽ خون جي سزا يافته جوابدارن خلاف سخت احتجاج ڪيو، هنن چيو ته 20001 ۾ اسان جي نوجوان نواب ٻرڙو کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو هو، تيز ڌار ڇري سان ڪٺو ويو جنهن جو ڪيس داخل ٿيو عدالت سکيوري جوابدارن کي سزا ڏني، سزا بعد ٿاڻو آزاد ٿيل جوابدار رجب ٻرڙو، فوجي عبدالحڪيم، عرس ٻرڙو، ستار، نياز انور ۽ ٻيا هلان ڪري اسان جي ڳوٺ ۾ آيا ڇتي فائرنگ ڪري

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

SUKKUR ELECTRIC POWER COMPANY (SEPCO)

INVITATION TO E-BIDS

01) **Invitation to E-Bids:**
Sukkur Electric Power Company (SEPCO) invites "E-Bids" from WAPDA / PPMC / DISCOs Prequalified / Registered Manufacturers and approved Repairing Workshops under the category M-1 (Item-iv) Registered with Income Tax Department for the Execution of a Work Order / Rate contract for Repair of detailed below Damaged Distribution Transformers and their free lifting & delivery after repair at Consignee Stores i.e Regional Store SEPCO Rohri & Larkana.

02) **Method of Procurement:**
i. SEPCO Invites e-bids through "Open Competitive Bidding" Single Stage-One Envelope Procedure on FCS basis (Free delivery to Consignee's Store) Regional Store SEPCO Rohri & Larkana.
ii. The following Transformers shall conform to NTDC Approved Specification DDS-84:2007 with Amendment No 4 & Specification DDS-84:2020 with Amendment No 5 (Amended todate), on unit rate basis in local currency Drawings & Specifications (Amended todate) on FCS basis (Free delivery to Consignee's Store) Regional Store SEPCO Rohri & Larkana.

Detail of material is as under:

Tender No	Capacity of T/Fs	Specification No DDS-84:2007 Amended todate	Specification No DDS-84:2020 Amended todate	Categories	Last Date of Tender Closing & Opening		EPADS REFRENCE NO.
		Tentative Quantity With Amendment No 4	Tentative Quantity With Amendment No 5		CLOSING	OPENING	
1395/26	25 KVA	90 Nos.	10 Nos.	Repairable Damaged T/Fs having healthy body & core with oil	28.09.2026 10:30 AM	28.09.2026 11:00 AM	P111469
1396/26	50 KVA	180 Nos.	20 Nos.			28.09.2026 11:15 AM	P111484
1397/26	100 KVA	427 Nos.	47 Nos.			28.09.2026 11:30 AM	P111505
1398/26	200 KVA	447 Nos.	50 Nos.			28.09.2026 11:45 AM	P111520

03) E-bidding documents as per regulations, containing detailed terms and conditions, specifications and requirements etc are available for the registered bidders on **EPADS v2.0** on or before the aforementioned E-bid submission deadline at https://epads.gov.pk.

04) Those vendors, who have not yet registered on the new version of **EPADS v2.0**, may register themselves on https://vendors.epads.gov.pk/. A tutorial to explain the registration process is available at https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc

05) The electronic bids must be submitted by using **EPADS v2.0** on scheduled date & time; Manual bids shall not be accepted. Electronic Bids will be opened on the same day using **EPADS v2.0.**

06) E-Bidding documents, containing detailed terms & conditions, specifications and requirements etc. are available on e-Pak Acquisition and Disposal System (EPADS) at https://vendors.epads.gov.pk/.

07) All E-bids / Electronic bids, prepared in accordance to the instructions contained in the bidding documents all E-Bids must be accompanied by fixed bid security amount mentioned in biding documents in favor of Chief Executive Officer SEPCO Sukkur in the shape of Bank Guarantee / CDR / Banker Cheque from any schedule bank of Pakistan.

08) The bid validity period to be valid for **120 days**. The bank instrument shall remain valid for an additional **28 days** beyond the validity date.

09) The bidders shall upload scanned copy of Bid Security on **EPADS v2.0**. Original Bid Security must be submitted to the Procuring Agency on or before the closing date & time of e-bids submission, failing which the e-bid shall be rejected.

10) The bidders must quote firm and final prices and no request for escalation in cost after the bid opening shall be entertained.

11) The advertisement is also available on PPRA website www.ppra.org.pk and SEPCO website www.sepco.com.pk.

Note:
Notification of the GRC constituted in terms of Rule-48 of PPRA rules, 2004 is provided on EPADS at https://epads.gov.pk.

PID(H) 69/2026

Manager (Material Management) SEPCO SUKKUR
Address: Old Thermal Power Station Old Sukkur
Phone: 071-9310798- 071-5620079, Fax: 071-9310797
E-mail: arif.bhutto@sepco.com.pk

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.